

قلم جو سپاهي

هيرانند ڪرمچند

سهيڙيندڙ هيرو ٺڪر

قلم جو سپاهي

هيرانند ڪرمچند

•

سهيڙيندڙ :

هيرو ٺڪر

•

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، اُلهاسنگر-٣.

● ڪتاب بابت ...

پارتواسي گهڻو ڪري هيروازم کي پسند ڪندا آهن - پوءِ اهو رامايڻ جو زمانو هجي يا مهاڀارت جو، يا اڄ جو نئون يُگ يا دؤر هجي. رامايڻ يُگ ۾ رام جي پوڄا، مهاڀارت ۾ ڪرشن جي پوڄا، ته نئين يُگ يعني تازو ئي تازو هن دؤر ۾ پارتواسي جواهر لال نهرو جي جنسي پوڄا ڪندا هئا ۽ ڪي قدر ڪندا ايندا آهن. هنن لاءِ اهي شخص سڀ کان مٿي آهن. اهي گڻن جا ڀنڊار آهن، انهن ۾ ڪا به کوٽ يا ڪمي ڪونه آهي، انهن جو سڏ يعني اِلاهي آواز آهي.

سنڌي به کو ان لهر کان پري ڪونه آهن. شاه لطيف ڀٽائي، سنڌين جو هيرو آهي، اڳ ۽ اڄ به مرشد آهي

۽ مان به ان هيروازم کان ڪو ڇٽل ڪونه آهيان. ڪن شخص لاءِ پوءِ اهي گذري ويل آهن يا موجود آهن. انهن لاءِ منهنجي من ۾ عزت آهي، شرڌا آهي، جيئن ڪِ پروفيسر رام پنجواڻي ۽ هري دلگير، هيرانند ڪرمچند هجي يا سوڀو گيانچندڻي، گوبند مالهي هجي يا پوپٽي هيراننداڻي يا ڪرشن کٽواڻي. اها منهنجي ڪمزوري آهي، اها ڪمزوري ڇو آهي؟ ان جو ڪو دليل ڪونه آهي - ڪا لاڄڪ ڪانه آهي، بس من جو لاڙو آهي. اڄ جي زماني ۾ شخصي لاڀ، سوارٿ کي وڏي جاءِ آهي، پر مان پنهنجو پاڻ سان ايماندار رهندي چوان ٿو ته مون کي ڪو انهن ۾ سوارٿ ڪونه آهي، هون۽ به منهنجي آڏو فقط هڪ ئي اُصول آهي ته، پنهنجو پاڻ سان ايماندار رهه.

To Be true to yourself.

بس، ۽ هي ڪتاب 'قلم جو سپاهي - هيرانند ڪرمچند' منهنجي ان هيروازم جو هڪ ٻيو مثال آهي. هن کان اڳ 'پروفيسر رام پنجواڻي - شخص ۽ ڪلاڪار'، ٻيو 'سوڀ ساڄي ... سوڀو' ۽ هاڻ هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي.

QALAM JO SIPAHI
Hiranand Karamchand

Compiled by :
HIRO THAKUR

SINDHI TIMES Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar - 421 003.
Tel. : 544100
Fax : 0251 - 550575

Published by :
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times Publication

Printed by :
Vishal Enterprises
Ulhasnagar - 421 004.
Phone : 529932

Sole Agent :
Jagdish Book Depot
Main Bazar,
Ulhasnagar - 421 002.
Tel. : 540455

Price : Rupees Fifty Only
Year : October'2000.

سلسلو

مهاڳ

ڪنهن بہ جاتيءَ جي مهانتا اِن تي نہ ليکي ويندي آهي تہ اُن جاتيءَ
کي ڪيترو ڌن سمپتي آهي. ڪنهن جاتيءَ جي ماڻهن وٽ ڀلي سون جي
ڇتين ۽ چانديءَ جي ڀتيُن وارا مَڪان هجن ۽ مڪانن جي ڀتين تي ڀلي
هيراموتي بہ جَڙيل هجن، اِن ڳالهہ کي ڪا گهڻي اهميت نہ آهي ۽ نہ ئي اِن
ڳالهہ کي ڪا گهڻي اهميت آهي تہ ڪنهن جاتيءَ جا باشندا وڏو اثر رسوخ
رکندڙ هجن، راجنيتي ۾ اڳراهجن ۽ وقت جي حاڪمن کان پنهنجا ڪم
ڪڍائي سگهندا هجن. دراصل، ڪنهن بہ جاتيءَ جي سچي مهانتا تہ اِن ۾
آهي تہ اُن جاتيءَ جي ماڻهن ۾ پنهنجي سماج، قوم ۽ ديش لاءِ قرباني ۽
بليدان جو ڪيترو معدو آهي. اگر اُن جاتيءَ جا ڪي ماڻهو پنهنجي جاتيءَ،
پنهنجي ديش، پنهنجي سماج لاءِ پنهنجو سڀُ ڪجهہ ويندي پنهنجي جان
بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هجن، تہ اُهي شخص مهان آهن ۽ اُهي پنهنجي
جاتيءَ جو سينگار بڻجن ٿا، اُنهن کي مهانتا بخشين ٿا.

تاريخ جي هردور ۾ ۽ زندگيءَ جي هر کيتر ۾ سنڌي جاتيءَ مهان
ئڪتي-آدرش اُصولن جا پڪا، قرباني جا ٻُتلا، سچائيءَ ۽ سپتيائيءَ ۾ وشواس
رکندڙ عام زندگيءَ ۾ نهٺائيءَ ۽ نئڙت تي هلندڙ، پر اُصول لاءِ جان بہ ڏيندڙ،
پيدا ڪيا آهن. اهڙا ئي آدرش اِنسان، پيڙهي در پيڙهي سنڌين لاءِ اُتساهہ ۽
همت جو سرچشمو بڻيا رهيا آهن ۽ شايد اِهو ئي سبب آهي جو سنڌي جاتي
وقت بہ وقتا گهڻن ئي سنڪٽن مان گذرڻ بعد بہ، اڃ بہ پنهنجو وجود قائم
رکيو ويٺي آهي، ۽ پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪيو ويٺي آهي.

تازو گذريل وقت ۾ اهڙو ئي هڪ مثالي شخص ۾ ڪو سنڌين ۾ پيدا ٿيو،

هري دلگير جي هڪ گيت جون سٽون آهن ته :

چڏ مونکي سکي - منهنجي لاءِ موهن ئو نهاري.
جمنا جي ڪناري .
تون نوڪ پلي بلي، روڪ جو پر ٿيُ نه وسيلو .
هلندءِ نڪو حيلو .
ساجن جو چڏي سنگ - هتي ڪيئن سگهان گهاري .
جمنا جي ڪناري .

بس، ان راڌا وانگر، مون لاءِ فقط موهن آهي. پلي ته ٻيا ڇا به چون، پر مون تي ان جو ڪو اثر ڪونه آهي.

ها ته، سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان هيءُ ڪتاب پيش آهي.

هيرانند ڪرمچند تي ڪو ڪتاب ڪڍڻ جو ويچار هو، ته اتفاقن دهلي سنڌي اڪادميءَ طرفان دهليءَ ۾ هيرانند تي سيمينار ٿيو. اتي پيپر پڙهيا ويا، بس، منهنجي ويچار کي ڪو روپ ملي ويو. ان سيمينار ۾ پڙهيل پيپر ۽ هندواسيءَ ۾ هيرانند تي آيل ليک گڏي هن ڪتابي صورت ۾ آندا ويا آهن. شڪر گذار آهيان پنهنجي ڪنهن وقت وديارٿي ۽ هاڻ دوست، نندي ڀاءُ هيرو ٺڪر جو، هن سهڪار جو هٿ وڌايو ۽ هن مجموعي ۾ آيل مواد جي سهيڙ ڪئي. ۽ دهلي اڪادميءَ جي سيڪريٽري، ڊاڪٽر جيٺو لالوانيءَ جو، جنهن اڪادميءَ طرفان ٿيل سيمينار ۾ پڙهيل مقالن ڇپائڻ ۽ هن مجموعي ۾ آڻڻ جي اجازت ڏني. (ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي به منهنجو وديارٿي ٿي رهيو آهي) ۽ ... ۽ شڪر گذار آهيان، ماءُ سمان، وڏي ڀيڻ ڪملا هيرانند جو ۽ شري منگهارام سپاهيملاڻيءَ جو جن نه فقط اتساهه ڏياريو بلڪ مالي مدد به ڪئي هن مجموعي کي توهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ۽ بس.

نارائڻ ڀارتي
مکيه سمپادڪ،
سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن.

٥٦، هيرا هائوسنگ سوسائٽي،
اُلهاسنگر - ٣.
پهرين مارچ، ٢٠٠٠ع

آهي ۽ حرڪو پئسي ۽ پاور جي ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آماده ٿي رهيو آهي. اهڙي وقت ۾ هيرانند جهڙن قربانيءَ جي پُتلن ڏانهن ازخود ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو ۽ سوچجي ٿو ته اهڙن آدرش شخص جا مثال سماج اڳيان پيش ڪري، سماج کي ۽ پنهنجي نئين پيڙهيءَ کي پنهنجي پرميرائڻ تي، پنهنجي آدرشن تي فخر وٺڻ ۽ اُنهن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪجهه جتن ڪجي.

دادا هيرانند ڪرمچند جي جنم شتابدي، جيڪا گذريل سال آڪٽوبر جي مهيني ۾ ٿي، تنهن اِن ويچار کي وڏيڪ پختو بڻايو ته اهڙن لائق شخص جي جيون ۽ ڪارج کي سماج ۾ پڌر ڏجي، جيئن، نه فقط جاتي مٿان سندن جيڪو فرض آهي سو ڪنهن حد تائين لاهڻ جو موقعو فراهم ٿئي، پر ساڳئي وقت نئين پيڙهي کي صحيح راهه ڏانهن وَڌڻ جي ڪا ڏسا به ملي.

اِن خيال جي مدنظر سنڌي اڪادميءَ جي وائيس چيئرمن پاءُ سريش ڪيسواڻي (ايم.پي. راجيه سڀا) ۽ سيڪريٽري شري جيني لالواڻيءَ کي، هيرانند ڪرمچند تي سيمينار سڏائڻ لاءِ تجويز جو سواگت ڪيو ۽ سيمينار سڏائڻ لاءِ هرڪا سهوليت ڏني.

سيمينار لاءِ، هيرانند ڪرمچند جي زندگي ۽ ڪاريه بابت مقالا بڪارائڻ لاءِ سنڌيءَ جي پرسڌ ودوان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پروفيسر ڪي اين واسواڻي، برک ليکڪ ۽ سينير ائڊووڪيٽ شري رام پنجواڻي ۽ ٻين جا نالا طئه ڪيا ويا. اِنهن صاحبن کي دادا هيرانند کي ڪنهن نه ڪنهن طرح قريبيءَ کان ڏسڻ جو ۽ ڪن کي ته هُن سان گڏ رهڻ ۽ گڏ جي ڪاريه ڪرڻ جو به موقعو مليو هو. سو اُنهن صاحبن به اسان جي آڇ کي مان ڏنو ۽ تمام سٺا ۽ ڪارائتا مقالا لکي سيمينار ۾ پيش ڪيائون.

اِن وچهه، هيرانند ڪرمچند جنم شتابديءَ جي موقعي تي جدا جدا اخبارن ۾ به اِن لائق پترڪار تي گهڻائي ليکه ڇپيا، جنم ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي ۽ شري هري دلگير جي ليکن، خاص طرح ڌيان ڇڪايو. ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ دادا هيرانند ڪرمچند سان ”هندستان“ اخبار ۾ گڏجي ڪم ڪيو هو ۽ هُن کي تمام نزديڪ کان ڏسڻ جو ڪيس موقعو مليو هو. هيرانند جو اُملهه گڻن جو هڙ شيدائي آهي. اڳهه به هيرانند تي متعدد ليک لکيا اٿس ۽ پڻ وقت به وقت هيرانند ڪرمچند ڏانهن عزت ۽ عقيدتمنديءَ جو اِظهار ڪندو رهيو آهي.

سو هو دادا هيرانند ڪرمچند. سنڌيءَ جي اخبارنويسي شروع ڪان ئي ولي هڪ
روشن ڪيتر پئي رهي آهي. ساڌو هيرانند ۽ جيٺمل پرسرام جهڙن پترڪارن
سنڌي اخبارنويسيءَ جون ڪي پرمپرائون جوڙيون. اُن کي بلنديءَ تي رسايو هو
هيرانند ڪرمچند اُنهن پرمپرائن کي پختو ڪيو ۽ اڳتي وڌايو.

دادا هيرانند ڪرمچند هڪ بهوُمکي شخصيت هو. هوُ ويچارڪ هو
سوتنترتا سنگرامي هو ۽ سڀ کان وڌيڪ هڪُ آدرش اخبارنويس ۽ ايڊيٽر هو. هو
ڪيتر ۾ دل وجان سان ڪم ڪيائين. سنڌس ويچار ڳوُڙها، فيلسوُفاڻا ۽ آتم
چنتن وارا هئا. سنڌس ڊائري سنڌس من جي سنسار جو، سنڌس ويچارن جي
وِلوڙ جو، سنڌس اڌياتمڪ چنتن جو پرتڪ درشن ڪرائي ٿي.

سوتنترتا سنگراميءَ طور هُن ديش جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سرگرم ۽ تڪ
ڀرو ورتو. ڪِن موقعن تي جيل ۾ به ويو. گانڌيجي ۽ ٻين راشٽريہ نيتائن سان
سمپرڪ ۾ به آيو ۽ اُنهن مان ديش ڀڳتيءَ جي، پنهنجي مقصد لاءِ پنهنجو سڀ
ڪجهه قربان ڪرڻ جي سچائيءَ ۽ سُنائيءَ جي راهه تي، نڊر ۽ بي باڪ بڻجي
اڳتي اڳتي وڌندي رهڻ جي پريرڻا حاصل ڪيائين.

هيرانند ڪرمچند جو هڪ اخبارنويس طور رول به گهٽ ڪٿو سوتنترتا
سنگرامي واري رول سان مليل جُهليل آهي. آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ سماج جي
مختلف ڪيتري جي شخصن، پنهنجي پنهنجي توفيق ۽ لائقيءَ موجب يو
دان ڏنو هو. هيرانند وٽ پنهنجي ويچارن جي، پنهنجي قلم جي طاقت
هئي. هُن پنهنجي قلم کي ڪم آڻي، قلم جو سپاهي بڻجي ڪري، انگري
سامراج جي مخالفت ڪرڻ ۽ انگريزن کي هيءُ ديش ڇڏي، ڀارت کي آزا
بڻائڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي ڪم ۾ يوگدان ڏنو. اِن مقصد لاءِ اڳتي وڌندي ه
رستي ۾ ايندڙ هر رُڪاوٽ جو مُڙس ٿي مقابلو ڪيو. پنهنجو پاڻ کي وسار
ڇڏيو، پنهنجي ڪٽمب جي سُکن سهنجن کي وساري ڇڏيو، عيش ۽ آرام م
زندگي گذارڻ جي هر تمنا ۽ هر وَجهه ۽ موقعي کي ٺڪرائي ڇڏيو.

دادا هيرانند جي زندگي اٽل وشواس ۽ قربانين جو هڪُ لمبو داستا
آهي، جنهن ۾ نيي نيي تي اُتساهه ۽ پريرڻا سمايا پيا آهن.

آج جڏهن، دنيا اُچن آدرشن ۽ اُصولن کان خالي ٿيندي پيئي و
پئسي ۽ ڌن دولت جو مول مٿاهو آهي ۽ چوڌاري سماجڪ قدرن ۾ گراوٽ اچي ره

١. شري هيرانند ڪرمچند -

اخبار نويسيءَ جي آسمان جو چمڪندڙ ستارو، سوتنترتا سنگرام جو سورمو، قربانيءَ جو پتلو، تياڳ مورتي ۽ روحاني راه جو پڪو پانڌيئڙو.

- پروفيسر ڪي. اين. واسواڻي.

سنڌي جاتي جا موهن جي دڙي جي اوچ آڳاٽي قديم پراچين سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي خوش نصيبان وارث آهي ۽ ان لاءِ فخر وٺي ٿي. ان لاءِ ڀارت جي ورهاڱي جي مصيبت بعد مکيه ۾ مکيه سڀ کان وڏيڪ اهم سوال، مسئلو آهي جو سڄي جاتيءَ کي ستائي رهيو آهي سو آهي : سنڌي جاتي جيوت رهندي؟ زنده رهندي؟ ڪين تواريخ جي پنيءَ تان ميسارجي ويندي؟ گم ٿي ويندي؟

مشهور سنڌين جي شاعر شري نارائڻ شيام هن سنڌين جي دل جي فڪر ۽ ڳڻتيءَ کي ڏک ڀريل لفظن ۾ اظهاريو : ''الا شل ائين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي ته هئا سنڌي ۽ سنڌ وارن جي ٻولي!' ڪيڏو نه فڪر، ارمان ۽ افسوس سمايل آهي هنن ٿورن سڌن سادن نارائڻ شيام جي شبدن ۾ اهو درد ڀريو آواز آهي. هن اهم سوال جو جواب ڪهڙو؟ هن مکيه مسئلي جو حل ڪهڙو؟ سنڌي جاتي جيوت رهندي، زنده رهندي، وڌندي ويجهندي يا گم ٿي ويندي، غائب ٿي ويندي، رڳو ڪتابن ۾ ناليءَ ۾ پڙهائي ۽ ڳڻائي ويندي؟

انهيءَ جواب جتو زوردار ته سنڌي جاتي جيوت رهندي، زنده رهندي، وڌندي ويجهندي، سدائين قائم دائم رهندي جو ته سنڌي جاتيءَ جي خوبي ۽ خاصيت آهي ننڍيتو ورلو ياد رکڻ جو،

اُنهن ليکن کي بہ هن مجموعي ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جي هيرانند ڏانهن عقيدت ايتري تہ پختي آهي، جو هُن جي اِها دلي تمنا هئي تہ سنڌي اڪادمي دهليءَ جي هيرانند ڪرمچند تي ڪرايل سيمينار جا مقالا، ٻين ڇپيل مضمون مقالن سان گڏ، هڪُ سندر پستڪ ڇپائڻ بہ ڪو سولو ڪم نہ آهي، اِنڪري هُن اِها بہ آڇ ڏني تہ اُهو پستڪ سنڌس ئي پبليڪشن - سنڌي ٽائمس پبليڪشن ڇپائڻ لاءِ تيار آهي. ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي جي اُن دِلڪش آڇ کي قبوليندي ئي اُن تي عمل ڪندي، هيرانند ڪرمچند تہ هي پستڪ شايع ڪيو پيو وڃي، جيڪو اُميد تہ سنڌي ساهتيہ خاص اِور اخبارنويسي واري کيتر لاءِ هڪُ نهايت ئي اهم ۽ يادگار پستڪ ثابت رهندو.

مان سنڌي اڪادمي دهليءَ جي عهديدارن هن ڪتاب جي سڀني مقالا نويس جو ۽ خاص طور ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتيءَ جو بيحد شڪر گذار آهيان، جن جي سهڪار بنا هي سندر پستڪ شايع ڪرڻ ممڪن نہ هو.

شِيَاونا نِڪيتن
دهلي - 110034
4-4-2000

هيرو ٺڪر

جيون جي ياد ۾ رچايو آهي ته راجڌاني دهليءَ جا سنڌي نواسي ۽ ٻيا ٻڻ جنهن جي آدرش جيون مان ڪجهه واقف ٿي پريرڻا پائين، سي ان لاءِ ڌنيواد جا لائق ۽ مبارڪن جا مستحق آهن.

ڌنيواد جا ڀاڱي ۽ واڌاين جا حقدار آهن ضرور ممبئيءَ جا سنڌي جو ته ممبئي نه فقط ڀارت جي Commercial Capital آهي پر سنڌين جي لاءِ ته اها اسانجي Cultural Capital آهي، جو سنڌين اتي سڪول، ڪاليج، اسپتالون، هنري گهر، گهر مڪان، دڪان، مندر نڪاٽا، ساهت سڀائون، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سڀتا سنڌو گهر جهڙا سنا هنڌ برپا ڪيا آهن، جت سنڌيت جي جوت جڳندي رهي ۽ سنڌيت جي سڳنڌ ڦهلجندي رهي.

سنڌي جاتيءَ جا شڪرانا ۽ ڌنيواد آهن هندستان ۽ هندواسيءَ وارن لاءِ ۽ مانيور پاءُ منگهارام سپاهيملاڻيءَ لاءِ پڻ جن هندستان ۽ هندواسيءَ کي سنڌين جو آواز ٻڌائي رکيو آهي ۽ انهن جي دواران سنڌي ساهتيه ۽ سنسڪرتيءَ کي جيوت رکڻ جي هلچل کي هٿي ڏيئي ۽ پڪيڙي رهيا آهن ۽ سنڌي سنتن، ديش ڀڳتن، سماج شيوڪن جو ورسيون ملهائڻ جي موقعي تي سنڌن جيون ۽ ڪاريه تي سهڻا خاص پرچا ڪڍي جاتيءَ کي جيوت ۽ سجاڳ رکندا ٿا اچن، جئن ويجهڙائيءَ ۾ دادا جشن، دادي هري، شري هيرانند ڪرمچند تي پرچا ڪڍيا اٿن.

شري هيرانند ڪرمچند ته سچا سارا ٥٠ سال هندستان ۽ هندواسيءَ سان ڳنڍيل هو، انجو هلائيندڙ، ان لاءِ تياڳ ڪندڙ، انجي دواران قرباني، شيوا ۽ تياڳ، تپسيا، ساڌنا، ديش شيوا جو سنيهو پکيڙيندڙ هو. سڀ ڪان وڏي خاصيت جا شري هيرانند ڪرمچند جي هئي سا هئي ته گانڌيءَ ۽ سڀاش چندر بوس جي آدرش ۽ چوڻ موجب اسانجي هيري اخبارنويسيءَ جي آسمان ۾ چمڪندڙ ستاري اخباري نويسيءَ کي هڪ Profession يا ڌنڌو نه

ڪڏهن به نه وسارڻ جو، سديوان کي ٻڌائڻ جو، ان لاءِ فخر وٺڻ جو سنڌي جتي به هوندا موهن جي دڙي جا اسين وارث آهيون، ڪين وساريندا، شاهه سچل سامي جو سنيهو، سنڌيت جو سنيهو ڪين وساريندا. 'سنڌيت سچي سيڪاري ڪنهن سان نه وير رکڻ، سنڌيت سچي سيڪاري، سارو جهان اسانجو.' اسين سنڌي، سنڌواسي آهيون، ڀارتواسي آهيون ۽ آهيون پڻ وشواسي. جتي به آهيون اسانکي ياد آهي اسانجي ڪوي بيوس جو سنيهو ۽ سکيا.

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون يي ره! مان يي رهان!

آڻ منورتيءَ ۾ ڦيري، تون يي ره! مان يي رهان!

ڪهڙي نه سادي سنڌي، وڻندڙ، اثرائتي صلاح ۽ سکيا جا سنڌيت جو سچو سبق تي سيڪاري!

سنڌي جاتي جيوت رهندي، زنده رهندي جو ته سنڌين جي سني ريت آهي پنهنجن سنتن، درويشن، ديش ڀڳتن، ڪوين، جن به جاتيءَ جي شيوا ڪئي آهي، سماج شيوڪ هئا يا گڻوان نيتا هئا، يا قربانيءَ جا پتلا هئا، يا سادگي ۽ شيوا جا سروپ ۽ مثال هئا، جيئن ساڌو واسواڻي يا سوامي ليلا شاهه يا ديش شيوا جي کيتر ۾ آچاريه ڪرپالاڻي ۽ سچيتا ديدي، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، شري جيرامداس، مثال طور پڻ شري هيرانند ڪرمچند، تن کي ضرور ياد رکندا ۽ انهن جون ورسيون ملهائيندا، انهن جي گڻن، قربانين کي ياد ڪري انهن جو مثال ڏيئي جاتيءَ جي نئين ٽهيءَ کي انهن جي جيون مان سبق پرائي شيوا ۽ قرباني، سادگي ۽ تياڳ کي پنهنجي جيون ۾ اپنائڻ ۽ چمڪائڻ لاءِ آماده ڪندا.

سنڌي اڪادمي، دهلي جي وائيس چيئرمن شري سريش ڪيسواڻي، سيڪريٽري شري جيني لالواڻي، ڪنوينر شري هيري ٺڪر حن هي سٺو سيمينار شري هيرانند ڪرمچند جي شتابديءَ جي موقعي تي سنڌس ياد ۾ سنڌس قرباني، شيوا، تياڳ جي

اها آهي هڪ بي ڏيي بهادر سچار قومي خدمتگار جي ٻئي اهڙي ئي بي ڏيي، بهادر سچار قومي ڪاريه ڪرتا لاءِ عزت. سچائي ۽ بهادريءَ لاءِ بردباري، دل جي همت ڪپي. شري هيرانند ڪرمچند ۾ اها هئي ۽ اها ڏيکاريائين. اندرا گانڌيءَ جي Emergency وقت جڏهن ڪيس پنهنجن جهونن دوستن ڪانگريس وارن کان الڳ ويچار رکڻ ۽ ان موجب رخ رکڻ جي همت ڏيکارڻي پيئي، هو ڪانگريسي هوندي به Emergency جو حمايتي نه رهيو. اهڙي بي ڏيي هيرانند کي سوَ سوَ سلام!

مشهور چوڻي آهي ته ڪنهن به سني ڪاريه ڪرتا جو قرباني، تياڳ ۽ ديش شيوا ڪري ٿو، انجي پرسان ڪيس اُتساه ۽ پريرڻا ڏيندڙ هوندي آهي هڪ استري - استري شڪتيءَ جو روپ آهي. شري هيرانند ڪرمچند هن ڏس ۾ خوش نصيب ۽ ڀاڳيوان هو جو ڪيس جيون ساٿيءَ جو روپ ۾ ايشور ڏني. اسانجي ڀيڻ جهڙي گڻوان همت ڀري تياڳ ۽ تپسيا واري، قربانيءَ جي پتلي مانيه ڀيڻ ڪملا ديوي جا ساٿس گڏ جيل ڪاٽڻ لاءِ تيار ۽ انجون سختيون بردباريءَ سان به سنائين چي هيرانند ڪرمچند ڪنهن وقت اخبار جي مالي حالت ڪري پنهنجي لاءِ ١٠٠ رپيا بدران فقط ٨٠ رپيا پگهار وٺڻ جو مثالو پيش ڪيو ته ائين ٿو چيو وڃي ته هندستان اخبار هند ۾ هلائڻ لاءِ ڪملا ڀيڻ پنهنجن زيورن جي قرباني ڪرڻ جي به آڇ ڪئي. اهڙي ديش پريمي ڀيڻ جا اڄ اسان جي وچ ۾ آهي، انکي اسان سڀني جا پرنام!

هيرانند ڪرمچند ۽ ڪملا ديويءَ جي جوڙي کي قدر اسانکي آچاريه ڪرپالاڻي ۽ سچيتا ديدي اهڙي ئي ديش ڀڳتي واري، قرباني ۽ تياڳ واري ۽ ٻاڻ ۾ همدردي، هڪجهڙائي ۽ پريم ڀريل جوڙيءَ جي ياد ٿي ڏياري، سچيتا ديديءَ وانگر ڪملا ديديءَ کي ڀڻ پنهنجي ئي شخصيت اندر Leadership Qualities

مگر هڪ Mission هڪ ساڌنا ڪري قبول ڪيو هو - اهو هنجي لاءِ هڪ جيون مقصد هو، اخبار نويسي هنجي لاءِ هنجي جيون هئي. قرباني ۽ جي جيون، تياڳ جي جيون، ان لاءِ هو جيل ويو، سڀ تڪليفون سنائين. سيني سنڌين کي پڻ پارتواسين کي فخر جو سبب آهي ۽ گانڌي ۽ نهرو سيني جو چوڻ آهي تہ سنڌ جي هي ۽ قومي اخبار هندو ئي هئي جنهن جا سڀ ڪان وڏيڪ سمپادڪ هڪ ٻئي پٺيان جيل ويا، جيرامداس، چوئترام، گهنشيام، هيرانند، وشنو شرما، لوڪرام شرما ۽ ٻيا. اهو History of Indian Journalism ۾ هڪڙو مثال، هڪڙو فخر ڀريو Record آهي.

ٻي خاص خوبي جا هيرانند ڪرمچند جي اخبارنويسي ۽ کي چمڪائي ٿي، سا هئي سندس سچائي، ٻي ڊپائي. انجو هڪ مثال آهي تہ مرارجي ڀائي بمبئي ۽ جي Chief Minister هڪ دفعو ڊاڪٽر چوئترام ۽ شري هيرانند ڪرمچند کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيو تہ توهانجي اخبار ڪانگريس جي خوب نقطچيني ٿي ڪري ۽ تڪو ٿي لِکي. شري هيرانند فضيلت سان جٽن هنجي خوبي هئي ۽ ٻي ڊپائي ۽ سان چيو تہ هڪ سٺي آدرشي ڪانگريس جي ميمبر وانگر سچائي ۽ سان ڪانگريس جو نُڪتہچين ٿي مان هڪ نموني سچ تہ ڪانگريس جي شيوا پيو ڪريان.

اهڙو ٻي ڊپو سچائي ۽ جو ڪوڏيو، آدرش اخبار نوبس هو اسانجو هيرو هيرانند ڪرمچند.

انلاءِ چون ٿا تہ سواءِ آچاريہ ڪرپالاڻي ۽ جي ٻيو اهڙو ٻي ڊپو ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ ۽ ڪنهن جي ٻہ رکہ رکائي ڪرڻ وارو نہ هو، مگر ڪوڙو سچ جئي ڏيڻ وارو هو، سو هيرانند ڪرمچند کي بسند ڪندو هو ۽ آچاريہ ڪرپالاڻي ۽ چيو آهي تہ مونکي هيرانند ڪرمچند لاءِ وڏي عزت آهي.

جي چرنن ۾ وچي وهندو هوس ۽ پڻ پياري ڀاءُ جشن ۽ شري گنگارام ۽ دادي هريءَ سان گڏجاڻي ٿيندي هئي ۽ سندن دعا ملندي هئي. دليپ ڪمار راءِ جي ايشور ڀڄن ٻڌڻ جو آنند ملندو هو ۽ جي خوش نصيبي هوندي هئي ته موقعو ملندو، ان اديب درشن جو ته ڪيئن اندرا ديدي ڀڳتيءَ جي بي دنيا ۾ پهچي ميرا وانگر ٿي ڳائي - ڊاڪٽر وشنو شوداساڻي ۽ سندس پتني ستي ديوي دليپ ڪمار راءُ ۽ اندرا ديديءَ سان هيرانند ڪرمچند ۽ ڪملا وانئر ڳنڍيل هئا سندن شرڌا هئي ۽ مان گهڻو ڪري انهن سان گڏ ئي آشرم ۽ مندر ۾ ويندو هوس. جڏهن مان پوني ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي ڪوليل ميرا ڪاليج جو پرنسيپال ٿي اتي رهيل هوس. ڊاڪٽر وشنو شوداساڻي، پروفيسر گهنشيام جو ڀاءُ هو ديش پريمي هو ۽ ڪنهن وقت اهو به قومي اخبارن سان ڳنڍيل هو ۽ جيل جي ياترا ڪري چڪو هو.

شري هيرانند ڪرمچند ڀڳوان جو ڀڳت هو ته ايشور به مٿس ديال هو. ڪيس پتني ڪملا به اهڙي ملي جنهن جي دل ۾ ديش ڀڳتي ۽ قرباني ڀريل هئي ۽ ستي ڪٽنب مان آيل هئي، هوءَ آچاريه ڪرپالاڻيءَ جي ڀاڻتي هئي.

شري هيرانند ڪرمچند کي ايشور اهڙو ڀاءُ ڏنو هو ديش شيوڪ هو. قومي ڪاريه ڪرتائن ۾ هڪ املهه ڳهڻو، چمڪندڙ هيرو هو هيرانند وانگر. اهو هو شري شيوڪرام ڪرمچند جنهن دهليءَ ۾ لالا لجپتراءِ جي Servants of People Society جي چيئرمن جي حيثيت ۾ شيوا جا عجب ڪاريه ڪري ڏيکاريا. Lajpat Bhawan جهڙي سنستا برپا ڪري وڌائين، جنهن هيٺ سڪول-سپتال- - - - لاءِ ڪم جو ڪاريه، يوگا ڪيندر، ڪيئي شيوا ڪاريه هلي رهيا آهن. ايشور جي ديا سان مونکي به انهن شيوا ڪارين ۾ حصو وٺڻ جو موقعو مليو جو ڪجهه سال مان انجو وائيس

رهيون آهن. هو قومي هلچل ۾ تقريرون به ڪري ٿي سگهي، ميٽنگون به ٿي ڪوٺائي سگهي، دل اٿاريندڙ قومي پاونا پريندڙ ليکڪ به ٿي لکي سگهي ۽ اجا به پيئي لکي ۽ هڪ سنو ڪتاب هيرانند ڪرمچند تي به لکيو اٿس - پنهنجي سود هڪ سني ليکڪا آهي، جنهن کي ڪابه سنڌي اڪادمي انعام ڏيڻ ۾ فخر وٺي سگهي ٿي.

اسانجو هيرو هيرانند ڪرمچند پنگتي سڌارڪ هو. ڏيتي ليتيءَ جي ڪُرسم جي خلاف ۽ ايتري قدر پڪو جو جڏهن سندس ڪٽنب ۾ پٽس جو هونءَ هيرانند ڪرمچند جي آدرشن ۽ اصولن کي پسند ڪندو هو، ان پنهنجي هڪ پٽ لاءِ ڏيتي ليتي کان دور نه رهيو ته هيرانند ڪرمچند ان شاديءَ کان نه فقط پاڻ دور رهيو، مگر پڻ ڪملا کي به چيو ته تون به دور رهه ۽ هن به ائين ئي ڪيو. اهڙو دردِ ۽ پنهنجن اُصولن ۽ آدرشن تي پڪو هو اسانجو هيرانند ڪرمچند.

هيرانند ڪرمچند نه فقط ديش ڀڳت، پنگتي سڌارڪ، آدرشي بي ڊپو اخبارنويس هو مگر هو روحاني راه جو به پڪو پانڌيئڙو هو. ڪملا ۽ هيرانند ٻئي اندرا ديدي ۽ دليپ ڪمار راءِ جو سري اربندو جو ساڌڪ هو ۽ جن جو آشرم پوني ۾ هو تن سان پيار ۽ صدق ۾ ٻنڌيل هئا ۽ وٽن پيا ويندا هئا. دليپ ڪمار راءِ ايشور ڀڄن ناچڻ ۽ ڳائڻ لاءِ مشهور هو ۽ اندرا ديدي جڏهن ايشور ڀڳتيءَ ۾ اُڏامي عرش تي پهچندي هئي ۽ سڌٻڌ وڃائي ويهندي هئي ته سندس زبان مان ميرا ڀڄن پيا هڪ قدرتي چشمي وانگر منا منا دل موهيندڙ نڪرندا هئا. مان به جڏهن پوني ويندو هوس ته منهنجي لاءِ ٿي مکيه جايون تيرٿ ياترا وانگر هونديون هيون، هڪ آغا خان جو بنگلو جتي مهاديو ڀائي ۽ ما ڪستوربا جون سماڌيون هيون، ٻيو ميرا ڪيندر جتي پنهنجي گرو ساڌو واسواڻي

اوچ تي رسايو اٿائين. اڳي ڪوٽ بدران هينئر ڪجهہ اُپٽ اٿن، انڪان وڌيڪ هندستان ۾ هندواسيءَ ڪي سنڌين ۾ سنڌيت جو آواز بڻايو اٿن، انهي فتحياب ٿيا آهن، سنڌيت جي جوت جلندي رهي، ان ڏس ۾ سنتن ۾ درويشن، ساڌو واسواڻي، ليلا شاهہ، ڀڳت ڪنور، ديش ڀڳت جيرامداس، چوئٿرام ۾ ٻين پڻ هيرانند تي خاص پرچا ڪڍي سنڌيت جي ياد تازي ڪندا رهندا آهن، ان شيوا لاءِ ڪين ڏنيواد. شل وڌيڪ ٿي ان ڏس ۾ ڪندا رهن! تہ سنڌي جاتي ۾ سنڌيت سديو جيوت رهنديون، زنده رهنديون. ●

چيئرمن هوس، جڏهن دهليءَ ۾ شري جيرامداس دواران Collected Works of Mahatma Gandhi جو ايڊيٽر هوس ته Lajpat Bhawan جو ڪم به ڪندو هوس!

شري شيوڪرام ڪرمچند جي پتني سيلونتي ديوي به ديش سيوڪا جيل ياترا ڪري آئي هئي ۽ پنگتي شيوا ڪاريه ۾ ساڻس گڏ شامل هئي.

شيوڪرام گانڌيءَ جي آزادي هلچل ۾ ته هيرانند جيان جيل ياترا ڪري چڪو هو مگر هن اندرا گانڌيءَ جي Emergency جي خلاف آواز اُٿاري پيمسين سچر ۽ بين سان گڏ جيل ياترا ڪري پنهنجو جوهر ۽ شڪتي ڏيکاري ته آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڪيئن لڙبو آهي. شري شيوڪرام نماڻو نهنو لاطمع اهڙو جو جڏهن لال بهادر شاستريءَ کيس راجيه سڀا ميمبر ٿيڻ جي آڇ ڪئي ته ڪونه قبول ڪيائين. مان هن سيوا ڪاريه کي جو Servants of People Society جي دوارا وينو ڪريان ان ۾ وڌيڪ خوش آهيان، آڇ لاءِ وڏي مهرباني. اهڙو قرباني پسند شيوا جو ڪوڏيو! نهنو، نماڻو سادگيءَ جو سروپ، طمع کان خالي هو شري شيوڪرام ڪرمچند! سوَ سوَ سلام اهڙن کي! جهڙو هڪ ڀاءُ هيرانند، اهڙو ئي ٻيو مربي ڀاءُ شيوڪرام. ٻنهي کي پرنام سنڌي جاتيءَ جا! اسان سيني جا! شل انهن کي ياد ڪري اسين به اهنجي پٽ وني سنڌي جاتيءَ ۽ ڀارت ديش جي شيوا ۾ ڀاڻ کي ارپڻ ڪريون. ان نموني ئي سنڌي جاتي جيوت رهندي، سنڌيت جي سڳنڌ ڦهلجندي رهندي.

آخر ۾ لکون ٿو ته ڏنيواد ڏيڻ هندستان ۽ هندواسيءَ جي جاتوڪي سمپادڪ شري منگهارام سباهيملاڻيءَ کي ۽ سنڌس سانمن کي. ڀاڻ ته سلو سماج سڌارڪ، ديش شيوڪ آهي ئي پر خاص ڌنيواد کيس جو هندستان ۽ هندواسيءَ کي هيرانند بعد سنڀالي

وٺا حلبا. ’آءُ جهلبندس ڪيترو، آبل آيسين‘. اسان بہ خاموشي اختيار ڪئي. اياز پنهنجي وڪالت جي پيشي ۾ لڳي ويو. آءُ بہ پنهنجي ناپائدار سرڪاري عهدي ۾ مگن ٿي ويس. ليڪن ’دبر آبد، درست آيد‘. اياز وري لکڻ شروع ڪيو. منهنجي ڪلام جو مجموعو ’سارنگ‘ ڇپجي تيار ٿيو ۽ ساڳئي وقت سنڌ جي نوجوانن ۾ پڻ جوڏاري هڪ نئون تحرڪ پيدا ٿيو. ادا، اها اتوَ نئين سنڌي ادب جي شروعات.‘

اهو پڑهي رام کي ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون اکين اڳيان اچي ويئون. جوُن ١٩٣١ ۾ جڏهن هو ڪراچي پهتو، تہ ڪراچيءَ جي هوائن ڊوڙي اچي هن کي ڳڙاٽڙي پاتي. چانڊوڪين رام کي موهي ڇڏيو. چانڊوڪي راتين ۾ ڪراچيءَ جو سمنڊ چانڊوڪيءَ ۾ وهنجي سهنجي ائين ٽڙي پوندو هو، جيئن ڪنوار جو جوبن سهاڳ رات ڪانپوءِ، پهرين سنان ڪرڻ ڪانپوءِ ٽڙي پوندو آهي.

’ڪاليج سڀاڻي ٢٠ جوُن کان شروع ٿيندو.‘ رام ميناارام هاسٽل جي بالڪنيءَ ۾ ويٺي سوچي رهيو هو. هن جي اکين ۾ ننڊ جو ڪو نشان نہ هو. رات جو ڪجهہ حصو آسمان ۾ چنڊ ڏانهن نهاريندو رهيو. آخر سندس نيڻ ٿڪجي پيا. هن کي ننڊ ڪٺي ويئي. ننڊ ۾ ڏٺائين تہ مندر ۾ سنک وڳو ۽ پوءِ گهنڊ وڄڻ لڳا ۽ ساري ڪائنات گهنڊن جي آوازن ۾ ٻڙاڏجي وئي. پوڄاريءَ ڀڄن ڳائڻ شروع ڪيو. ڀڄن جا ٻول هن کي سمجهہ ۾ نہ آيا. پر هن کي محسوس ٿيو جڻ پوڄاريءَ جي آواز سان عرش جا ڪنگرا لڏي رهيا هئا. رام مندر جي ٻنيان تلاءَ جي ڪنٺي تي، گهاٽن وڻن جي جهڳٽي ۾ وڃي ويٺو. جوڏاري سانت ۽ خاموشيءَ سان قدرت بہ پوڄاريءَ جو ڀڄن ٻڌي رهي هئي. ايتري ۾ پيرن جو آواز آيو. سندس دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. پيرن جو ٻڙلاءُ وڌندو ويو.

٢. هيرانند ڪرمچند

- رام امرلعل پنجواڻي.

ڪجهه ڏينهن ٿيا سنڌ ڪان حڪ دلدار دوست مهراڻ مخزن جا پراڻا پرچا موڪليا. اهي پرچا هئا ١٩٥٥، ١٩٥٦ ۽ ١٩٥٧ سالن جا. ١٩٥٦ مهراڻ جي پرچي ۾ شيخ راز لکي ٿو تہ تقريبا ١٢-١٤ سال اڳہ اوچتو ئي اوچتو، ڪراچيءَ ۾ چند احبابن جي انجمن تيار ٿي ويئي. ائين ڪٺي چئجي تہ ڏينهڪ، ٿهي ويئي. اياز ۽ مان ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ بي.اي. پڙهندا هئاسون. هن ڪم ۾ گوبند مالهي پيش پيش هوندو هو. ادا، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ جيترس ادب جو مريض ڪونہ ڏٺو آهي. هن جي خلوص ۽ ايمانداريءَ کي آفرين چوڻ ڪانسواءِ رهي نٿي سگهيس. انهيءَ انجمن يعني 'پروگريسوِ رائٽرس ائسوسيئيشن جون هر آرتوار تي شام ٣ بجي، باقاعدي ميٽنگون ٿيڻ لڳيون. اسان جا دوست رام امرلعل پنجواڻي، گوبند مالهي، سوڀو، اياز، نارائڻ شيام، سگن آهوجا، ارجن شاد، سنتو درياني وغيره انهيءَ ڪم کي لڳي ويا. مون ان وقت آزاد نظم ۾ طبع آزمائي ڪرڻ شروع ڪئي. نارائڻ شيام سانيٽ لکڻ شروع ڪيا. اسان جا دوست ۽ اُستاد - ملڪاڻي، سدارنگاڻي، پنجواڻي ۽ منشاراماڻي بہ انهيءَ جلسي ۾ شامل ٿيندا رهيا. انهيءَ مجلس جو طريقي ڪار پنهنجي سنگت وانگر هو.

جناب عالي، انهيءَ نموني سنڌي ادب جو نئون موڙ شروع ٿيو. اسان جي فني شعور نئون رخ اختيار ڪيو. 'ريگستاني قول'، 'پره ڦٽي'، 'لهرون'، 'سفيد وحشي'، 'اڳتي قدم' وغيره انهيءَ تحريڪ جون ڪڙيون آهن. ملڪ جي تقسيم جي اعلان کان اڳ ئي انهيءَ خورد سال تحريڪ جو بي وقت موت ٿي ويو. وهڻ وارا

رهندس.

رام : هت ڪيئن اچي پهتينءَ؟

ڪراچي : مينارام هاسٽل ۾ آيس ته ڏٺم ته ڪيترا تنهنجا دوست اندرو ملڪاڻي، رتي ڄڳاڻي، موهن پاوناڻي، موهن لاهوري، هري منشاراماڻي ۽ ديو منشاراماڻي، وڏيو دوداڻي، سيتل درياناڻي سڀيئي پيا هئا. تنهنجي بالڪنيءَ مان مهڪ پئي آئي. تنهنجي مهڪ تي ڇڪجي تو وٽ آئي آهيان. هاڻي مون کي وڃڻ ڏي. وري ملڻ جو واعدو ڪري ڪراچي هلي ويئي.

رات جو پويون پهر هو. پوئين پهر جي ٿڌي ٿڌي هير رام جي سنڌ سنڌ کي ڇهي ٻره جا پار پٽا ڏنا. پوءِ رات جا ٻساه پورا ٿيا ۽ پره ڦٽي. پره جي آجيان لاءِ هڪڙو پکي پرنسيپل ٻٽاڻيءَ جي بنگلي مان لات لنوڻ لڳو. پرنسيپل ٻٽاڻيءَ جو بنگلو مينارام هاسٽل سان لڳولڳ هو. ٻئي پکيءَ سندس لات جو جواب ڏنو ۽ پوءِ هر طرف کان پکي لاتيون لوڻ لڳا. رام ٽپ ڏئي اُٿيو. نهي سنيري صبح جي گهمڻ لاءِ هاسٽل کان ٻاهر نڪتو. جاگنگ Jogging شروع ڪيائين. ايتري ۾ سيتل درياناڻي به هن سان شامل ٿيو. ٻئي ڄڻا ڀڄندا ويا. برنس گارڊن آيو. ان ڪانپوءِ سول ۽ ملٽري گزيٽ انگريزي اخبار جي آفيس، مسلم هاسٽل ۽ لَورس برج Lovers Bridge تي پهتا. رام ڊوڙڻ اتي ختم ڪيو. سيتل ڪلفٽن تائين جاگنگ ڪندو ويو. واپسيءَ تي رام ايراني ريسٽورنٽ ۾ هڪ بن، مکڻ جي ٽڪي ۽ چانهه جو پيالو وٺي، ٿورو ساه پٽيو.

رات کان وٺي هن جي خوشيءَ جو ڪاٿو ئي ڪونه هو. هن جي لُڪ لُڪ ۾، هن جي رڳ رڳ ۾ راحت جو لهرون اُڀريون هيون. هن کي زندگي پيار سان ڀرپور ملي هئي. هن ڳائڻ ٿي چاهيو. لَورس برج تان موٽندي، رستي تي هن کي هر ماڻهو خوش نظر ٿي آيو. هر شيءِ ٻلندڙ ٿي لڳي. هر آواز مٺو ٿي ڀاسيو.

آخر وٽن ۾ سربات ٿيو ۽ وٽن جون لامون هٽائيندي هڪ سندري سامهون اچي بيٺي. هن کي پنهنجي اکين تي اعتبار ئي نٿي آيو. هوءَ ڊيل جيان ٽلندي، هن جي پير ۾ اچي بيٺي. گهونگهٽ هٽائي ماٿن پري مُرڪ سان هن کي ڏنائين. هوءَ حيا جي هزار حجابن ۾ هئي. سندس ڳلن تي حيا جي ڳاڙهاڻ جي شفق ٽڙي پئي هئي. سندس و ڏيون ۽ ڊگهيون پلڪون اکين تي ڇانوَ ڪري بيٺيون هيون. هوءَ رئي جي پلاند کي آڱرين تي ويڙهي ۽ ڇوڙي رهي هئي. اوچتو چوڪيدار جي ڏنڊي جو آواز آيو. سندري ڊنل اکيون کڻي رام جي طرف نهارڻ لڳي. هن جي ڇاتي هيٺ مٿي تيڻ لڳي. هن هيسيل هرڻيءَ وانگر چرڪي ڇال ڏنو ۽ رام جي سيني سان اچي چنبڙي. سندس دل ڪنهن ڪُنل ڪبوتر جيان ڦتڪي رهي هئي. رام هن کي ٻانهن ۾ سوگهو جهليو ۽ ٻئي جڻا ساه منجهائي، ڪن لائي، چوڪيدار جي پيرن ۽ لٺ جو آواز ٻڌڻ لڳا. آهستي آهستي آواز دور ٿيندو ويو. جڏهن چوڪيدار جو خطرو ٽري ويو، تڏهن رام کي احساس ٿيو جڻ تہ ساري ڪائنات جي سونهن سميٽجي سندس پاڪر ۾ اچي ويئي هئي. سندريءَ جڏهن هوش سنڀاليو، تہ پنهنجو پاڻ کي رام جي ٻانهن ۾ جڪڙيل ڏٺائين. جيئن سورج ديوتا سارو ڏينهن اُشا ديويءَ جي ڪڍ ڊوڙندو آهي ۽ شام جو اُشا ديوي سندس ٻڪ ۾ اچي ويندي آهي. ائين هوءَ بہ رام جي ٻڪ ۾ اچي ويئي هئي. ان احساس کان هوءَ شرم ٻوٽي جيان اندر ئي اندر ويڙهجڻ سيڙهجڻ لڳي. هڪ ڇلانگ ۾ هوءَ لوڪ لتاڙي، ڏرم جا ليڪا لنگهي، محبت جون الائي ڪيتريون منزلون ٽپي رام جي سيني سان اچي لڳي هئي. هُن جو جسم هِن جي ٻانهن ۾ جڪڙيل هو.

رام : تنهنجو نالو ڇا آهي؟

سندري : مان ڪراچي آهيان. هر رات تنهنجي سپنن ۾ ايندي

۾ ڀرو ولو. ناٽڪ ۾ گانا پيش ڪريو. انهيءَ ڪري پنهنجا سينا زندهہ رکو! اوهين جيڪي جوان آهيو!

اهڙي ريت رام جو ڪاليجي جيون شروع ٿيو. ڪاليج ۾ ڀرجڻ کان اڳ هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون هيون. ڪاليج ۾ پڙهڻ ۾ لکڻ جو سنو وايو منڊل هو. هاسٽل جي پرسان هندو اخبار جو دفتر هو. انهن ڏينهن ۾ هندو اخبار وڏي اهميت واري اخبار هئي. هڪ ڀيري هوءَ همت ڪري اخبار جي ايڊيٽر سان وڃي مليو. هن جي هٿ ۾ سندس لکيل ڪهاڻي هئي. هن وڏي آتم وشواس سان ايڊيٽر کي ڏني. اهو هيو هيرانند ڪرمچند. هيرانند ڪرمچند ڪهاڻي وٺي، نظر مان ڪڍي. حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن ٻئي هفتي اها ڪهاڻي هندو ۾ شايع ٿي! اها وڏي ڪاميابي هئي. ڪهاڻي هئي : هيئر ڪٽنگ سيلون. ان کانپوءِ رام جون چار پنج ڪهاڻيون هندوءَ ۾ ڇپيون. انهن مان ڪي ڪهاڻيون هيون : انساني مرغي، چري، راشننگ گرل، فلرٽ وغيره. سڀني ڪهاڻين مٿان سنڌي اصلي ڪهاڻين جي مُهر لڳل هئي. هندو ۾ هيرانند ڪرمچند سان ننڍيون ملاقاتون جاري رهيون. تان جو ورهاڱو آيو.

هڪ ڏينهن مگر طوفان اُٿيو،\
تختو نہ مليو ڪو تختي سان،\
ويو ٻيڙو ٻرزا ٻرزا ٿي،\
هي ڌرتي پاڱا پاڱا ٿي. (گدائي)

ملڪ جي ورهاڱي جي واردات بہ عجيب آهي. انسانن جي ٻيلي ٻيلي ڳوٺ واهڻ، بستيون ۽ انسان ورهائجي وڃن ٿا. ديش کي اڌو اڌ ٽڪڻ واري طوفان جو ذڪر مٿين بيت ۾ ٿيل آهي. هڪ ڏينهن طوفان ظاهر ٿيو ۽ جنهن ٻيڙي ۾ اسان ويٺا هئاسين، ان کي طوفان وڪوڙي ورتو. نتيجي ۾ ٻيڙي تختا تختا ٿي ويئي.

پرنسيپل بنگلي جي بنگلي وٽ پهتو ته هن جي دل تي ته شيام ۽ جسونتيءَ کي آواز ڏئي اُٿاري. سندن باغ مان ناريل ۽ آڙو پٽي کائي. انهن گهڙين جي خمار ۾ گم سم، رام هاسٽل ۾ اچي پهتو. هن اُڏامڻ تي چاهيو. هن نچڻ تي چاهيو. صبح جو جڏهن وهنجڻ ويو، تڏهن هو وڏي آواز ۾ ڳائڻ لڳو. نچڻ لڳو. هن جي پاڻ ۾ دلچسپي وڌي ويئي.

ڪاليج جو پهريون ڏينهن هو. نهي سنهري ڪاليج پهتو. ڊي.جي. سنڌ ڪاليج! رام جو Alma Mater الما ميٽر، جنهن جي معنيٰ آهي مهربان ماءُ. سخي ماءُ. ڏاتار ماءُ. Bounteous Mother جيڪا اولاد کي اڻ ميو ڏئي ٿي. پنهنجي هوند مان سڀ ڪجهه ڏئي ٿي. هيءُ لفظ سڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ لاءِ ڪم ايندو آهي. جو ته اُهي به مهربان ماءُ جيان، سخي ماءُ جيان، پنهنجي اولاد کي، پنهنجي شاگردن کي، وديارٿين کي، سڀ ڪجهه ڏين ٿا، جيڪي وٽن آهي ۽ هميشه لاءِ ڏين ٿا. وديا ڏيڻ ۾ گهٽ ڪڏهن به نه ٿيندي آهي. انهن جا اڻ ميا احسان اسان مٿان آهن، جيڪي اسان کان ڪڏهن به ۽ ڪنهن صورت ۾ به لهي نٿا سگهن.

ڪلاس ۾ پهتو ته پروفيسر اڃا ڪونه آيو هو. انهيءَ جي بجاءِ مهربان ماءُ الما ميٽر جو آواز اچي رهيو هو: ’منهنجا پيارا فرسٽ ييئر جا وديارٿيو! پنهنجا سپنا زنده رکو! اوهين جيڪي جوان آهيو! رٿون ۽ تجويزون نهن ٿيون، گذري وڃن ٿيون، ڪڏهن ڪڏهن ڊهي پون ٿيون، قومي ڪم ڪندڙن جا خواب ئي هوندا آهن جيڪي قوم کي زندگي بخشي رت جو ڪم ڪندا آهن! تاريخ جا اڏيندڙ اوجن ۽ ڏوراهن سپنن جا ڏسندڙ هوندا آهن. خسيس ۽ ننڍين ڳالهين ۾ اڙجي نه پئو. خوب نوان نوان ڪتاب پڙهو. ويچارن جي ڏي وٺ ڪريو. ڪهاڻيون ۽ ڪويتائون لکو. راندين

سمجهو هو. الهيءَ ڪري هيرانند پنهنجي سمپادڪي ايڊيٽوريل ۾ لفظن جو صحيح ۽ وزنائتو استعمال ڪندو هو. هن هميشه ڏنل وائنل، سنوان سڌا، عام فهم ۽ سادا سودا لفظ ڪم آندا هئا. ڪنهن لکيت جو اثر بنيادي طرح تہ حونئن بہ ان جي وشيہ ۽ ويچار تي مدار ٿو رکي. هن جون لکڻيون قومي جذبي کي جاڳائينديون، اُڀارينديون، تيز ڪنديون، اڳتي وڌائينديون هيون. ان وقت جا هندو اخبار جا پڙهندڙ ۽ پاٺڪ فقط لفظن جي گورک ڌنڌي ۾ ڦاسڻ لاءِ تيار نہ هئا. ۽ نہ وري رڳو لفظن جي ظاهري ڏيک ويک ۽ رعب تاب تي پنيلجي يا دهلجي ويهي رهڻ وارا هئا. ان زماني جي پڙهندڙن کي اهي لکڻيون کپنديون هيون، جيڪي سندن زندگيءَ جي حقيقتن جي ترجماني ڪن. جيڪي کين زندگيءَ جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ جون راهون ڏسين. جيڪي وٽن اهڙيءَ بوليءَ ۾ پهچن، جنهن بوليءَ کي هو پڙهي سگهن، سمجهي سگهن ۽ هنئين سان هنڊائي سگهن. هيرانند جي قلم ۾ اها شڪتي ۽ رواني هئي، جو هندو اخبار جو وڪرو ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو.

هر ليکڪ هڪ سرجڻهار هوندو آهي. هو پنهنجي دنيا جو باني اڏيندڙ آهي. ائين هيرانند بہ هڪ اهڙو جوڙڻهار ۽ سرجڻهار هو، جنهن پنهنجي هڪ دنيا جوڙي هئي. آزاد ڀارت جي تصوير ناهي هئي. جنهن جو رنگ ۽ روپ، جنهن جو حسن ۽ جمال، هن جو پنهنجو هو. اُن ۾ هن جي شخصيت موجود هئي. هن جي لکڻين ۾ امرتا ۽ عظمت هيون. گل سڀيئي سهڻا ۽ سرها هوندا آهن، پر هر گل جي سرهاڻ ۽ سڳند پنهنجي هوندي آهي. ڀلي سمورا سهڻا، پر ڀکيءَ ڀکيءَ ۾ فرق ٿئي ٿو. مور جڏهن ڪاروڻجهر جي ڪور تي نچندو آهي تہ ڏونگر ڏيئي وانگر ٻرڻ لڳندو آهي. هيرانند ڪرمچند پنهنجي قلم سان سنڌڙيءَ جي سينڌ ۾ ستارا سجايا. ان جي سر جي چُنيءَ تي انداٺ روپي رنگ جون ڦلڙيون

هر تختي تي جيڪو ڪين هٿ آيو، ان تي چڙهي پنهنجن منزلن لاءِ روانا ٿيا. هڪ ٻئي کان وڇڙي ويا هميشه لاءِ.

هيرانند ڪرمچند مانجهي مڙس هو. بمبئيءَ ۾ اڇي هندو اخبار جي ڪم ۾ جنبجي ويو. هندو هندستان جي نالي سان نڪرڻ لڳي. آرتوار ڏينهن هندواسيءَ جي نالي سان شايع ٿي.

هيرانند ڪرمچند مڙس مڪڙ هو. هن وٽ سارو وقت سچائي ۽ سچ، سندس مخالفن وٽ هر شيءِ موجود. پر هن جي ايمانداريءَ ۾ ڪڏهن ڪو خم ڪونه پيو. جيتوڻيڪ رشوتخوري ۽ لالچ خاطر دوستن کي وسارڻ ۽ وڪڻڻ جو رواج انهن ڏينهن ۾ عام ٿيڻ لڳو هو. هيءَ انهن هستين مان هو، جن سچائيءَ کي هميشه سونهن جو باعث سمجهيو، ۽ ان جي دٻاءَ هيٺ زندگيءَ جا قدر ۽ اخلاق جا اُصول ڪڏهن به هٿان نه ڇڏيا. انگريزن پارتواسين جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڳٽ وجهي ڇڏيو هو. انهيءَ زماني ۾ ڪيترن پڙهيل ڳڙهيل عاملن ۽ ڪامورن پوءِ به ان ڳٽ کي زيور ٿي سمجهيو، پر قومي جذبي ۽ وطن سان پيار رکندڙ انسانن لاءِ ڳٽ ڳٽ ئي هو. هيرانند انهن نوجوانن مان هو، جن انگريزن جي راڄ جي خلاف لڳاتار پنهنجي قلم کان ڪم ورتائين. ڌاري حڪومت کي مصيبت سمجهائين ۽ ان مصيبت کي لاهڻ لاءِ جيڪا به موڙي ونس هئي، سا قربان ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ هندو اخبار جو سمپادڪ ٿي، اتان مچ مچائڻ شروع ڪيائين. ميڻ بتيءَ وانگر پاڻ کي رجايائين، ان لاءِ ته ٻين لاءِ روشني هجي.

سنڌي ٻولي آواز جو هڪ مهاساگر آهي. ان ۾ لفظن جي موتين جا پندار پريا پيا آهن. ٻوليءَ جو هر لفظ معنائن جي هڪ دنيا پاڻ رکي ٿو ۽ جڏهن ڪو لفظ ڳالهائجي ٿو يا ٻڌجي ٿو، لکجي ٿو يا پڙهجي ٿو، تڏهن اهو پنهنجي انهيءَ سموري دنيا سميت اچي ٿو اسانجي سامهون بيهي. لفظن جي انهيءَ دنيا کي هيرانند

نصرت ڪري ويا. ١٩٢٠ ۾ ٣ سمپادڪ جيل ۾ ويا ۽ سڄي پريس ضبط ٿي. ساڳيءَ ريت ١٩٢٧ ۾ سمپادڪ ۽ مئنيجر گرفتار ٿيا ۽ پريس جي ضبطي ٿي. انهيءَ اتهاس تي هندو جي بانيڪارن کي ناز هئڻ گهرجي ۽ ڪين گولڊن جبلي نمبر ڪڍڻ جو حرڪو ٿئي آهي. سچ پچ نہ هندوءَ جو آئينده ڪانگريس سان ڳنڍيل آهي.

ان پرچي ۾ سنڌبش ڏيندڙن ۾ جواهرلال نهرو، راجيندر پرساد، سباش چندر بوس ۽ فرانس جو مشهور ليکڪ رومين رولنڊ بہ شامل هئا.

هيرانند اڏ صديءَ تائين هندو، هندستان، هندواسي جي تن من سان شيوا ڪئي. هن جا سمپادڪي نوٽ Editorials ڪين کي چيڙائيندا هئا، انهن کي نہ وڻندا هئا، پر سچل جي چوڻ موجب:

سچ تہ مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي!
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم، ٻڌي نہ ٻڌي!

هيرانند سچ چوڻ وارو هو. سچ چوڻ وارا سچ چوندا رهندا ۽ سختيون سهندا رهندا، جو تہ هو ڄاڻن ٿا تہ ڪوڙ ترار کان ابتر ڪوہ ٿو ڏجي جيترو قلم کان ... ۽ زبان قلم کان بہ طاقتور آهي. ڪوڙ ڪيرائڻو آهي، تہ قلم ۽ زبان کي وارو ور هٽيو ۽ هلائيو ٿي رهيو.

هيرانند جلد ئي هليو ويو، پر سنڌس قلم مان آواز آيو:

مرنداسين تہ مٽيءَ مان پنهنجي جڙندا ڪيئي جام،
نوان نوان متوالا ايندا هٿندا تن جي هام!

(اياز)

مددي ڪتاب:

(١) 'سنڌي صحافت جي تاريخ' ليکڪ: ڊاڪٽر عزيز الرحمان بگهيو، سنڌالاجي، ڄامشورو، سنڌ، ١٩٨٨، ملهہ ١٢٠ روپيہ. ●

ڦلڙيون ٿاڪيون، پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ يعني پرجهڻ ٻه الڳ الڳ عمل آهن. هو ٻنهي عملن مان رچي پچي ريٽو ٿي نڪتو هو. هن کي خبر هئي ته غلام ڀارت ۾ حال ۾ رهندي، مستقبل ڏانهن وِک شاندار ماضيءَ جي سچاٽپ ڪانسواءِ کڻي نٿي سگهجي. پر رڳو ماضيءَ جو اولڙو ٿيڻ، رڳو ماضيءَ ڏانهن موٽ ٻه اوسر ۽ پرگتي نه ليکبي. پرگتي اها آهي ته ماضيءَ جي روشنيءَ ۾، ڪلهه جي تجربن ۽ نتيجن مان فائدو وٺي، حال جي عمل سان مستقبل جي راز جون ڳنڍيون کولجن.

سنڌ جي ماڻهوءَ جو ته خمير ئي شايد صوفياڻي مٽيءَ مان جڙيو آهي. انهيءَ ڪري هيرانند سڄي زندگي هندو مسلم ايڪتا لاءِ لڪندو رهيو. هيرانند ڳالهائڻ جو منو هو. هن جي منهن مان موتي ٽپڪندا هئا، جيئن ڪرڻ ڦُل مان گلاب جو عرق ٽپڪندو آهي. سنڌي اخبار نوسيءَ جي اُڀ تي ڪيئي ستارا، ڪيئي ڪهڪشانون ۽ چنڊ چمڪندي ۽ سج جرڪندي نظر آيا، پر هيرانند سيني ڪان وڏيڪ چمڪيو.

١٩١٢ع ڌاري، حيدرآباد مان 'هندو' نالي هفتيوار سنڌي اخبار جاري ٿي. جيڪا ترقي ڪندي روزانه بڻجي پئي ۽ ١٩٢٤ کان پوءِ ڪراچيءَ مان نڪرڻ لڳي. هندو اخبار کي وڏي اهميت حاصل هئي. همٿ ۽ جرئت سان سمپادڪي نوٽ لکيا ويندا هئا. انگريزيءَ ۾ سنڌ آبزرور ۽ سنڌيءَ ۾ هندو مکيه اخبارو هيون. جيڏيون قربانيون هندو اخبار جي ايڊيٽرن ۽ مالڪن ڪيون، ايڏيون ورلي ڪنهن اخبار ڪيون هجن. اسان هتي ان وقت جي چوٽيءَ جي ڪانگريسي ليڊر ۽ بعد ۾ ڀارت جي گورنر جنرل راجگوپال آچاريه جو اهو پيغام پيش ڪريون ٿا، جيڪو هن اخبار ڪانگريس جوبلي نمبر جي موقعي تي ڏنو هو.

'هندو جا ٩ سمپادڪ ١٩٢١ع ۾ هڪ ئي پنڌاڻ ترنگ جو

چوندي، سمپادن ڪري، ڇپائيءَ لاءِ جدا فائيلن ۾ رکندو ويندو هوس.

دادا مانسنگهه واري ڪئبن سامهون دفتر جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ ڪئبن هوندي هئي دادا هيرانند جي. اڪثر هو منهنجي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجو ڪم پورو ڪري هليو ويندو هئو. دفتر ۾ هئي سوڙهه، سو سندس وڃڻ کانپوءِ اُن خالي ڪئبن ۾ مان وڃي پنهنجو ڪم ڪندو هوس. هڪ ڏينهن وقت کان ڪجهه اَول دفتر ۾ پهتس. دادا هيرانند ’هندستان‘ اخبار جي ڪم ۾ مشغول وينو هئو. خوش نصيبيءَ سان اُن ڏينهن سندس درشن ٿيو، جنهن لاءِ گهڻن ڏينهن کان منتظر هوس. سوڪيم شرير، قد جو ڪي قدر لانبرو، منهن مان نور پئي بکيس. سندس پيشانيءَ تي زندگيءَ جي ڪشالن سهڻ سان گڏ آزمودي جون ريکائون صاف ظاهر هيون. مون کيس نمسڪار ڪيو. هُن ڪن پل لاءِ اکيون فائيلن تان هٽائي مون ڏانهن نهاريو. سامهون رکيل ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ اِشارو ڪيائين. پنجين ڏهين منٽين کانپوءِ فارغ ٿي وينو مون سان ڳالهيون ڪرڻ. مونکي ٻڌايائين ته مانسنگهه کيس اڳ ئي مون بابت ڄاڻ ڏيئي ڇڏي هئي. پندرهن-ويهه منٽ پاڻ ۾ رهاڻيون ڪيونسين. سندس شخصيت ۽ ساديءَ کان گهڻو متاثر ٿيس. اِها هئي دادا هيرانند سان منهنجي پهرين ملاقات.

اِن کانپوءِ وقت به وقت ساڻس پيئي روح رهاڻ ٿيندي هئي. ياد اَٿم ته هڪ دفعي سندس گهر به ويو هوس. پنهنجي ئي گهر ۾ هيراند هري ڪرشن مندر جي اِستاپنا به ڪئي هئي. اُتي نت نيم هو ڀڳتي ۽ ڌيان ۾ گذاريندو هئو. پوني ۾ دليپ ڪمار راءِ جو ستسنگ ٿيندو هئو. اُتي ديدي اِندرا ديوي ڀڄن ڪيرتن ڪندي مگن ٿي ويندي هئي. سائنات ڀڳتڻ ميراں جو اوتار پاسندي هئي. هيرانند اُن مهاتما دليپ ڪمار راءِ جو شش هئو.

٣. هيرانند ڪرمچند ۽
هندو، هندستان، هندواسي اخبارون
- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي.

’هندستان‘ سنڌي روزاني اخبار جي سمپادڪ هيرانند ڪرمچند سان منهنجي پهرين ملاقات ڪيئن ٿي، اِنهيءَ جو هڪ عجيب داستان آهي.

آگسٽ ١٩٦٣ ۾ سنڌي ٻوليءَ تي انگريزيءَ ۾ لڪيل ٿيسز پونا يونيورسٽيءَ کي پيش ڪيم. اُن کان پوءِ سنڌونگر جي ٽلريجا ڪاليج ۾ هنديءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيس. ڪاليج جو وقت هوندو هئو صبوح جو ساڍي ستين کان وٺي ساڍي ٻارهين تائين. اِنڪري باقي ڏينهن ڪيئن گذاريان؟ ’هندواسي‘ هفتيوار ۾ منهنجا ليک ڇئن پنجن سالن کان وٺي پيا ڇپبا هئا. ڪن تي اِنعام بہ مليو هئم. سو هڪ ڏينهن منجهند ڌاري مُمبئي هليو ويس دادا مانسنگهہ چوهڙمل سان گڏجڻ. هو هندواسيءَ جو سمپادڪ هئو ۽ ساڳئي وقت پريس جو جنرل مئنيجر پڻ هئو. حمام اسٽريٽ، جنهن کي هاڻي اَمبالال دوشي مارگ جي نالي سان سڏبندا آهن، اُتي پهچي ’هندستان‘ ۽ ’هندواسيءَ‘ جو دفتر ڳوليي لڌم. هڪ ننڍڙي ڪئبن ۾ دادا مانسنگهہ ويٺو هئو. ڪيس پنهنجي واقفيت ڏنم. پندرهن-ويهن منٽن جي اوپارين-لهوارين ڳالهين کانپوءِ اَچانڪ چيائين تہ ’هندواسيءَ لاءِ مونکي سب ايڊيٽر جي گهرج آهي، جيڪڏهن وقت ڏيئي سگهين تہ اَچي منهنجو هٿ وٽاءِ.‘ اِهو منهنجي پسند جو ڪم هئو، سو هڪدم هاڪار ڪيم. هر روز منجهند جو ٻين بجي کان وٺي ستين بجي تائين اُتي ڪم ڪندو هوس. فائيلن جا ڍير سامهون هوندا هئا. اُنهن مان رچنائون

هوندا هئا، جن سان عام راءِ کي ۽ سرڪار کي سوچڻ لاءِ ڪا ڏِشا ضرور پيش ڪيل هوندي هئي.

دادا هيرانند سان گڏ ڏيڍ سال ڪن ڪم ڪيم. هو چاهي 'هندستان' جو سمپادڪ هئو، پر 'هندواسي' پڻ ڏيان سان پڙهندو هئو. ڳالهين ڪندي هرهڪ پرچي بابت پنهنجا رايا ڏيندو هئو ۽ ضروري صلاحون به ڏيندو هئو. سندس هڪ ڳالهه مون کي هميشه ياد رهندي آهي ۽ اُن تي هاڻي پڻ عمل ڪندو آهيان. اُها هن ريت آهي ته اخباري ليکن ۾ جدا جدا ويچارن کي هميشه الڳ الڳ پئرائن ۾ ڏجي. عام پڙهندڙن جو ڏيان ڇڪائڻ لاءِ پئرائن تي دلڪش ۽ تُز سِرا به ڏيڻ گهرجن. اهڙيون صلاحون دادا مانسنگهه به ڏنيون. اُن زماني ۾ دادا جيرامداس دؤلترام جن جا به چڱائي ليکه نيمائتا هندواسيءَ ۾ شايع ٿيندا هئا. سنڌ جي اتهاس ۽ سنڌي بوليءَ تي سندس لکيون ٽيڪنيڪي طرز جون هونديون هيون. ان ڪري چوندو هئو ته لفظن تي زيرون-زبرون ضرور هئڻ گهرجن. اُنهن ليکن جا ٻه-ٽي دفعا پروف مان ڏيان سان ڏسندو هوس. فائينل پروف ڪيس دهليءَ ۾ موڪليندو هوس. مطلب ته انهن بزرگ اخبارنويسن جي سنگ ۽ رهنمائيءَ ۾ اخباري نڪتيءَ جون گهڻيئي ڳالهيون سکيس.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي. ڪنهن سڄڻ کان 'هندستان' اخبار جو پهريون پرچو مليو. پهرين آگسٽ ١٩٣٦ تي اِهو مهورتي پرچو مخزن جي روپ ۾ شايع ٿيل هئو. اِنهيءَ پرچي کان وٺي 'هندستان' نالي سان اِها اخبار شروع ڪئي ويئي هئي. اُن جو اصل نالو 'هندو' هئو. اِهو پرچو ۽ ٻيا ناياب ڪتاب منهنجي پتا جن پنڊت ڪشنچند جيتلي به پاڻ وٽ سانڍي رکيا هئا. پر لڏپلاڻ دؤران حيدرآباد اسٽيشن تي اِهو ناياب ادبي ذخيرو ٻئي سامان سان گڏ ڦرلٽ ۾ لٽجي ويو، جنهن جو اسان کي تمام گهڻو ارمان

سنساري فرض نڀائيندي بہ سندس ڌيان پرماتما ۾ لڳو رهندو هئو. هٿ ڪار ۾ دل يار ۾. ڪمل گل جيئان سنسار روپي جل ۾ رهندي پڻ اُن کان نرليپ هئو.

اُن زماني جون بہ-ٽي گهٽنائون ياد اَچن. ١٩٦٥ جو زمانو هئو. ڀارت ۽ پاڪستان وچ ۾ جنگ لڳي هئي. هر روز جنگ جي باري ۾ سرڪار طرفان جاري ڪيل خبرون ايندڙيون هيون. ڀارت جا سوروير سپاهي بهادريءَ سان پنهنجي ديش جي رڪشا لاءِ سرحدن تي لڙي رهيا هئا. مان اِهي خبرون روز ترجمو ڪري هندواسيءَ جي لاءِ ليک لکي تيار ڪندو هوس. ليک جي آخر ۾ اَنواڊڪ طور پنهنجو نالو پڻ لکندو هوس. اُهي ليک دادا مانسنگهہ چونڊي واري وٽيءَ سان هندواسيءَ ۾ ڇپڻ لاءِ ڪمپازيٽرن کي ڏيندو رهندو هئو. هندواسيءَ جي ٻن-ٽن پرچن ۾ ائين ٿيو تہ هرهڪ پرچي ۾ منهنجي نالي سان بہ يا ٽي ليک شايع ٿيا. دادا هيرانند ان طرف منهنجو ڌيان ڇڪايو ۽ ليکن هيٺان ڇپيل منهنجي نالي طرف اِشارو ڪري هلڪو مشڪيو. اِها ڳالهہ مون کي بہ کٽڪي هئي، جيتوڻيڪ ان ۾ منهنجي غلطي ڪانہ هئي، اِهي ليک حقيقت ۾ جدا جدا پرچن ۾ ڇپڻ لاءِ هئا. پر سمپادڪ مهوديہ هڪ ئي پرچي ۾ ڏيئي ڇڏيا هئا. مون مان ميٺ ۾ من ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو تہ اڳتي ترجمو ٿيل ليکن هيٺان پنهنجو نالو نہ ڏيندس. ان طرح اُن ڪانپوءِ سال ١٩٦٥-١٩٦٦ جي هندواسيءَ جي گهڻن پرچن ۾ منهنجون رچنائون شايع ٿيون، جن ۾ منهنجو نالو ڏنل نہ هوندو هئو. دادا هيرانند خود بہ مشهوريءَ کان ون؟ ويندو هئو. هن 'هندستان' اخبار لاءِ هزارين سمپادڪي ليک ۽ ٻيا ليک لکيا، پر ڪڏهن بہ پنهنجو نالو نہ ڏنائين. مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ 'هندستان' جا سمپادڪي ليک عام ماڻهو بہ تمام گهڻي چاهہ ۽ ڌيان سان پڙهندا هئا. اُنهن ۾ هميشہ وزندار دليل

سوري آهي سينگار، اصل عاشقن جو،
مُرڪ، موٽڻ مهڻو، تيا نظاري نروار،
ڪُسڻ جو قرار، آهي اصل 'هندو' جو.

اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هندي ۽ ديوناگري لپيءَ جو گهڻو پرچار نه هئو. انگريزي سال کن بعد اخبار عربي-سنڌي اکرن ۾ ڇپڻ شروع ڪئي ويئي. اُنهن ڏينهن ۾ جيٺمل پرسرام 'هندواسي' اخبار شروع ڪئي. پر قومي هلچل ۾ 'هندو' ٻين سڀني سنڌي اخبارن کان اڳتي هئي. انگريز سرڪار تي نقطچيني ڪرڻ سببان لوڪرام کي سنه ١٩١٨ع ۾ جيل جي سزا ملي ته پنيان وشنو شرما اخبار سنڀالي. سوامي گووندانند (پروفيسر جوهرمل منسڪاڻي)، آچاريه جيوترام ڪرپلاڻي، ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ ٻيا ڪي ڪانگريسي اڳوان وشنوءَ سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا.

١٩٢١ع ۾ مهاتما گانڌيءَ قطع تعلقات هلچل شروع ڪئي. 'هندو' اخبار انهيءَ جو گهڻو پرچار ڪيو. هندو توڙي مسلمان گهڻي اُتساهه سان اِها اخبار پڙهڻ لڳا. سال ١٩٢١-١٩٢٢ ۾ 'هندو' اخبار جا اٺ ايڊيٽر ٽڪ ٻئي پنيان جيل ۾ نظربند رکيا ويا. اِهي هئا - وشنو شرما، جيرامداس دولترام، پروفيسر گهنشيام شوداساڻي، ڊاڪٽر چوئٿرام، ميراج لوڪرام، پروفيسر جيٺمل لالسنگهه، هيرانند ڪرمچند ۽ چوئٿرام وليچا.

'هندو' اخبار جون واڳون ٢١ جنوري ١٩٢٦ کان وٺي 'سنڌو سوراج آشرم' ڪنيون. اِهو آشرم سنڌ جي ٽمورتيءَ جيرامداس، چوئٿرام ۽ گهنشيام برپا ڪيو هئو. هيرانند ڪرمچند اُن ڏينهن کان وٺي اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو ۽ مانسنگهه چوهڙمل هئو سب ايڊيٽر. اِها جوڙي اٽڪل پنجاهه سال ان اخبار جو ڪم سنڀالبندي رهي. هيرانند ١٩٧٥ تائين 'هندستان' جو سمپادڪ هئو ۽ مانسنگهه سال ٻن کان پوءِ جنرل مئنيجر ٿيو. بمبئيءَ ۾ انهيءَ

ٿيو. تواريخي لحاظ کان انهيءَ پرچي کي تمام گهڻي اهميت آهي. آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ 'هندو' ۽ 'هندستان' جيڪو اهم رول ادا ڪيو، اُنهيءَ جو اتهاس اُن ۾ ٿوري ۾ ڏنل آهي. اِنهيءَ مان دادا هيرانند بابت به چڱي ڄاڻ ملي ٿي.

'هندستان' اخبار جو جنم 'هندو' نالي سان سنه ١٩١٦ع ۾ ٿيو. اُنهيءَ جا جنم داتا هئا مهراج لوڪرام شرما ۽ سندس ننڍو ڀاءُ مهراج وشنو شرما. ٢٧ نومبر، ١٩١٦ ۾ ڏياريءَ جي شڀ ڏڻ تي انهن ٻن ڀائرن 'هندو' اخبار شروع ڪئي. اخبار ديوناگري سنڌيءَ ۾ هفتيوار شروع ڪئي ويئي. لوڪرام پنهنجي ننڍي ڀاءُ وشنوءَ کي سمپادڪ مقرر ڪيو. ٻئي ڀائر گڏجي سڄي اخبار پاڻ ڪمپوز ڪندا هئا ۽ مشين به پاڻ هلائيندا هئا. ڇهن سال اِنهيءَ اخبار جا ٿباسي سال پورا ٿيندا. پهرئين پرچي ۾ اخبار جو اُديش ڇن ريت ڏنل هئو. 'هندو' پنهنجي جنم ۽ جيون کي پوتر سمجهي ڌرم ۽ ديش جي شيوا ڪرڻ ۽ اُنهن جي اُنتي ڪرڻ پنهنجو مکيه اُديش ٿو سمجهي. 'هندو' ناگري پڙهندڙن جي اڳيان ڌرم ۽ ديش جون حالتون رکي اِهو پرچار ڪرڻ ٿو چاهي، جو اسان جون ڪمزور دليون ٻلوان ٿين، اسان ۾ ميلاپ اچي ۽ اڄ ڪالهه جي سخت سنگرام ۾ منهن ڏيئي سگهي.

ڌرم ۽ ديش جو اُڌار ڪو سولو ڪم نه آهي. ڪيترين ئي سختيون درپيش ايندين، پر ڪرمن جي ڦل کي پرماتما تي ڇڏي، ڪم ڪندو رهڻ 'هندو' جو فرض رهندو. 'هندو' ڌارمڪ، سماجڪ ۽ راجنيتڪ ڳالهين ۾ سوتنتر رهڻ ٿو چاهي. سندس منزل آزادي آهي ۽ اُنهن خيالن کي ڦهلائڻ ۾ رسني ۾ کهڙا به ڪندا ايندا، تن جي ٻڌ 'هندو' کي چڱيءَ طرح بوجهه آهي. پر 'هندو' هر حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهندو. شاد جو هيٺيون شعر 'هندو' لاءِ آدرش رهندو :

جدوجهد جاري رکندي ايندي ۽ سچي قوميت جي شاندار اُڏمش لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهندي.

نالي ۾ ڇا آهي؟ نالي ڦيرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اهڙي شڪايت ڪن مترن ڪئي آهي. پر نالو به بي-معنيٰ نه آهي. نالي پنيان ڪجهه ويچار رهن ٿا. ڪا من ورتي بکي ٿي. نالي مان ڪي صفتون ظاهر ٿين ٿيون. اِنهيءَ ئي درشٽيءَ کان ۽ قوميت ۽ آزاديءَ جي شڪتين کي وڌيڪ پشتي ڏيڻ لاءِ 'هندو' اڄ کان 'هندستان' جي نالي سان جنم ٿي وٺي.'

سمپادڪي ليکه سان گڏ سروجني نئڊوءَ جو 'هندستان' کي موڪليل خاص سنيهو به ڇپيل آهي. اِهو هُن ٢٤ جولاءِ ١٩٣٦ تي حيدرآباد دکن مان لکي موڪليو هئو. هن لکيو آهي - 'توهان جي اخبار 'هندستان' لاءِ مان تمام شڀ اِڇائون موڪليان ٿي، جا هيترن سالن کان 'هندو' جي نالي سان مشهور آهي. لاشڪ نئون نالو نيڪ ٿو نهڪي اچي، نه فقط اخبار جي قومي نيتيءَ سان، پر ساري قومي جيون جي وهڪري سان. اڄ فرقيوار درشٽيءَ يا فرقيوار نالي لاءِ ڪابه جڳهه نه آهي. مون کي ٻڌي سرهائي ٿي آهي ته توهان اِهو محسوس ڪيو آهي ته اخبار جهڙي مکيه وستوءَ جو نالو اهو هئڻ گهرجي، جو معنيٰ پريل هجي ۽ جنهن کي سچو اثرائتو ملهه هجي. ان ڏس ۾ مون کي اُميد آهي ته 'هندو' جو نالو ڦيرائي 'هندستان' ڪرڻ توهان جي ننڍي پرڳٽي کي قومي جذبات ۽ قومي ڪوشش طرف وڌيڪ مائل ڪندو.'

هيرانند ۽ هن سان گڏ مانسنگهه 'هندستان' اخبار جي واڌاري لاءِ ايتريون ته ڪوششون ڪيون، جو ملڪ جي ورهاڱي وقت 'هندستان' جون ٻين سڀني سنڌي اخبارن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڪاپيون شايع ٿينديون هيون. سنڌ ڇڏڻ وقت مانسنگهه جي لکڻ موجب، اِنهيءَ اخبار جي سالياني حساب ڪتاب ۾ هڪ لک کن

سان گڏ مانسنگهہ ’هندواسي‘ جو ايڊيٽر پڻ هئو.

١٩٣٠ ۾ جيڪا ستياگره هلچل شروع ٿي، اُنهيءَ ۾ ’هندو‘ اخبار سرڪار سان جيڪي چڪريون ڪاڙيون، اُهي پارٽ جي ڪنهن بيءَ اخبار ورلي ڪاڙيون هونديون. سرڪار پريس آرڊيننس هيٺ ’هندو‘ اخبار جو آواز بند ڪرڻ لاءِ گهٽيئي حيلا هلايا ۽ نادري حڪم جاري ڪيا، پر اخبار بند ڪرائي نہ سگهي. هڪ سمپادڪ گرفتار ٿيندو هئو تہ ٻيو اخبار سنڀاليندو هئو. سرڪار پريس ضبط ڪندي هئي ۽ اخبار بند ڪندي هئي تہ وري ٻئي نالي سان ۽ سائيڪلو اسٽائيل مشين تي اخبار ڇپي ظاهر ڪئي ويندي هئي.

پهرين آگسٽ ١٩٣٦ تي ’هندو‘ اخبار جو نالو بدلائي ’هندستان‘ رکيو ويو. اِنهيءَ جو ڪارڻ اِهو هئو تہ پارٽ جي ڪن ڪانگريسي نيتائن کي ’هندو‘ نالي مان فرقيپرستيءَ جي بوءِ ٿي آئي. ’هندستان‘ اخبار جي پهرئين مهورتي پرچي ۾ هيرانند ڪرمچند پنهنجي سمپادڪي ليکہ ۾ لکيو آهي :

’هندو‘ اَڄ نئون جنم ٿي وٺي. ’هندستان‘ جي نئين نالي سان ظاهر ٿي ٿئي. اڄ پوتر ڏينهن آهي. گنڀير موقعو آهي. لوڪمانيہ جي ورسي آهي. اهڙي شڀ پرڀ تي ’هندو‘ قوميت جي راه تي اڳتي ۽ اڳري وک وڌائي ٿي.

ڏيهن سالن کان ’هندو‘ قوميت لاءِ پئي پاڻ پتوڙيو آهي، چڪريون ڪاڙيون آهن. مشڪلاتن جو مقابلو ڪيو آهي. مايوسيءَ جا پردا چيريا آهن. ديس ۾ جان آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آزاديءَ جا اُمنگ اُڀاريا آهن ۽ عام جي خدمت ۾ پاڻ اَرپيو آهي.

’هندستان‘ کو ’هندو‘ کان ڌريل نہ رهندي. ’هندستان‘ جي نيتي ساڳي ئي هوندي، ۽ ڌرندي بہ ڇو؟ ساڳي ئي ’هندو‘، ساڳي ئي آتما سان، رڳو ڌريل نالي سان نکرندي رهندي. آشا آهي تہ ’هندستان‘ وڏيڪ ندر نموني، هندستان جي آزاديءَ لاءِ

جي هلچل ۽ اُنهيءَ ۾ ملڪي مستانن جي يوگدان جون اهم حقيقتون نوٽ ڪريان، پر ١٩٦٤-١٩٦٥ ۾ به اهڙو رڪارڊ اُتي سلامت رکيل نہ هئو. اسان کي گهرجي تہ ويهين صدي ختم ٿيڻ کان اڳ ئي اهڙي تاريخ وستار سان قلمبند ڪريون. ●

روپين جو نفعو ظاهر ڪيو ويو. اخبار کي ادبي روپ ڏيڻ لاءِ سنہ ١٩٣٧ع کان وٺي اُنهيءَ جو آرتوار وارو پرچو ’هندواسي‘ نالي سان شايع ٿيڻ لڳو. ١٩٤٣ع کان وٺي اِنهن اخبارن ۾ تارزن، مئنڊرڪ وغيره جون تصويرن ۾ آکاڻيون بہ ڏيڻ شروع ڪيون ويون. اُهي وڏا توڙي ننڍا گهڻي چاهہ سان پڙهندا هئا. اِن جو نتيجو اِهو نڪتو جو اخبار جو وڪرو تمام گهڻو وڌي ويو.

هيرانند جي جيونيءَ ۾ سندس ڊائريءَ جا ڪجهہ ورق ڏنل آهن. اُنهن جو باريڪيءَ سان اَڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ملڪ جي ورهاڱي سندس دل تي گهرا زخم ڪري ڇڏيا هئا. جنهن فرقاپرستيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ’هندو‘ جو نالو بدلائي ’هندستان‘ رکيو ويو، اُها ملڪ مان ختم ڪانہ ٿي، اُلٽو پاڙ ڏينهون ڏينهن وڌندي ويئي. اِنهيءَ جو نتيجو نڪتو ديش جو ورهاڱو ۽ دنگا فساد. ڀارت ۾ لڌي آيل سنڌين جا ڏکہ سُور هيرانند سهي نہ سگهيو. هن اُنهن کي وري ورسائڻ لاءِ پنهنجي باقي زندگي اَرپڻ ڪري ڇڏي. بمبئيءَ ۾ ’هندستان‘ اخبار وري نئين سر انهيءَ مقصد سان شروع ڪئي ويئي، جيئن دربدر ٿيل سنڌي جاتيءَ جي دکن جو داستان سرڪار تائين پهچائجي. سنڌين کي پنهنجا حق وٺي ڏيڻ لاءِ ۽ کين وري ٿرتانءُ ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ هيرانند لڳاتار سرڪاري اختياريءَ وارن سان لڙندو رهيو. هو ڪانگريس سرڪار جي نقطچيني ڪرڻ کان بہ ڪين ڪيٻائيندو هئو. هن پنهنجو سمورو جيون ’جنتا جناردن‘ جي خدمت ۽ سيوا ڪرڻ ۾ اَرپڻ ڪري ڇڏيو. هو هڪ ديوتا پُرش، سنت ۽ آدرش انسان هئو، جنهن جي جيوت مان اَسين گهڻو ڪجهہ پرائي سگهون ٿا.

آخر ۾ هتي هڪ اهم ڳالهہ طرف اِشارو ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. ’هندواسي‘ ۽ ’هندستان‘ ۾ ڪم ڪندي مون گهڻي ڪوشش ڪئي تہ اِنهن اخبارن جا جهونا فائيل پڙهي سنڌ ۾ آزاديءَ

۽ سپ کان وڌيڪ هڪ يگانو ۽ مثالي اخبارنويس ۽ آدرشي سمپادڪ هو. جن جي زندگيءَ کي غور سان جاچجي ته ڏسڻ ۾ ايندو ته هو اهڙن گڻن جي گويا کاڻ هو، جيڪي گڻ اجوڪي زماني ۾ بلڪل دُرلڀ آهن. هن شخص ۾ جيڪي گڻ هئا، اهڙا گڻ فقط ست يگ وارن ڪردارن ۾ ڏنا ويندا آهن. شايد اِهو ئي سبب هو جو داد جئرامداس دولترام، هيرانند ڪرمچند جي ديهانت تي، هن کي ڏنل شرڌانجليءَ ۾ کيس 'ست يگي' آتما ڪري بيان ڪيو هو.

بنيادي طرح ته دادا هيرانند هڪ اڌياتمڪ سڀاءَ وارو، ويچاروان، جگياسو قسم جو شخص هو، جنهن جي من جو لاڙو پرڪرتيءَ جي، جيو ۽ جڳت جي، زندگي ۽ موت جي ڳوڙهن مسئلن کي سمجهڻ طرف هو. پر ديش جي غلاميءَ واري حالت، جنتا جي بک، بي روزگاريءَ ۽ بد حاليءَ وارن مسئلن هن کي ڪرم کيتر ۾ گهڙڻ ۽ ڪرم يوگي بڻجي پنهنجي ماترڀوميءَ ۽ پنهنجي جاتيءَ ۽ سماج جي شيوا ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو.

هندستان ۽ هندواسي اخبارن سان هيرانند جي جند جڙيل هئي. انهن ٻنهي اخبارن کي هن پنهنجي پتنيءَ کان به وڌيڪ پيار ڏنو ۽ پنهنجي اولاد وانگر پاليو ۽ نپايو. هندستان اخبار سان سندس ناتو اُن وقت کان وٺي جُڙيو، جڏهن ان اخبار کي اڃا اجوڪو نالو به ڪونه مليو هو ۽ اُن وقت اُها 'هندو' سڏي ويندي هئي. لڳاتار اڌ صديءَ تائين جيترو عرصو ان اخبار سان نباهيائين، تنيءَ تڏيءَ اُن جي شيوا ڪيائين. ١٩١٦ع ۾ اخبار جي اِستاپنا کان وٺي، ١٩٤٧ع ۾ ديش کي آزادي ملڻ واري وقت تائين، پريا ٢١ سال اِها اخبار سانده انگريزن جي زور زبردستيءَ، ڏاڍ ۽ ڌمڪاءَ ۽ هر قسم جي هيسائڻ ۽ ڌمڪائڻ وارين ڪارروائين جو شڪار رهي. انهن سورن سختين جو اثر، بين ديش ڀڳت

۴. دادا هيرانند ڪرمچند

- هيرو ٺڪر.

دادا هيرانند ڪرمچند جو نالو ڪَنَڻ سان سچن، سُپتين ۽ سيبتن اخبارنويسن جو ۽ سنڌي اخبارنويسيءَ جي اوج ۽ عروج جو زمانو ياد پوي ٿو. سنڌي اخبارنويسيءَ واري ڪيتر ۾ ساڌو هيرانند ۽ جيئمل پرسرام جهڙين شخصيتن پڻ پاڻ موکيو، پر جيتري لمبي عرصي لاءِ دادا هيرانند سنڌي اخبارنويسيءَ جي شيوا ڪئي ۽ جهڙي نسوارتي، قربانيءَ پرئي ۽ آدرشي ڍنگ سان هُن اِن ڪيتر سان ناتو نباهيو، سو ڪيس هڪ يگاني جاءِ عطا ڪري ٿو.

ڪنهن بہ جاتيءَ جي مهانتا اِن مان ظاهر نہ ٿيندي آهي تہ اُن جاتيءَ جي فردن وٽ اهڙا گهر هجن، جن کي سون جون ڇتيون ۽ چانديءَ جون پٽيون هجن ۽ اُنهن پٽين تي وري ماڻڪ ۽ موتي جڙيل هجن، نہ وري مهانتا اِن مان ئي ظاهر ٿيندي آهي تہ اُن جاتيءَ ۾ ڪي اهڙا راجنيتي ماهر هجن، جيڪي راجنيتي داو پيچ لڙائي، سَتا هٿ ڪن ۽ حڪمران بڻجي ملڪ تي حڪمراني ڪن. جاتين جي مهانتا اُنهن جي فردن جي قربانيءَ جي معدي مان ظاهر ٿيندي آهي، تہ ڪنهن جاتيءَ ۾ ڪيتري حد تائين قرباني ڪندڙ شخص آهن، جيڪي پنهنجن شخصي فائدن کي وساري، پنهنجي آتم سوارٿ، پريوارڪ سوارٿ کي تلانجلي ڏيئي پنهنجي سماج پنهنجي جاتيءَ ۽ پنهنجي ديش لاءِ پنهنجو سرونس قربان ڪرڻ جي توفيق رکندا هجن. دادا هيرانند ڪرمچند هِڪُ اهڙو قربانيءَ جو پُتلو، هِڪُ نشڪام شيواڌاري ۽ آدرشي پُرش هو.

دادا هيرانند هِڪ گهڻ پاسائين شخصيت هو. هوُ هڪ اڏيائمڪ وِيڪتي، گُوڙهه-گنڀير مفڪر يا فلاسافر، سُتنترتا سنگرامي

آهي ته، ’هيرانند تماشبين ڪونه هو، هڪ اُديش وارو مانڊو هو. اِهو قول سؤ في صدي سچو آهي. حقيقت ۾ آهي به ائين ته دادا هيرانند ڪي اعليٰ آدرش ۽ اُصول اڳيان رکي، اخبارنويسيءَ جي پڙ ۾ پير پاتو هو. هوُ اُنهن آدرشن ۽ اُصولن تي ثابت قدم رهيو، اُنهن سان توڙ تائين نباهيائين ۽ پورو پورو نباهيائين. حن جو هندستان ۽ هندواسيءَ سان اٽڪل پنجاه سالن جو سنبنڌ رهيو. پنجاه سال ڪو ننڍو عرصو نه تيندو آهي. اُن لمبي عرصي دوران هن کي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، داد جئرامداس دولترام، پروفيسر گهنشيام، مانسنگهه چوهڙمل، ۽ ٻين ڪيترن ويچاروان، دماغي ۽ اُصول پرست شخص سان گڏجي ڪم ڪرڻو پيو. اِن عرصي دوران هُن راشتريه ۽ انترراشتريه معاملن تي، سنڌي سماج جي سماجڪ، آرٿڪ ۽ ٻين مسئلن تي بيشمار ايڊيٽوريل ۽ ٻيا سنجيده ليک لکيا. اهڙن سنجيده معاملن تي کُلي ڪري پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ ڪا مذاق جي ڳالهه نه آهي. سمپادڪ جهڙي جوابداريءَ جي عهدي تي رهڻ، ساڳئي وقت سچائيءَ تي به ثابت قدم رهڻ ۽ پنهنجي وويڪ جي آواز کي به مانُ ڏيڻ، ڪنهن به حالت ۾ سچائي ۽ ايمانداريءَ جو دامن نه ڇڏڻ، تلوار جي ڌار تي هلڻ برابر آهي. ڪئين پيرا پاڻ ڪان وڏن جي، دنيا جي، ۽ پنهنجي وويڪ جي آواز وچ ۾ هُن کي ٽڪراءُ واريون اِستٿيون سامهون نظر آيون، پر دادو هيرانند اهڙي تلوار جي ڌار تي قدم قدم سنڀالي اڳتي وڌندو رهيو ۽ پنهنجي سچائي ۽ سُٺيائيءَ جي ٻل تي ڪئين پيرا اهڙن ڏکين ۽ ڪٺن پريکيائن مان جس پري نموني لنگهي پار پيو. ڪن استٿين ۾ اگر کيس مهاتما گانڌيءَ جو اهنسا وارو اُصول صحيح سمجهه ۾ نه آيو، ته ايمانداريءَ سان، کلي کلي ان تي سوال به اُٿاريو ائائين. اهڙو حوالو ذڪر سنڌس ڊائريءَ ۾ ملي ٿو. هن صاحب اخبارنويسيءَ جي کيتر ۾ اهڙو نه جس

اخبارنويسن سان گڏ، دادا هيرانند تي بہ پيو، جيڪو هُن ست ست ڪري پوڳيو.

’هندو‘ (هندستان) ۽ ’هندواسي‘ ڪي معمولي اخبارون نہ هيون، سنڌ ۾ اُهي آزاديءَ جي هلچل جو روح روان هيون. سنڌ ۾ ستنترتا سنگرام ۾ انهن اخبارن جو جيڪو يوگدان رهيو، سو سونن اکرن ۾ لکڻ لائق آهي. مون جڏهن ڪجهہ سال اڳ، نئي دهليءَ ۾ ’سنڌي اخبارنويسيءَ جا ١٢٥ سال‘ وشيہ تي قومي سيمينار ڪيو، تہ اُن تي ٽيليويزن وارن اڌ اڌ ڪلاڪ جا ٻہ فيچر بہ ٺاهيا. اُهي فيچر جڏهن راشٽريہ چئنل تي پرسارت ڪيا ويا تہ اُنهن ۾ اِنهن اخبارن جي ايڊيٽرن جي قربانين جو احوال ٻڌي ۽ فوٽا ڏسي، بمبئيءَ مان، احمدآباد مان ۽ ٻين هنڌن تان ٽائيمس گروپ ۽ ايڪسپريس گروپ وارين اخبارن، خاص تارون ڪري، ستنترتا سنگرام ۾ سنڌي اخبارنويسن جي يوگدان ۽ قربانين تي خاص فيچرن جي تقاضا ڪئي. اُنهن دادا هيرانند سميت، ڏهوڪن پرسڌ اخبارنويسن جا فوٽا مون کان گهرايا ۽ اُهي پنهنجن اخبارن ۾ شايع ڪيا. راشٽرپتا باپوجي، پنڊت جواهرلال نهرو ۽ ٻين عظيم راشٽريہ شخصيتن جي آسيس ۽ سات سهڪار هِنن اخبارن کي حاصل رهيو. اهڙين مهان اخبارن کي دادا هيرانند جهڙو اورچ ۽ محنتي مالهي ٻڌجي سنواريو.

هيرانند ڪرمچند اخبارنويسيءَ کي شوق طور نہ، پيشي طور نہ، پر هڪ مِشن طور ڪري ڪنيو هو. هُن اخبارنويسيءَ سان عشق ڪيو هو ۽ شاه لطيف جي اِن قول جو قائل هو تہ ’عشق ناهي راند، جيئن ڪيڏينس ٿا ٻيرو.‘ هن اخبارنويسيءَ کي ديش شيوا جو، عام جنتا جي مسئلن حل ڪرائڻ جو، عوام جي شيوا جو، سچائيءَ ۽ سُنائيءَ جي پرچار جو واهڻ وسيلو ڪري ڪنيو هو.

دادا هيرانند جي روحاني رهبر ما اِندرا ديويءَ هڪ هنڌ لکيو

ديش جي ورهاڱي دادا هيرانند جي اندر کي جهوري ڇڏيو هو. ورهاڱي وقت سنڌ اندر هندو سنڌين کي جيڪي ڪشت ڪسالا ڏسڻا پيا ۽ آخر مجبور بڻجي پنهنجا اباڻا اجها ڇڏڻا پيا. هني ڀارت ۾ اچي سنڌي نرواسين جي جيڪا حالت ٿي، تنهن هيرانند جي من ۾ وڏا ولوڙا پيدا ڪيا. سندس منُ انگريزن جي خلاف، وقت جي نظام جي خلاف، ڪِن اڳوانن جي خلاف، جيڪي اُصول اڳيان رکي، آزاديءَ جي لڙائي لڙي ويئي هئي، تن جي خلاف بغاوت ڪري اُٿيو. اُن زماني ۾ سندس من ۾ روز نوان طوفان ۽ ولولا پيدا ٿيندا رهيا، جن جو اسان کي سندس ڊائريءَ ۾ ذڪر ملي ٿو. ملڪ جي دُردشا ۽ شرنارٿين جي بدحاليءَ کي هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ ائين ويهي قلمبند ڪيو آهي، جيئن ڪو سيسموگراف ڪنهن ڀيانڪ ڌرتيءَ جي زلزلي جي اثرن کي رڪارڊ ڪندو آهي.

پنهنجي ڊائريءَ جي پهرين ميءَ ١٩٤٧ واري داخلا ۾ چوي ٿو : ’..... پاڪستان ايندو، اسين پنهنجي ملڪ ۾ ڌاريا ٿينداسين! هيءَ ڪهڙي آفت؟ سنڌ ۾ هاڻي مزو ڪهڙو، پر سنڌ ڇڏبي بہ ڪيئن؟ ....‘

ڊائريءَ جي ڏهين ميءَ ١٩٤٧ واري داخلا ۾، ’زالون مهاجرن کان پنهنجي عزت بچائڻ جي اُپاءَ طور زهر وٺن،‘ ان صلاح تي پنهنجي من جي مونجهاري جو ذڪر ڪندي لکي ٿو :

’مذهبي پاڳلن کي ڪيئن منهن ڏيو؟ جي هِنسڪ طريقي مقابلو نٿو ڪري سگهان تہ ڇا اهنسڪ طريقي انبوه اڳيان پاڻ کي اُڇلائي سگهندس؟ دل ۾ همت نٿو ساريان. زالن جو ڇا ٿيندو؟ مان ڪيئن برداشت ڪندس تہ منهنجي روبرو ڪنهن سان قهر ٿئي؟ پر ڪري بہ ڇا سگهندس؟ روڪي بہ ڪيئن سگهندس؟

هان، هڪڙو طريقو آهي، زهر وٺي پاڻ کي ختم ڪرڻ جو. زهر

ڪمايو، جو هر ڪو کيس Gentleman Journalist ڪري سڏيندو هو. سندس لکڻيون ڳڻ ڳوت پريون، فهميديون، تُز ۽ سِڌي سنئين ٻوليءَ ۾ هونديون هيون. لهجو نرميءَ ڀريو هوندو هوس، پر پنهنجي ڳالهه پختگيءَ سان چوندو هو. ڪڏهن به ۽ ڪنهن لاءِ به ٻاڙو نه ٻوليائين، ڪنهنجي به دل نه ڏکوئيندو هو. سخت ڪلاميءَ کان ونءُ ويندو هو ۽ هجوُ يا طنز ڪري ڪنهن کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو هو.

سچائي ۽ سپتيائي ته جڻ هيرانند کي سُتيءَ ۾ مِلي هئي. سندس ڊائريءَ ۾ درج ٿيل ننڍپڻ جي واقعن مان پتو پوي ٿو ته ڪيئن نه اِسڪولي ڏينهن ۾ سندس پتا جو جڏهن ڪنهن دوڪاندار سان لين دين تان ٿورو تڪرار ٿيو، پتا صاحب کي يقين هو ته هُن دوڪاندار کي پئسا ڏنا آهن، دوڪاندار چوي ته مونکي نه مليا آهن. ان تي ٻالڪ هيرانند کي اچي هلڪو انديشو ٿيو ته متان غريب دوڪاندار کي ڪس لڳندي هجي، سو اسڪول جي دوست کان قرض وٺي، اُن دوڪاندار کي پئسا ڏنائين ۽ پوءِ ته ڪجهه مهنن تائين پنهنجي ماهوار خرچيءَ مان پنهنجي دوست جو اُهو قرض چڪائيندو رهيو.

ٻئي دفعي جي وري ڳالهه آهي ته حيدرآباد (سنڌ) جي ريلوي اِسٽيشن تي، آڪٽراءِ عملدارن جي غفلت سبب، آفيس ۾ ڪلارڪ حاضر نه هئڻ سبب هوُ آڪٽراءِ ڀري نه سگهيو ۽ معمولي طرح ٻيو ڪو ماڻهو اُهو ڀرڻ جي جي ضرورت به محسوس نه ڪري ها، پر هيرانند جڏهن آڪٽراءِ نه ڀري پنهنجي ڪٽنبين سميت گهر ۾ پهتو ته سندس وويڪ کيس ڪائڻ لڳو ۽ رات جو کُلهي وقت به آڪٽراءِ ڀرڻ لاءِ وري اُن آفيس ۾ ويو ۽ پنهنجي رضاخوشيءَ کين سموري ڳالهه ٻڌائي آڪٽراءِ ڀريائين، جو ته سندس اندر جي آتما وٽان کيس اِئين ڪرڻ جو حڪم ٿي رهيو هو.

٥. دادا هيرانند ڪرمچند

- رتنا ڇنڇوراڻي.

ائين ڏٺو وڃي ته سنڌ ڀوميءَ اهڙا گهڻيئي درويش پُرش، سنت صوفي، گياني پُرش، وِدوان، مهان اڳوان، مشهور شاعر ۽ ليکڪ پيدا ڪيا، جن تي اڄ به سنڌي جاتيءَ کي سڄي سنڌي سماج جي عوام کي سندن تي ناز ۽ فخر آهي. اهڙا ئي هڪ اعليٰ هستي هئا اسانجا دادا هيرانند ڪرمچند - هڪ اوچ درجي جا ڪرم-يوگي، سچا سپاهي، ديش پريمي ديش ڀڳت ۽ ست پُرش.

هو اسانجي سنڌي جاتيءَ جا هڪ انمول رتن ۽ بي بها موتي هئا. نه رڳو هو سنڌي قوم لاءِ پر هڪ قول لاءِ هو هڪ سروَ سريشٽ - ست پُرش، سُلڇڻا، سهج سڀاءَ، نهٺا، سنتوشي، سمدرشٽي رکڻ وارا نماڻا ۽ نهٺا انسان ۽ مهان هستي هئا.

جهڙو ئي سندن نانوَ خوبصورت اهڙي ئي هُئي سندن ڪَرٽي. خوبصورت سندن نالو ئي هئو هيرانند، معنيٰ هڪ اُهو هيرو جو ٻين سڀني کي آنند ئي پيو ڏئي، خوشبوءِ پيچائي، سُکه بخشي، سچ پچ اسانجا دادا بلڪل ائين ئي هئا.

سندن اِهي اَمولهه گُڻ، بي مثل خاصيتون ۽ خوُبيون، سندن اها لاجواب فرض ادائي، ديش سيوا ۽ سماج سيوا جو انگ، هوُ هر حال ۾ هر سمي 'هيري' وانگر پيا چمڪندا ۽ ٻهڪندا هئا. هو هڪ هيرو نه بلڪ چئجي جڻ ته 'هيرن جي کاڻ' هئا.

هوُ هڪ اهڙو 'سچو هيرو' Genuine (Real) Diamond هُئا جن جي پرک ڪن نورن ئي ڀيئي جاتي، جو عام طور به ڏسبو نه (صاف) اصلي سچي هيري جي سُڃاڻ عام رواجي ماڻهن کي گهٽ ئي رهي جيترو ڪ سوناري يا جواهريءَ کي يا جن ان قسم

ڳُجهرائي گهر ۾ رکان؟ ڪنهن کان ڳُجهرايان؟ ڪو سوال جواب ڪري ته؟ وڏي ڳالهه ته اوڏي مهل همٿ ايندي؟ ڪملا به زهر جي شيشي رکڻ جون پيئي ڳالهيون ڪري!'

دادا هيرانند جي شخصي ڊائري من جي لوچ، اندر جي پيڙا، اندر جي ويدنا جي اهڙين ڪيترين ئي اسٽتين سان ڀري پيئي آهي. سندس ڊائريءَ ۾ درج ٿيل واقعا، جيڪي دل ڏڪائيندڙ، دل اُٿاريندڙ ته آهن ئي، پر اُهي هندو سنڌين جي، ورهاڱي واري طوفاني دور جي جيڪا تُز ۽ حقيت ڀڏي تصوير پيش ڪن ٿا، تنهنڪري تواريخي حيثيت آهي. اسين اڄ ورهاڱي کان اٽڪل اڌ صدي پوءِ، فئشن طور يا سڌريائيءَ طور، ورهاڱي جي درد جون ڳالهيون پيا ڪريون، اُن وشيه تي سيمينار پيا ڪريون، هزارين روپيا خرچ ڪري، نقلي درد ۽ ويدنا جي ذڪر وارين رچنائن سان ڀريل 'ورهاڱي بابت' پرچا پيا ڪڍون. پر هيرانند ڪرمچند جي ڊائريءَ ۾ جيڪي واقعا درج آهن، سي حقيقي واقعا آهن. اُنهن ۾ جيڪو درد آهي، سو ڀوڳيل درد آهي، سچو درد آهي، تواريخي حقيقتن جو آئينو آهي. مونکي ارمان آهي ته ان سند ڀرئي تواريخي احوال ڏانهن اسانجو جيترو ڌيان وڃڻ کپندو هو، اوترو ڌيان اسان اُن طرف ڏنو ئي نه آهي.

دادا هيرانند جي ڊائريءَ ۾، سندس طرفان مهاتما گانڌيءَ سان ٿيل ملاقاتن، مهاتما جي سنڌي جاتيءَ ڏانهن وچارن، سنڌ جي حالتن بابت جيڪا اُپٽار آهي، تنهن کي وڏي اهميت آهي. اُن طرف اسان کي جوڳو ڌيان ڏيڻ گهرجي.

دادا هيرانند جي زندگي هڪ آدرشي ۽ پرپرٽا ڀري زندگي آهي جنهن سان سنڌين جي موجوده ۽ ايندڙ پيڙهين کي هميشه پرپرٽا ملندي رهندي ۽ اُها مشعلِ راه بڻجي، اسان جي رهنمائي ڪندي رهندي. ●

وارتا مان ظاهر آهي. دادا جن پاڻ ننڍي اوسٿا ۾ ٿورو ضعيف ۽ ڪمزور ٻالڪ هوندا هئا. سندن ٻيا ڀائر ڪانئن وڏا ۽ بدن ۾ ڪافي سگهارا هوندا هئا. سڀ ڀائر تڏهن پاڻ ۾ گڏجي ٻنيءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. دادا سڀني ڪان وڌيڪ ڪم ڪندا ۽ سٺو ڪم ڪندا. پر اِهو ڪيئن؟ اُهو ايئن هو جو هيءُ ننڍڙو ٻالڪ پاڻ سان هر روز پنهنجي اِشٽ ديوتا جي هڪ سُندر مُورتي ٻنيءَ تي کڻي ويندو ۽ کڻي به اهڙي جڳهه تي پنهنجي سامهون رکي، هر هر ٻيو پنهنجا نماڻا نيڻ کڻي اُن تصوير ڏانهن نِهاريندو ۽ آسيس وٺندو، ائين ڪرڻ سان سندن ۾ بل اچي ويندو هئو ۽ اِن ريت سڀني ڀائرن ڪان ڪم ۾ اڳتي وڌي ويندو ۽ ڪم ۾ ڪوءِ ڏيئي ويندو. چوندا آهن ڀڳتيءَ ۾ شڪتي رهي ٿي. جو انسان پاڻ پنهنجي جيون ۾ اڳيان وڌڻ ٿو چاهي، سوپارو ٿيڻ ٿو چاهي ته اُن کي هر قدم تي هر پل، هر وقت ڏڻيءَ جو ڌيان ڌري اُن کي ياد ڪري ۽ اُن جو سمرڻ ڪندو اچي ۽ ڏڻيءَ جا ٿورا مڃيندو اچي ته جيڪي ڪجهه سڀ ڏنو آٿيئي، اُن لاءِ شڪرانا ۽ آئينده جي راهه به سولي ۽ سُٺي ڪندين. ائين ڪرڻ سان اُن کي جڻ هڪ اندروني شڪتي ملي ٿي، همٿ ۽ ساهس پئدا ٿئي ٿو، ۽ من سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان سُٺا ڪم ڪرڻ لاءِ خبردار رهي ٿو ۽ اندر وويڪ شڌ ٿئي ٿو.

دادا جن پنهنجي گهر ۾ پڻ هڪ ننڍو سُندر سُهڻو مندر سينگاري ٺاهي رکيو آهي، جنتي شِو ڀڳوان، شري ڪرشن مُراري، گڻيش جي مورتين سان گڏ پنهنجي گُرن جون ۽ رشين جون مورتيون پڻ شامل آهن. دادا جن هر روز نيم سان پرڀات سميه ۽ سانجهه جي وقت پوڄا ۽ آرتي ڪندا. دادا جن جو پرارٿنا ۾ اٽل وشواس هوندو هئو. ڪين آفيس ۾ گهڻو ڪم يا ڪو ضروري سخت ڪم جو نه هجي، ته به پرارٿنا جو نيم ڪڏهن نه ٽاريندا

جو ايياس ڪيو هُجي يا ان وشيہ تي جانڪاري حاصل ڪئي هجي.
اهڙي طرح داد جن جي اندروني شڪتي يا ذات جي پهچان ڪِن
ٿورن ڪئي يا اهڙا سُجن سڄڻ ئي ڪين ڄاڻي سگهيا پئي.

سچ پچ اسانجا دادا هڪ اهڙي ڪنول جي گُل وانگر تي رهيا
جن کي سنسار جي گندين ڳالهين يا ڪُرسمن ڪڏهن
ڪونہ ڇُهيو - جيئن ڪنول جو گل ڪيچڙ ۾ رهي ڪري بہ اُن ڪان
مٿي ٿي چوڌاري پنهنجي سونهن ۽ سڳند ڦهلائيندو رهي ٿو، دادا
بہ سماج جي ڪُرسمن کي دُور ڪرڻ چاهيو، اُنهن گندين ريتين
رواجن کي دُور ڪري سماج جا دُکہ دُور ڪرڻ تي چاهيا. هنن
جي ساري زندگي سونهن ۽ سڳند ڀري هئي.

دادا جن جو جنم ڀهرين آڪٽوبر ١٨٩٩ع ۾ حيدرآباد (سنڌ)
۾ شري ڪرمچند آمرتراء جي گهر ۾ ٿيو. شڪل صورت ۾ سُهڻا
سُنا سڀاجها سمجهوُ سياڻا، نرمل ۽ تڏي سُياء وارا ڪِلمُکہ، سادگي ۽
۾ رهڻ وارا پر دل جا وڏا، وِشال هرديہ وارا - هوُ سڀ ڪنهن سان
پيار ۽ آدر ڀاء سان هلندا هئا. ننڍو توڙي وڏو، اوچ يا نيچ ذات
پات جو ڪو ڀيد نہ رکي، سڀني سان پريم جو وهنوار هلڻ، نہ
ڪنهن سان وير، نہ ڪنهن سان دُشمني، وِشال هرديہ وارا، جڻ تہ
سندن ياڪر ۾ ساري سرشٽي سمايل هئي.

اوچ خيالات ۽ سادي رهڻي. خيال، واڻي ۽ ڪرمن ۾ بلڪل
صاف، ڌڻيء جا پوڄاري، سچا ديش پريمي هئا. هنن سڄو
پنهنجو جيون ٻين جي شيوا، خلق جي خدمت ۾ لڳائي ڇڏيو هئو.

ائين ڏسجي ٿو دادا جن جو ننڍي هوندي کان ئي ايشور
ڏانهن وڏيڪ لاڙو هئو. هو هر انسان ۾ ڌڻيء جو روپ ڏسندا، خلق
جي شيوا جڻ خُد ڌڻيء جي شيوا، ائين هو سمجهندا هئا.

هونئن بہ ايشور جي بندگي ۽ ڀڳتيء ۾ سندن اَٽوٽ وشواس
۽ شرڌا رهندي هئي، جيڪا ڳالهہ سندن حڪ اهڙي ئي ننڍپڻ جي

جيتوڻيڪ اُن زماني ۾ ڪيترا ڪٽر منورتيءَ وارا ماڻهو حن جي لکڻيءَ تي ڪڙي نُقطچيني ڪندا هئا، پر هي ڪنهن جي پرواهه نہ ڪندا هئا، هنن بنهي گبڙو ئي پاڻ پتوڙيو، سماج سڌار لاءِ، اِهي رسمون مٽائڻ لاءِ، ڏيتي ليتيءَ جا جهڳڙا سلجهائڻ لاءِ.

دادا پنهنجي زماني ۾ چئجي تہ سمپادڪ جڳت جا چڻ تہ 'سرتاج' هئا. هو هڪ آدرش ۽ اوچ درجي جا سمپادڪ تي رهيا آهن، جن پنهنجي جيون جا ٥٠ سال اخباري کيتر ۾ گذاريا. اڌ صدي هنن اخباري دنيا جي شيوا ڪئي ۽ پنهنجون سيوائون ارپڻ ڪيون.

شروع شروعءَ ۾ سکر شهر ۾ هو 'سوراج' اخبار جا ايڊيٽر بڻيا. ڪانگريس جو پرچار ڪرڻ لڳا، اُن ڪري جيل بہ ويا. پوءِ 'نوجيون' مخزن ڪڍيائون. اهڙي طرح هميشہ کان اخباري سنسار سان تمام گهرو ۽ اٽوٽ ناتو رهيو. جو ائين ڪري چئجي تہ هو پنهنجي 'هندستان' پيپر جي آتما هئا، روح روان هئا. پهرين اِها 'هندو' نالي سان ڪراچيءَ ۾ شروع تي. سنہ ١٩٢٦ کان ١٩٤٥ تائين اُتي هلي، پوءِ 'هندستان' نالي سان روزاني ۽ 'هندواسي' هفتيوار مخزن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آئي آهي - بمبئيءَ کان. هنن اخباري جيون ۾ بہ خوب سختيون سٺيون، پيڙائن جو سامنو ڪيو، جيل جا در ڏٺا. ورهاڱي کانپوءِ جڏهن پنهنجو ديش ڇڏي، ڪراچي ڇڏي بمبئي آيا تہ هنن جي ڏاڍي دِلي مرضي هئي تہ وري اِهو پنهنجو پيپر شروع ڪن. نيٺ هنن جون ڪوششون ڦلدائڪ ثابت ٿيون ۽ هنن جي اِها خواهش بہ پوري ٿي، جو سنہ ١٩٤٩ع ۾ ٢٠ مارچ کان اِهو پيپر وري نڪرڻ شروع ٿيو. شروعات ۾ تہ هنن کي خوب محنت ڪرڻي پيئي، ڏينهن رات ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪم ۾ رُڌل رهندا هئا.

هو هڪ ايماندار ۽ سچار پترڪار هئا. هو نرپکش پارٽيبازيءَ

هئا. اگر اتفاق سان ڪنهن ڏينهن آفيس جي ڇٽي ڪم سبب نيم تي پرارٿنا نہ ڪري سگهندا تہ اُنهيءَ ڏينهن رات جو ماني نہ کائيندا. چوندا هئا تہ اندر جي شڪتي مِلي ڪانهي تہ کاڌو وري ڪيئن هضم ٿيندو. سندن وشواس هئو تہ پرارٿنا ڪرڻ يا ڌيان ۾ وهڻ سان منش کي آتمڪ شڪتي، هڪ ڪاڌو ۽ ٻل ملي ٿو. هنن جو مڃڻ هئو تہ دک، بيماري، پيڙا تہ هرڪو پنهنجي ڪرمن سان ڀوڳي ٿو، ڪي ماڻهو ڏٽيءَ کي پرارٿنا ڪن ٿا، ڏنيوي پدارٿ پائڻ لاءِ پر ڏٽي تہ پاڻ ڄاڻٽهار آهي، اسانجو ڀلو ڇا ۾ آهي، اُهو هو ڄاڻي ٿو، پوءِ ڇو ويهي اُن کان اِهي شيون گُهرون تہ اسانکي بنگلو ڏج، اسان کي موٽرڪار ڏج. اِهي تہ ڇڻ هڪ گهرجائوءَ جون گُهرون آهن، پر اِها پرارٿنا ڪونهي. دادا جن پاڻ هڪ سٺا فيلسوف هئا، دنيا کان وڌيڪ لاڙو سندن فلاسافي ڏانهن هئو.

دادا ۽ سندن ڌرم پتني ڪملا، ٻنهي جو پاڻ ۾ تمام گهرو سنبنڌ هوندو هئو، جيئن ڇنجي ديپڪ ۽ جوت جو. هوُ هميشہ سندن همسفر، همراز، هر حال ۾ سندن سان قدم قدم ۾ ملائي هلڻ واري، وِک وِک تي ڪين ساٿ ۽ سهڪار ڏيندڙ، هر حالت ۾ هر سمي ساهس وڌائڻ ۽ همٿائڻ واري، پاڻ خود هڪ بهادر نڊر، اوچ درجي جي سماج سيوڪا ۽ سوتنترتا سنگرامي freedom fighter ٿي رهي آهي، جن پڻ دادا سان گڏ گڏ سماج جي ڪُرسمن جو بهشڪار پئي ڪيو آهي ۽ ڪيترا ڀيرا جيل بہ ٿي آيل آهن.

سماج جي گندن ريتين رواجن 'ڏيتي ليتي'، 'سس ننهن' جا نانا جهڳڙا، اُنهن جا پيچيدا مسئلا وغيره اهڙن ٻرندڙ وِشين تي، هن تمام زوردار ۽ اثرائتا ليک پئي لکيا آهن. ۽ خود دادا ۽ سندن جي گڏجاڻي پڻ اِن نموني ٿي هئي. دادا پاڻ بہ پنهنجي مخزن 'نوجيون' ۾ اهڙا ئي ليک ڇپيندا هئا ۽ اُن برخلاف آواز اُٿاريندا هئا.

هئا اسانجا دادا. اجائي خوشامند يا ساراه کان پري ڪڪ همٿ وارا درويش دلبر هئا، اسانجا دادا.

داد جن جو ديش پتا مهاتما گانڌي جن سان پڻ گهرو رستو رهيو هئو. سنه ١٩٢١ ۾ اسهڪار آندولن جيڪا بابو جن چالو ڪئي، اُن ۾ گهڙي پيا. دادا جن اُن وقت ڪاليج جي پڇاڙيءَ واري سال ۾ هئا، اُنهن هن هلچل ۾ حصو ورتو ۽ وري ١٩٣٠ ۾ آزاديءَ جو آندولن شروع ٿيو، ته 'هندو' اخبار بند ڪئي ويئي نه بئي نالي سان ساڳي اخبار شروع ڪيائون، بي اخبار به ضبط ٿي ته ٽئين اخبار شروع ڪيائون ۽ هر هلچل وقت دادا کي جيل وڃڻو پيو، ١٩٢٩ ۾ دادا لاهور ڪانگريس ۾ شامل ٿيا.

ديش جي آزادي آندولن ۾ بي ڏڙڪ گهڙي پيا ڇو جو دادا جا سپهه سالار خود مهاتما گانڌي پاڻ هئا، جي پڻ پاڻ ستيه ۽ اهنسا جا پوڄاري هئا. پر اگر اهڙي لڙائي کنهن بئي نموني وناشڪاري هٿيارن سان هجي هان ته دادا جهڙا پورن اهنساوادي، ان لڙائيءَ جي ڪيتر ۾ گهڙڻ کان بلڪل انڪار ڪن هان! - هو ديش خاطر ان آندولن دؤران ٥ دفعا جيل جي سزا کائي آيا ۽ جڏهن هو جيل ۾ هوندا هئا، تڏهن بلڪل جيل خاني يا قيد خاني جي قانونن مُطابق هلندا هئا. ڪڏهن به اهڙي ڪا بي قاعدي واري ڳالهه نه ڪندا جنهن سان سندن من اَشانت ٿئي. جيل مان ڪڏهن لکي لکي خط ڪونه لکندا، نه ئي ڪنهن دوست جي گهران ڪجهه تول کائڻ جو ايندو ته اُهو ورتائيندا، اصل نه! اخبار به نه پڙهندا، نکو ڪو سماچار ڪنهن کان پڇندا. اگر ڪا ڳالهه جيل جي نه وڻندي هئن ته پنهنجي اعتراض ڏيکارڻ لاءِ چُپ چاپ وِرت رکندا، پر ڪنهن سان ڏاڍهن ڪونه ڪندا. کهڙا نه سنتوشي ۽ نِرموهي ۽ سچا انسان هئا اسانجا دادا.

پهرين اپريل، ١٩٣٧ ۾ دادا جن جي بابوءَ سان خانگي

ڪان دور بلڪل جيڪو صحيح سمجهندا، جيڪي سچ سمجهندا، اُهو ئي ڇپيندا. ڪڏهن ڪا غلط ڳالهه نه ڇپيندا. آزاديءَ جي آندولن جي وقت اخبارن جو آواز بوسائڻ لاءِ، بند ڪرڻ لاءِ انگريز سرڪار گهڻا ئي اهڙا قاعدا قانون ڪڍيا ۽ اخبارنويسن ڪي هر قدم تي خطرو هوندو هئو. پر دادا پنهنجي ديش ڏانهن فرض پالڻ کان ڪڏهن به پٺتي ڪونه هٽيا يا ڪيٻايا. هو هڪ بهادر ۽ نڊر پترڪار هئا. ڪنهنجي دٻاو هيٺ يا ڏهڪاو اندر ڪونه ايندا، جيڪو سندن پنهنجو وويڪ چوارائيندو، اُهو لکندا، وويڪ جي برخلاف ڪجهه ڪونه لکندا. ڇئجي ته هو بلڪل "Gentleman Journalist" هئا. نه لکڻيءَ پر ڏنگ، نه زبان پر زهر. ليڪن لکڻ پر پنهنجو مٽ پاڻ هئا. پڙهندڙن جي دلين تي ڪافي اثر ڇڏيندا هئا. سندن لکيل ڇپيل ليکه، تمام عُمدا ۽ سماجڪ ۽ چرتيه هوندا هئا. هو بلڪ ٿڌي سياءَ جا، ديرينا ۽ گنڀير خيالات جا هوندا هئا. ڳالهه ڪندا آهن ته پنهنجي آفيس پر ڪڏهن ڪنهن تي نه ڪاوڙ، نه غصو يا جوش ڏيکاريندا. اگر جي ڪنهن جي غلطي هوندي به هئي ته اُن ڀُل چُڪ کان ڪيس واقف ڪرائيندا ۽ تمام پيار سان اثرائتي ڀاشا پر کين سمجهائيندا. جنهن جو اثر پاڻ اُنهن تي سُٺو وهندو هئو ۽ وري نه هوُ اُها غلطي دُهرائيندا. دادا جن جو چوڻ هئو، جتي سُٺي ڪم ڪري، اُتي ڪاتي جو ڪم آڻجي! هو سڀ مُشڪل مسئلا ائين پريم ڀاءَ سان سلجهائيندا هئا. سندن من پر سدائين اِها اون رهندي هئي ته مان ڪو اهڙو حرف نه لکان جو ستيه کان دوُر هجي، سچ انصاف جي صدقي بي ڊپائيءَ ۽ بُردباريءَ سان پنهنجا رايا پيش ڪندا.

هو اجائي ڏيکه ويکه يا ڪوڙي اَڊمبر کان ڪوهه دوُر رهندا. مشهوريءَ جي چاهنا کان بلڪل آجا، لوڀ ۽ لالچ کان پري، بُرسڪارن ۽ عُهدن وٺڻ کان پري، بلڪل پاڪ ۽ صاف اخبارنويس

٦. او مستانا، مستي اها ڪٿان آندي ٿي؟
دادا هيرانند ڪرمچند جي جيون جون ڪي جهلڪون)

- هري دلگير.

مونکي ڏي هڪ درد پريِ دل، سڀ جو درد ڏينم،
سڀ جو دک، پنهنجو دک سمجهان، پنهنجو دک وسريم
مونکي ڏي تون تن جي طاقت پڻ مستانو من،
گهرج گهڙيءَ ۾ سڀ ڪجهه ارپيان، گهوريان تن من ڌن.

(لهرن لک لباس)

هيءَ ڪوتا لکي ته مون آهي، پر مان سمجهان ٿو ته ان جو ڀاو ۽ شبد ارٿ دادا هيرانند جي آتما جو آواز هوندا. هوُ سدائين پرائي دک کي پنهنجو دک ڪري ليکيندو هو. ڀڳل دلين کي چپ چاپ ريهڻ ۽ ڳنڍڻ هن جو پرم ڌرم ۽ روزانو ڪرتب هوندو هو. سچائيءَ جو آواز بلند ڪندي، ديش جي آزاديءَ ۽ مسڪينن جي مدد لاءِ هن پنهنجو تن من ۽ ڌن نمرتا سان مشڪندي مشڪندي ارپي ڇڏيو. مون دادا جو درشن ٻه ٽي ڀيرا ڪيو هو، پر ڀرپور درشن ڪڏهن به ڪونه ٿي سگهيو. نه ڪا ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ۽ نه ئي مان آسيس وٺي سگهيس. ان جو ڪارڻ شايد اهو هو جو اسان ٻنهي جي جيون ۾ تمام وڏو انتر هو. هوُ ديش پريم ۽ شيوا جي آڪاس ۾ هڪ شهباز هو ۽ مان سرڪاري نوڪريءَ ۽ سنساري گپ ۾ هڪ خسيس انسان. پر اُن هوندي به اڄ مان اکيون ٻوٽي، هنجي پڙهيل ۽ ٻڌل جيون جو ويچار ٿو ڪريان ته ٻه سهڻيون تصويرون، منهنجين اکين آڏو ڪڙو ٿي بيهن ٿيون:

انهن مان هڪ تصوير آهي هڪ اعليٰ اڏول ۽ آدرشي ڪرم يوڳيءَ جي ۽ ٻي تصوير آهي هڪ ڇُٽڪيءَ واري جلوبدار حڪماسوءَ

ملاقات ٿي هئي. ٻاپو اُن وقت تمام گنڀير وينا هئا. سنڌ جي حالتن کان واقف هئا. خون خرابي، استري جاتيءَ جي اپمان ٿيڻ جا خطرا، اهي محسوس ڪري چيائون منهنجي رڳ رڳ روئي رهي آهي، منهنجي دل کي ڏاڍو صدمو رسيو آهي، مان توهان کي ڪهڙي صلاح ڏيان. منهنجو اجان به اهنسا ۾ وشواس آهي. ٻاپوءَ سان ڪافي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه، سوال جواب ٿين. آخر ۾ ٻاپوءَ اِهو جواب ڏنو پر جي عزت سان رهڻو آهي ته يا هنسڪ يا اهنسڪ مقابلي لاءِ تيار ٿيو، لڙڻ جي تياري ڪريو. ٻاپوءَ چيو منهنجي سنڌين سان جهوني واقفيت آهي، مان سنڌين کي چڱي طرح سڃاڻان، پر معاف ڪجو سنڌين ۾ لڙڻ جي شڪتي ايتري نظر نٿي اچي. انڪري ٻاپوءَ کي شڪ هئو ته سنڌي اهڙو جبرو مقابلو ڪري سگهندا يا نه، اهڙين حالتن ۾ سنڌين کي سنڌ مان لڏڻو ئي پوندو ۽ اُهو ئي ٿيو.

دادا جن اسان کان ٢٥ آڪٽوبر ١٩٧٦ ۾ اوچتو وڇڙي ويا. اوچتو ئي دل جو دؤرو پين. ٢١ ڏينهن اسپتال ۾ هئا، گهر آيا پر چوندا آهن پرميشور جا پيارا مرڻ کانپوءِ به نه مرندا. منش جي آتما اَمر آهي، عاشق مرندا ڪونهن، هو جيئرا گهمن ٿا، هيءَ جهان - گُل سرندو پر عطر نه سرندو، اُن جي خوشبوءِ هميشه رهندي، هن ڀيرين آڪٽوبر تي دادا جن ١٠٠ ورهيه جا ٿيا، سنڌن شتابدي سال ١٠٠ سالن جي ورسيءَ جو ڏينهن هڪ شپ ڏينهن سمان ڪري ملهايو ويو.

شال ايشور اسان کي سُمت ڏئي، همت ڏئي ته اسين سنڌن جيون مان ڪجهه سکون ۽ ڪي ماڻڪ ڳولهي لهون ۽ سنڌن نقش قدمن تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون.

دادا جن لاءِ منهنجا ڪوٽي ڪوٽي پرڻام ۽ وارون وار نمسڪار.

● جئه هندا

ڪندو رهيو ۽ گڏوگڏ دين دکين جي دلين جو آٿت بڻجي، هنن جا ڳوڙها اُگهندو رهيو. هن لاغرض شبوا مان ڪوبه دنيوي فائدو، ڪونه مليس پر اڪيچار آسيسائون ڪمايائين ۽ ان سان گڏ حاصل ڪيائين من جي شانتي، جا لکن ڪروڙن خرچڻ سان به ڪانه ملي سگهندي آهي.

مان سوامي وويڪانند جي جيونيءَ کي پنهنجي جيون جو آدرش ڪري ليکيندو آهيان ۽ هن جي جيون بابت پڙهندي، منهنجو من اُڏامي وڃي ٿو دادا هيرانند جي زيبدار زندگيءَ ڏي. جئن سوامي جي ڪٿي به ويهي ساهي نه پٽي ۽ پنهنجي مستيءَ ۾ ئي مست رهيو تئن دادا جي زندگي به هئي. توڙي سواميءَ ۽ دادا جي جيون ۾ گهڻو، تمام گهڻو فرق آهي، پر اِها سمانتا به آهي ته ٻئي ڪرم جي ميدان ۾ نريڀتا سان شير وانگر لڳاتار وڌندا رهيا. سوامي وويڪانند گرجنا ڪئي ته

'اُٿ، جاڳ ۽ رُڪ نه تيسين جيسين منزل تي پُهچين.'

عام طور چئبو آهي ته جاڳ ۽ اُٿ، پر سوامي چوي ٿو ته اُٿ ۽ جاڳ. ان جو ارٿ ڪهڙو ۽ ڪيئن؟ اڪثر هرڪو زندگيءَ جي راهه تي ڊوڙندو رهي ٿو پر اهڙا سڀ ماڻهو جاڳرت ناهن. ڪين پنهنجي منزل مقصد جو پتو ڪونهي. ان ڪري هوُ جاڳيل ناهن. دادا هيرانند اُٿيل ۽ جاڳيل انسان هو، جنهن پنهنجي آدرشن جي صحيح راهه پڪڙي هئي ۽ اُن تان ڪڏهن به نه هٽيو. ديش آزاد ٿيو، تڏهن به هُن ساهي نه پٽي.

عام ماڻهو پنهنجي نفعي نقصان جي ويچار کان ڊڄندا آهن، سريرڪ تڪليفن کان خوف کائيندا آهن، سرڪاري ڏنڊي کان ڀيڀيت رهندا آهن جو سوچيندا آهن ته جي هئن ڪبو ته نتيجو هئن نڪرندو، پر هوُنءَ ڪبو ته نتيجو نرالو نڪرندو. پر گيتا چوي ٿي ته نشڪام ڪرم يوڳيءَ لاءِ اهڙي ڀُڏتر ڦبندي ئي

جي، جو آتم گيان جي کوج ۾ نڪري، پنهنجي گرديو کي سيڪجهه ارپن ڪري ڇڏي ٿو ۽ چوي ٿو ته جيڪي اٿم سو سيڪجهه تنهنجو ئي آهي. تنهنجو توکي ئي ارپن ڪريان ٿو، هاڻي مونکي راه بتاءِ ته اڳتي ڪئن وڃان. گيتا ۾ به ارجن، سڀ ڪجهه ارپن ڪري، سري ڪرشن کي چوي ٿو:

اٿم مونجهه، من ۾ي نپل نرم آ،
مونکي صاف چوءُ منهنجو ڇا ترم آ،
شرن تنهنجي، شش آءٌ کولي ٻڌاءِ،
ڪريان ڇا اي گرديو مونکي بتاءِ.

(گيتا ۲/۷، امر گيت)

دادا هيرانند جي من ۾ جڏهن سمپورن سمرپن جو ڀاو پيدا ٿيو ته گروءَ جي بتايل راهه تي تڪڙو تڪڙو اڳتي وڌڻ لڳو.

سندس گرديو شري دليپ ڪمار راءِ ۽ اندرا ديويءَ جو هن واسطي ويچار آهي ته هو سانتيڪو، اعليٰ، سچيار ۽ حليم هوندي به ارادي ۾ اڏول ۽ پختو هو. دادا ۾ به خاص گڻ هئا نريئتا ۽ نمرتا. گيتا جي ۱٦ ادياءَ ۾ ستپرشن جا ۲٦ گڻ ٻڌايل آهن، ۽ سنت ونوبا جي ويچار موجب نريئتا ۽ نمرتا انهن مڙني گڻن ۾ پرڌان گڻ آهن. جئن جنگ جي ميدان ۾ لشڪر جو اڳوان هڪ مضبوط ماڻهو هوندو آهي جو فوج کي اڳتي وڌائيندو رهي ۽ پوئتان به ڄاڻو زبردست سالار هوندو آهي، جو سپاهين کي پوئتي موٽڻ کان روڪي، تئن دادا جي جيون ۾ اهي ٻئي گڻ ڪوٽان ڪوٽ پرپور هئا. ساڳي وقت هو سماجهڙو ۽ ستوگڻي سادڪ به هو، جو سدائين پنهنجي آتما سان سچار رهيو.

پر اُن کان به وڌيڪ، جنهن تصوير مونکي بلڪل موهي ڇڏيو آهي، سا آهي هڪ مهان نشڪام ڪرم يوگيءَ جي، جو لڳاتار پنهنجي ڪرم ۽ ڌرم جي ميدان ۾ ڊوڙندو رهيو ۽ ديش جي سيوا

بہ هي نہ ٿڪو. خود جيل ٽڪجي پيو. جيل ۾ جسماني تڪليفون تہ ٿينديون ئي آهن، پر هن ملڪي مستاني لاءِ سريرڪ ڪشٽ بہ روح جي راحت هئا. هن جو من ڪنهن خدائي مستيءَ ۾ مگن رهندو هو.

اخباري ڪيترؤ ۾ سرڪاري بندش جي باوجود، اخبار کي ڪٿن بہ جاري رکڻ جو ان مرد جو ڪارنامو هو. جيل جي سزائن جي پرواه نہ ڪري، ڪٿن بہ ڪري اخبار کي جاري رکيائين. ڪيس پنهنجي ڏک يا سک جو پتو ئي نہ پوندو هو. من جي مستيءَ تي ويچار ڪندي، هڪ ڳالهہ تي ياد اچيم تہ هڪ ڪروڙپتيءَ، رستي تي ليٽيل هڪ فقير کان مغروريءَ مان پڇيو تہ پائي، رات تو رستي تي ڪٿن گذاري. درويش مرڪي جواب ڏنو، تہ رات جو ڪجهہ وقت جٿن توهان گذاريو، تٿن مون بہ گذاريو. باقي بيو وقت مون توهان کان بهتر نموني ۾ گهاريو. شاهوڪار پڇيو تہ ائين ڪٿن ٿي سگهي ٿو. ذرا کولي سمجهاءِ. درويش چيو تہ جيڪو وقت اسان ٻئي ننڊ ۾ هئاسين، اُن وقت ڪنهنکي بہ خبر نہ پئي تہ پلنگ تي ليٽيل آهيان، يا ڌرتيءَ تي، باقي اوجاڳي جو وقت توهان چوراڪورا ۾ گذاريو ۽ مان پاڻ سان روح رهاڻ ۾ ڪاٽيو.

دادا لاءِ جيل بہ جڻ تہ جشن خانو هو. هٿ هاج ۾ دل يار ڏي هوندي تہ مصيبت بہ موج پري تي پوندي آهي. پر اُن لاءِ من جي مستيءَ جي ضرورت آهي. اهڙي ئي ڪنهن المست ڪرم يوگيءَ کي خيال ۾ رکي، مون ڪيترا سال اڳي هڪ ڪوتا ۾ لکيو هو:

او مستانا، مستي اها ڪٿان آندي ٿي؟
اِن مستيءَ مان مونکي پي ڪا سُرڪ چکاءِ.
مونکي پي سيکار تہ تو جيان اُڏران اُءُ.
قيد زمان ۽ قيد مڪان مان نڪران اُءُ.

(پل پل جو پرلاءُ)

ناهي. هن لاءِ رستو هڪ ئي آهي ته هو پنهنجي آدرش ۽ اديش سان ايماندار رهي. پر ائين ڪرڻ ۾ آتمڪ شڪتي گهرجي. گيدي تي پنتي هٽڻو ناهي. شري ڪرشن جي لفظن ۾ :

نه هيٺو ٿي پارٿ، متان تون ڏرين،
متان شان بي شان پنهنجو ڪرين،
پرنتپ، ڊچڻ جو ڇڏي ڀاو تون،
ڪڙو ٿي بهادر هليو آءُ تون.

(گيتا ٢/٣، امر گيت)

ڀڳوان ڪرشن چوي ٿو ته جي مان گهڙي پل به آرام ڪريان ته سڄو برهماند الٽ پلٽ ٿي وڃي. انڪري تون به سانده ڪرم ڪندو رهه. شاه لطيف به ساڳيو ويچار هنن لفظن ۾ ظاهر ڪري ٿو :

نڪو سُک نڪتين، نه ويساند نئين
جيڪا اڃني سامهون، پاڻين ما سنئين،
مُوڙي ڪوهه مَنين، سڄيون راتيون سمهي.

(سُر سريراڳ)

اڙي، سج چنڊ ۽ نکشتر به آرام ڪندا آهن ڇا؟ ندي ۽ نهر به ڪٿي ساهي پٽينديون آهن ڇا؟ جي نه، ته هي بندا، تون ڪئن سڄيون راتيون آرام ۾ گذاري، پنهنجي جيون جو خزانو گنوائيندو ٿو رهين؟ اُٿ، جاڳ ۽ ڊوڙ پنهنجي منزل ڏي. دادا به اهو سنڌ ٻُڌو ۽ پوءِ گهڙي به آرام نه ڪري سگهيو.

مهاتما گانڌيءَ آزادي آندولن ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ ديشواسين کي سڏيو ته دادا هيرانند هڪدم اُٿي کڙو ٿيو. ڪاليج جي آخرين سال ۾ هو. پر هو ڊگري وٺڻ لاءِ ترسي نه سگهيو ۽ ديش جي لاءِ اهنسڪ لڙائيءَ ۾ جُنبي ويو. پاڻ سان ڪجهه ڪين ڪٽي، هو ڪهن وانگر جوڳ ڪمائڻ لاءِ نڪري پيو. پنج ڀيرا جيل ۾ ويو، پر نڌهن

مان پنهنجي ڏاڏو پياسو آهيان،
پر مان تيسين بوند نه پيئندس،
جيسين تنهنجي اُج نه لاهيان.

ٻاڻ کي ڏکيو رکي به ٻين کي سُکيو ڪرڻ، ڪنهن ديوتا جو ئي ڪم ٿي سگهي ٿو.

آزاديءَ جي ڀڳيه ۾ دادا جي ڏنل آهوتي لاثاني هئي. هوُ چاهي ها ته ڪو وڏو عهدو هٿ ڪري سگهي ها. ٻيو نه ته ايم. ٻي. ته ضرور ٿي سگهي ها، پر هِن نماڻي شيواڌاريءَ ائين نه ڪيو. اهڙن پرمارٿي پُرشن لاءِ سنت ڪبير لکيو آهي ته،

تَروَر ڦَل کاتا نهين، ندي نه پيوي نير
پرمارٿ ڪي ڪارڻي، سنتن ڌرا سرير.

ساڌ ورتيءَ وارا ماڻهو ائين ئي ڪندا آهن. ٻورهيو ٻاڻ ڪن، ڦل جو مزو ٻين کي وڻائن.

دادا هڪ خوش نصيب انسان هو. هُن تي ايشور جي ڪرپا هئي جو ڪيس ارڌانگني، جيون ساٿڻ ساڳين ئي ويچارن، آدرشن ۽ ساڳئي ئي شيوا ڀاو واري ملي. دادي ڪملا پنهنجي اڌڪار ۾، هڪ اعليٰ اديبا به آهي ته ستنترتا سئناني به آهي. جيل جون ياترائون به ڪيون اٿس، ته ڪتاب ۽ ليک لکي ساهتڪ سنسار ۾ به چمڪي رهي آهي. هوءَ دادا جي جوت جڳائي رهي آهي. دادا سان گڏ، جو هُن پنهنجي گهر ۾ مندر ٺاهيو هو، اُتي اڄ به اندر ويهي دادا جا آدرش ۽ سندس سيوائون ۽ پيار ياد ڪندي آهي. ڌن آهي ڪرم يوگي ۽ آدرش پتني دادي ڪملا.

دادا اڄ حيات هجن ها ته سندن عمر سوُ سالن جي هجي ها، پر ۷۵ يا ۷٦ سالن ۾ ئي ڪيس سائينءَ جو سڏ ٿيو ته شرڌا سان ڪنڌ نوائي مرڪندو هليو ويو. هليو ويو، پر هُن جهڙا مهاپرش وسندا ناهن. مگر تڏهن به سرير ته مٽيءَ جو پُتلو آهي.

پنجاهه سال کن دادا اخباري کيتر ۾ پنهنجون خدمتون خلوص ۽ خوبيءَ سان ڏنيون. دليري ۽ ديانت (ايمانداري) هن جي قلم جو ڪرتب هو. هن جا ليک ۽ ايڊيٽوريل، جان، جنبش ۽ جاڳرتا وارا هئا. سچ چوندو هو پر فهميدي نموني ۾. ڏينهن کي ڏينهن ۽ رات کي رات چوندي به هن ڪڏهن به غصو ۽ غوغاءُ نه ڪيو. ڪنهن سان بدشد ڳالهائڻ يا ڪنهن سان ويرياو رکڻ هن وير جو وڙ نه هو. ڪنهن جي عيبن کي اگهاڙو نه ڪندو هو، پر کيس سمجهائي ساوڌان ڪندو هو. ساڳي وقت هو پنهنجين ڪمزورين کي ڍڪڻ جي ڪوشش نه ڪندو هو. سوال جو جواب مهاپارت جي هڪ ڪٿا مان ملي ٿو. راجا يڌشٽر ڪنهن گهرجائوءَ کي چيو ته اڄ ذرا ڪم ۾ مشغول آهيان، مهرباني ڪري سڀاڻي اچجو ته دل گهريو دانُ ڏيندس. سوالي خالي هليو ويو ته ڀيم بهادر دهل وڄائي نچڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته مبارڪ مبارڪ. راجا يڌشٽر ڪال ڀڳوان تي جيت پاتي آهي، ڇو ته کيس خاطري آهي ته سڀاڻي تائين هوُ زنده رهندو. يڌشٽر شرم ۾ ٻڏي ويو. هڪدم گهرجائوءَ کي گهرائي دان ڏيئي ڇڏيائينس. شايد دادا جي دل ۾ به اهڙو ئي ڪو ويچار آيو هوندو ته ڪهڙي خبر صبح تائين ڪير جيئرو رهي، ڪير مري وڃي. قرض کڻي مرڻ نيڪ ناهي. اُن ڪانپوءِ وڃي جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪِلندي ڪِلندي بند ٿيو.

ڪنهن دُکي دردونت جو پتو پوندو هوس ته فرشتي وانگر اُتي ترت پهچي ويندو هو. سندس مدد ڪندو هو، دل وٽندو هو، بيمار بدن جي شيوا سندن پٽ بڻجي ڪندو هو. يتيم ٻارن جو پيءُ بڻجي، کين پيار ڏيندو هو. ڪنهنجي به دک کي ڏسي هو خود دُکي ٿي پوندو هو. ڪويءَ جي لفظن ۾ هُن جي دل چوندي هئي ته،

جاٽان ٿو، توُن انهه اُجايل

٧. شري هيرانند ڪرمچند

منهنجو دوست .... منهنجو رهبر

- ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي.

سال ١٩٥١ ۾ ايس.ايس.سي. پاس ڪيم. منهنجي اڳو ئي ويچار هئا. يا ماستري ڪريان يا ڪنهن اخبار ۾ نوڪري ڪريان. الائي ڇو ننڍپڻ کان وٺي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي چاهنا سان گڏ اخبار جو به شوق هو. ورهاڱي کان اڳ ۾ به، پنهنجي شهر قنبر ۾ ستون/ اٺون درجو انگريزي پڙهندي (ان وقت انگريزي ٽيون/چوٿون درجو سڏبا هئا) شهر مان نڪرندڙ اخبار ’آزادي‘ جي آفيس وٽان لنگهندي آفيس تي لڳل بورڊ ’هفتيوار آزادي‘ اخبار ڏسندو هوس ته نظرون ان ۾ اٽڪي پونديون هيون ۽ چاهيندو هيس ته مان به اخبار ڪڍان. اخبار جو سمپادڪ (سرڳواسي) سنمک ماکيجا سان گڏجڻ لاءِ (هو مونکان وڏو هو) سندس ڀاءُ گرمک ماکيجا، جو منهنجو هم ڪلاسي هو، اُن سان دوستي رکيم، ان نموني سنمک ماکيجا جي ويجهو آيس ۽ اها ويجهائي هت ڀارت ۾ به سندس جيوت هجڻ تائين قائم رهي.

ورهاڱي بعد هت ڀارت ۾ ايندي يارهون درجو پڙهندي اخبار ڪڍيم ’وديارٿي‘ جا پوءِ ايس.ايس.سي. جي پرلمنري امتحانن ڪري بند ٿي ويئي ۽ هاڻ هفتيوار ’سنڌي ٽائيمس‘ سال ١٩٦٢ کان وٺي ڪڍندو پيو اچان.

مطلب ته اها لنوَ جٽڪ جائي جم کان لڳل آهي، انڪري ايس.ايس.سي. امتحان پاس ڪرڻ بعد مون لاءِ زندگيءَ ۾ ٻه گذران لاءِ به رستا هئا، هڪ ماستري يا ٻيو اخبار ۾ ڪم ڪرڻ.

ماستري نه ملي، سال نوڪريءَ جي تلاش ۾ گذري ويو. سال

مان شاهه جو بيت جهونگارڻ لڳان ٿو :

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنواريِن،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين، سچا لاهوتي لڏي ويا.

(سُر رامڪلي)

هائو، لاهوتي برابر لڏي ويا، پر پويان هڪ امر جوت ڇڏي ويا. دادا جي ڪرم ياترا کي ياد ڪري سوامي وويڪانند ياد ٿو اچي، سندس مستيءَ کي ياد ڪري ميرابائيءَ کي نچندو ڏسان ٿو. غريبن لاءِ سيوائون ياد ڪري ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ مدر ٽيريسا جا آدرش ٿا ياد اچن. سندس مرڪندڙ چهرو ياد ڪري سوامي ليلاشاهه ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي مرڪ ياد ٿي اچي، هن جي نماڻائيءَ کي ياد ٿو ڪريان تہ ماهري ديوي اچي اکين اڳيان بيهي ٿي. ديوتا يا فرشتو ٿيڻ اهڙو ڏکيو ناهي جهڙو هڪ آدرشي انسان ٿيڻ. دادا هيرانند پنهنجي نالي سان بہ خوب نباهيو. هو سچو هيرو هو، هن جي خيالي تصوير اڳيان منهنجو سرُ جُهڪي وڃي ٿو ۽ مان گيت گنگنايان ٿو :

او مستانا، مستي اها ڪٿان آندي ٿي؟

هندستان اخبار ۾ وڃي نہ سگهيس. جو نہ پورو آزمودو هيو ۽ نہ وري تعليم، بس بي روزگار ٿي پيس، پر ان عرصي ۾ هندستان اخبار ۾ ڪم ڪندڙن کي منهنجي نالي جي ڄاڻ پيئي.

سال ١٩٥١ ۾ منهنجي ڪهاڻي 'ڪليم' ماهوار رسالي 'نئي دنيا' ۾ ڇپي هئي ۽ هيئان لکيو ويو هو، 'نئين دنيا' جي مهرباني ۽ سان، ڪهاڻي ڇپجڻ بعد مان هندستان آفيس ۾ سمپادڪ هيرانند ڪرمچند سان گڏيس. ڪليم ڪهاڻي ۽ جي ليکڪ جي حيثيت ۾. بس پهرين نظر، گڏجاڻي ۽ سان شري هيرانند ڪرمچند جو عاشق ٿي پيس. الائي ڇو هي سائين بہ مونکي پيارو لڳو. ڏاڍي عزت ڏنائين. جيتوڻيڪ ان وقت عمر ۾ مان ان جي هروڀرو لائق بہ ڪونہ هيس. پر شايد اها سندس پلمانسي هئي. پوءِ تہ ڪڏهين ڪڏهين هندستان آفيس ۾ ساڻس گڏجڻ ويندو هيس. شري هيرانند هميشه ڪم ۾ رڌل، سڀن شهرن مان آيل خبرون ويٺو پڙهندو ۽ انهن کي درست ڪندو. نٽيو ڪند رهندو هو يا ڪا خبر ڪنهن انگريزي اخبار مان پيو ترجمو ڪندو هو. يا ڪڏهين پهنجي لکيل سمپادڪي ليکہ جا پروف پيو پڙهندو هو. سمپادڪي ليکہ گهران لکي ايندو هو. ڇيائين هت تہ ڳالهائي ڪونہ ٿو سگهجي، ڪڏهين گهر ايندو ڪر، شام جي وقت مان سولو گڏجي سگهندس.

بس پوءِ تہ شري هيرانند ڪرمچند منهنجو دوست ۽ رهبر بڻجي ويو. ڪجهہ مهينن بعد مونکي هندستان اخبار ۾ رپورٽر جي نوڪري ملي ويئي. منهنجو ڪم هو شهر ۾ ٿيندڙ پريس ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ اها خبر اخبار ۾ لکڻ. منهنجو ڪم منجهند جو ٻي بجي کان شروع ٿيندو هو. مان آفيس ۾ ڏيڍ بجي کن وڃي شري ٻلرام موٽواڻي يا شري گوورڌن شرما سان گڏبو هيس. هو صاحب ان ڏينهن جون مشغوليون بابت آيل ڪوٺ بابت

١٩٥٢ جي اپريل مهني ۾ ممبئي جي جئه هند ڪاليج ۾ پهرين سال آرٽس ۾ داخلا ورتم. تڏهين اجا جئه هند ڪاليج جي موجوده عمارت ڪجهه ٺهي چڪي هئي ۽ ڪجهه ٺهي رهي هئي. ان کان اڳ ڪالا گهوڙا وٽ ايلفنسٽن ڪاليج عمارت ۾ جئه هند ڪاليج هلندو هو.

ڪاليج جو پرنسيپال صاحب هو شري ٽي. ايم. آڏواڻي. پروفيسر رام پنجواڻي سنڌي پڙهائيندو هو ۽ تاريخ پروفيسر چيتن ماڙيوالا، انگريزي پروفيسر گدواڻي پڙهائيندو هو.

ڪاليج ۾ پڙهندي ڇهه مهينا گذري ويا معنيٰ پهريون ٽرم پورو ٿيو. ٻيو ٽرم شروع ٿيو. ٻئي ٽرم جي في نه ڀري سگهڻ ڪري ڪاليج مان نالو ڪٽيو ويو.

تڏهن اي.او.بي.سي. ڪونه هوندي هئي. هاڻ ڇا ڪريان .....؟ ممبئي دادر ايراضيءَ ۾ رنجيت ٽاڪيز فلم اسٽوڊيو پرسان هڪ شيڊ نما جڳهه مان روزاني اخبار ’سنسار سماچار‘ نڪرندي هئي، اتي ويس، نوڪري ملي، اسي روپيه ماهوار لوازمو، خبرون هنديءَ مان ترجمو ڪرڻ جو ڪم هو. ڏاڍو خوش ٿيس ته بس اخبار نويس ٿي ويس.

آفيس ۾ ڪشن دلواڻي، جو اڳ ۾ سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس ڪري واقف هو، ٻيو پتامبر شرما سب ايڊيٽر هئا. شري هوندراج داس، شري جئرام اگناڻي ڪم سنڀاليندو هو. اجا سال ڪن مس نوڪري ڪيم ته اخبار بند ٿي ويئي ۽ اخبار جو چڱو عملو ’هندستان‘ اخبار ۾ نوڪريءَ لاءِ ويو. ٻه سال کن اڳ ۾ روزاني هندستان اخبار نڪرڻ شروع ٿي هئي. فورٽ ۾ جتي هاڻ شيئر بزار بلڊنگ آهي، ان سان لڳولڳ هڪ جهوني عمارت جي پهرين ماڙي تي هندستان اخبار جي آفيس آهي. ڏاڪڻيون ڪاٺ جون هيون جئن هاڻ ڪلڪته جي ڪن جهونين عمارتن ۾ آهن. مان

سمنڊ جي لهرن ڏانهن ڦٽو ڪندو ويو، ايتري ۾ سج بہ ڪَني ڪڍي ۽ روشني ٿي، هن ٿيلهيءَ مان هڪ ۽ آخرين ذرڙو ڪڍي سمنڊ ڏانهن ڦٽو ڪرڻ ڪان اڳ ڏٺو تہ اهو تہ هڪ هيرو هو. يعني هن ان ڪان اڳ جيڪي ذرڙا پٿر جا ٽڪرا سمجهي سمنڊ ڏانهن ڦٽا ڪيا هئا، اهي پٿر جا ٽڪرا نہ بلڪ هيرا هئا، ۽ آخرين هڪ ٽڪر، هڪ هيرو سندس هٿن ۾ هو. مون بہ شري هيرانند سان ڪن گڏ گذاريل ڏينهن، پل، گهڙيون، هيرن ڪان بنان گيان جي گذاريون ۽ اڄ منهنجي هٿن ۾ فقط هڪ هيرو يعني يادگيريون ئي آهن ۽ ان جي آڌار تي پيو جيئان.

ياد ٿو اچيم، هندستان اخبار کي وڏيڪ ڪان وڏيڪ مواد جي گهرج هئي. هنن کي اُلهاسنگر ۾ عيوضي کپندو هو. ڇو جو سامهون ڪن دوستن سنڌو سنسار نالي سان روزاني اخبار ڪڍي هئي ۽ ان ۾ اُلهاسنگر جون خبرون ڇپيون ايندڍيون هيون. دادا جئرامداس دولترام تنهن وقت هندستان اخبار جو چيئرمن هو، هن کي اُلهاسنگر لاءِ عيوضي طور منهنجو نالو سُجهي آيو، هن شري هيرانند سان ڳالهہ ڪئي، جو هو اخبار جو سمپادڪ هو، دادا جئرامداس پنهنجي روءِ سوءِ، پنهنجي مرضيءَ سان ڪوبہ ڪم نہ ڪندو هو. پر پنهنجن ساٿين سان واسطيدار شخص سان صلاح مصلحت ڪري پوءِ ڪندو هو. منهنجي نالي جي سفارش شري هيرانند بہ ڪئي تہ اُلهاسنگر ۾ رهندڙ شري سخاوت چوٽواڻي بہ ڪئي ۽ مان سال ١٩٦٩ ۾ هندستان اخبار لاءِ اُلهاسنگر لاءِ عيوضي مقرر ٿيس ۽ ڪم سال ١٩٨٥ تائين هليو. ان وچ ۾ شري هيرانند ان بعد شري هاسومل بہ اخبار مان رٽاير ڪري ويا هئا تہ شري مانسنگهہ بہ ڪونہ هو. شري تيرٿ سباڻي اخبار جو سمپادڪ بہ هو تہ مئنيجر بہ بڻيو.

سال ١٩٨٥ ۾ اُلهاسنگر ميونسپل جو پريزيڊنٽ شري ڀِيو ڪالاڻي بڻيو. سندس ڪن ڪمن بابت هندستان اخبار ۾ ڪجهہ

نينڊ ڪارڊ جا ليٽر ڏيندا هئا ۽ مان اهي مشغوليون لکي خبرون ناهيندو هيس، منهنجو شري هيرانند سان آفيس جي لحاظ کان سڌو لاڳاپو ڪونہ هوندو هو، پر پنهنجي ليکي ڪڏهين ڪڏهين سندن گهر سمرڪئين ۾ ويندو هيس. آفيس پنڌ، لائن گيٽ کان تي، گيٽ وي آف انڊيا وٽان تي سمنڊ جو ڪنارو وٺي ريڊيو ڪلب وٽ پهچي، ’سمرڪئين‘ سندس گهر پهچي ويندو هيس. پوءِ شام جو ساڍي ڇئين پنجين بجي شري هيرانند سان گڏجي پنڌ ئي پنڌ ڳالهيون ڪندا. بمبئي يونيورسٽيءَ جي باغ ۾ اچي ڪلاڪ کن ڳالهيون ٿينديون هيون، پوءِ مان اُلهاسنگر هليو ايندو هيس.

ڳالهين جي دوران هو مونکي زندگيءَ جي ڏکيائين بابت آتت ڏيندو هو. مان تڏهين ڏاڍو غريب هيس. في نہ هئڻ ڪري ڪاليج جي پڙهائي چالو رکي نہ سگهيس، پائڻ لاءِ فقط ٻہ وڳا، ڪاڏيءَ جو ڪڙتو پاجامو، هڪ سڪي تہ ٻيو پايان، پيرن ۾ ڪولهاپوري چمپل، هٿ ۾ ڊائري، جنهن ۾ خالي پنا، خبرن لکڻ لاءِ بس. گهر مان نڪرڻ وقت ٻہ ڦلڪا اخباري پني ۾ ويڙهي کڻي ايندو هيس، منجهند جو روٽي جنهن کي ماڊرن نموني لنچ سڏي گذر ڪندو هيس، پوءِ بہ خوش هيس، جو مونکي هيرانند جهڙو هڪ نيڪ، سچار ايماندار رهبر مليو هو.

مان هاڻ سوچيان ٿو تہ شري هيرانند، هيڏو مشغول هوندي بہ مونکي پنهنجو وقت ڪيئن ڏيئي سگهندو هو. مان اڄ زندگيءَ ۾ ائين نٿو ڪري سگهان. هيرانند جي زندگيءَ مان ٿورو ئي ڪجهہ کڻي سگهان ها تہ ڪرتارٿ هجان ها.

هڪ شخص پرڀات جي منهن اونداهيءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري ٽهلڻ ويو تہ هن هڪ ڪپڙي جي ٿيلهي ڏٺي، هن اها کڻي ان ۾ هٿ وجهي محسوس ڪيو تہ ان ۾ پٿرن جا ننڍا ذرڙا هئا. هو سمنڊ جون لهرون ڏسندو ان ڳوٿريءَ مان هڪ هڪ ذرڙو ڪڍي

رهجي ويندي، مثال طور ڪنهن اُتسوَ ۾ آيل مکيہ شخص نہ ضرور ٻوءِ ڳالهائيندو ۽ جي لکڻ وارو شروع کان وٺي احوال ڏيندو ۽ مکيہ شخص جو ڳالهائڻ پوءِ ڏيندو تہ اخبار ۾ جاءِ جي کوٽ ڪري اها مکيہ ڳالهہ رهجي وڃڻ جو امڪان آهي. ان ڪري خبر کي ٽن حصن ۾ ورهجي.

پهرين مکيہ مهمان ڇا چيو ۽ اهم نقطا ڪهڙا چيا، پهريون حصو آهي. ان بعد اهو اُتسوَ ڪنهن ۽ ڪهڙي مقصد سان ڪيو ويو هو يا اهو موقعو ڪهڙو هو، جي مکيہ مهمان آيل هو. اهو ٽيو خبر جو ٻيون حصو ۽ باقي آخر ۾ ان موقعي تي ٻيو ڇا ڇا ٿيو. اهو ٿيو خبر جو ٽيون حصو.

سمجهو خبر اهم آهي ۽ اخبار جي پهرين صفحي تي اچڻ گهرجي يا خبر دير سان ملي آهي يا حاصل ٿي آهي ۽ اخبار جي ٻوئين صفحي تي ايندي ۽ جاءِ ٿوري آهي تہ خبر جو مکيہ حصو يعني پهريون حصو تہ اچي ويندو جوئي اهم حصو آهي، پوءِ جيئن اخبار ۾ جاءِ هوندي تيئن ٻيون ڳالهيون بہ اينديون.

مان ان صلاح تي عمل ڪري خبرون لکندو هيس ۽ ٻئي ڏينهن تي ٻين اخبارن (ٻين ٻولين جون) اهائي خبر ڏسندو هيس تہ انهن اهائي خبر ڪيئن ڏني آهي، ان مان بہ مونکي ڪافي فائدو ٿيندو هو.

مان شري هيرانند جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ڪهڙيون ڪريان، هت تہ وڏو گرنٿ ٿي ويندو. هاڻ تہ فقط هنن صفحن ۾ پنهنجي رهبر جون فقط ڪي يادگيريون ڏنيون اٿم.

'ستگر جهڙو شاہ، ڪونہ ڏٺوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پوربي اُتم ڏن اٿاہ
نڪا پڇيانين ذات پات نڪي پڇيانين راہ
ڪري من اچاہ، سامي چڙيانين چن ۾.

(سامي) ●

آيو هو، جو ڪيس پسند ڪونہ هو. هو چاهيندو هو تہ وڻ جو پتو بہ سندس مرضيءَ مطابق لُڏي. هن مونکي اطلاح ڏنو تہ مان قلم سنڀالي هلايان. شري منوهر جيسواٽيءَ بہ خبردار ڪيو تہ جي مان سنڀالي نہ هليس تہ اهو هندستان اخبار جي عيوضيپڻو نہ رهندو. مان پنهنجي رفتار سان هلندو رهيس، خبر تڏهن پيئي جڏهن شري تيرٿ سڀاڻيءَ گهرائي چيو تہ تون هاڻ نوڪري سانگي بمبئي ايندو آهين. اُلهاسنگر ۾ ايڏو وقت ڏيئي نٿو سگهين، ان ڪري اُلهاسنگر جون خبرون انگريزي اخبار انڊين ايڪسپريس ۾ وڏيڪ ٿيون اچن ۽ ان جو عيوضي ڀاڳو تلريجا آهي، جو نہ هندستان ۾ خبرن موڪلڻ جو ڪم بہ ان کي ڏنو وڃي. مون سمجهو، شري منوهر جيسواٽي آگاهہ تہ اڳير ئي ڪري چڏيو هو، ۽ مونکي اها بہ ڄاڻ هئي تہ شري ڀپو ڪالاڻيءَ کي اها ڪلا آهي تہ ڪنهن کان ڪم ڪيئن وٺجي. هن اها ڪلا تيرٿ سڀاڻيءَ تي آزمائي ۽ ڪامياب ويو ۽ سال ١٩٨٦ کان اُلهاسنگر ۾ هندستان جو عيوضي مان نہ بلڪ شري ڀاڳو تلريجا ٿيو ۽ منهنجا لاڳاپا هندستان اخبار کان الڳ ٿيا جي سال ١٩٥١ کان جڙيا هئا. پوءِ تہ نہ اهي هنج رهيا ۽ نہ اهو مانسروور ئي رهيو آهي.

مان جڏهين رپورٽر هيس، تڏهين پهريان ڏينهن منهنجون خبرون شري هيرانند پاڻ ڏسندو هو ۽ مونکي پاڻ سان ويهاري دوست جيان صلاحون ڏيندو هو ۽ رهبر جيان سونهپ ڪندو هو. چوندو هو تہ رپورٽنگ جو ڪم تڪڙو ڪم آهي. اتي لکڻ وارو چست کپي. اتي ٻوليءَ جي گرامر، ٻوليءَ جي ڏاهہ نوهہ ڪرڻ ڏکيو آهي، انڪري مونکي صلاح ڏيندو هو تہ تون ڪن خاص وشين جو اڀياس ڪري انهن تي تفصيلن سان سنو ٿو لکي سگهين، پوءِ تہ مان بہ اُلهاسنگر جي ڪن مسئلن تي اڀياس ڪري انهن تي لکندو هيس.

ياد ٿو اچي رپورٽنگ وقت مونکي هدايائين تہ، جيئن تون ڏسين ٿو ۽ ٻڌين ٿو، جي ائين لکندين تہ رپورٽنگ ۾ مڪيہ ڳالهہ

شروع ڪئيسين، پهرين هفتيوار، پوءِ هفتي ۾ ٻه دفعا ۽ آخر روزاني ڪري ڪڍندا هئاسين.

سال ١٩٢٦ع ۾ حيدرآباد جي 'هندو' سوراج آشرم ڪنٽي ۽ اخبار مهراج لوڪرام شرما ۽ وشنو شرما کان خريد ڪئي ويئي.

آشرم پهرين سنڌ سوُراج آشرم جي نالي سڏبو هو، پوءِ نالو بدلائي ديش شيوا منڊل رکيو ويو ۽ ورهاڱي بعد جنهنجو ٻه نالو رکيو ويو 'لوڪ شيوا منڊل'. اخبار جو سمپادڪ ٿيو هيرانند ڪرمچند ۽ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو مانسنگهه چوهڙمل. ٻن سالن بعد شري مانسنگهه جنرل مئنيجر ٿيو سال ١٩٧٣ تائين. شري هيرانند سال ١٩٧٥ تائين سمپادڪ ٿيو.

سال ١٩٣١ جي ستاويهين مارچ تي ڪراچيءَ ۾ انڊين نئشنل ڪانگريس جو اجلاس ٿيو. ان موقعي تي 'هندو' اخبار حيدرآباد مان ڪراچي آندي ويئي ۽ شري هيرانند ٻه ڪراچي آيو.

شري هيرانند سيڪو ڪم يا ديش شيوا جو ڪم ڪنهن خودي يا اهم سان ڪونہ ڪندو هو، هو پنهنجو هرڪو ڪم نشڪام ڪندو هو. هن ڪڏهن ٻه راجنيتي اڳوان ٿيڻ جي ڪوشش ڪونہ ڪئي. سمپادڪي ليکن ۾ هو جيڪي سچ سمجهندو هو، اهو لکندو هو. وڏائي ڪونہ ڪندو هو. خيال، واڻي ۽ ڪرم ۾ صاف رهندو هو. آگسٽ ١٩٤٢ ۾ ڪرو يا مرو جي هلچل شروع ٿي.

ان وقت هيرانند اعتراض جوڳن ليک لکڻ ڪري گرفتار ڪيو ويو ۽ اخبار ٻه بند ڪئي ويئي. شري هيرانند سال ١٩٤٣ ۾ آزاد ٿيو ۽ اخبار نهرو جنم-ڏن ١٤ نومبر، ١٩٤٣ تي، وري شروع ڪئي ويئي. سال ١٩٤٧ ۾ ورهاڱو ٿيو. هيرانند جي مرضي هئي تہ اخبار ممبئيءَ مان وري ڪڍجي. نيٺ هن جون ڪوششون ڪامياب ويون. سال ١٩٤٩ جي ويهين مارچ کان اخبار وري شروع ڪئي ويئي.

٨. شري هيرانند ڪرمچند

- نارايڻ.

شري هيرانند شري ڪرمچند جي گهر ۾ تاريخ پهرين آڪٽوبر ١٨٩٩ تي جنم ورتو ۽ سندس ديهانت پنجويهين آڪٽوبر ١٩٧٦ع ۾ ٿيو. پنهنجي زندگيءَ جي چاهتر سالن مان هن پنجاه سال سنڌي اخبارنويسيءَ کي ڏنا. سال ١٩٢٦ کان سال ١٩٧٥ تائين هو ان کيتر ۾ رهيو.

ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ بي.اي. پڙهندو هو، جو گانڌيجيءَ جو فرمان ٿيو تہ سرڪاري ڪاليج ۽ نوڪريون ڇڏي اچو ۽ شري هيرانند ڪراچي ڪاليج ڇڏي اچي سکر جي هڪ قومي اسڪول ۾ ماستري ڪرڻ لڳو ۽ اتي 'سوراج' اخبار جو سمپادڪ ٿيو. جنهن ۾ هو خاطوءَ جو نالو نہ ٻڌائڻ ڪري بدناموسيءَ جي ڪيس ۾ جيل اماڻيو ويو.

١٩١٦ع ۾ مهراج لوڪرام هفتيوار 'هندو' اخبار شروع ڪئي. اخبار جو پهريون سمپادڪ شري وشنو شرما ٿيو. اوائل ۾ هندو اخبار ديوناگري ۽ عربي ٻنهي لپين ۾ نڪرندي هئي.

'هندو' دواران لوڪمانيہ تلڪ جي گرم راجنيتيءَ ۽ سڌانتن جو پرچار ٿيڻ لڳو.

اخبار ۾ سرڪار جي نيتيءَ خلاف ليکہ ڇپجڻ ڪري شري لوڪرام کي جيل جي سزا ملي.

شري مانسنگهہ چوهڙمل پنهنجي ڪتاب 'قلن منڊ' ۾ لکي ٿو تہ '... جنگ جو زمانو هو. پني جي ڪوٽ هئي، ڪيتريون ئي اخبارون بند ٿي ويون. آخر جنگ پوري ٿي ۽ اخبارون وري نڪرڻ لڳيون. مهراج لوڪرام بہ جيل ڪاٽي ٻاهر آيو هو. خيال ڪيو ويو تہ وري اخبار ڪڍجي. جوُن مهني ١٩١٩ع ۾ اخبار 'هندو' وري

ڏيندو هو تہ مٺان ڪو ڪمپازيٽر يا پروف ريڊر منهنجا هٿ اکري چاڙهين منهنجو نالو نہ هڏائي ڇڏي.

ٻيو مثال : اُلهاسنگر جي هڪ پهچ واري شخص بابت خبر هئي. اها دير سان ملي. مونکي اها اجازت هئي تہ رات جو نائين بجي تائين خبر فون رستي سڌو هيرانند کي ڏيندو هيس ۽ هو سڄڻ پاڻ فون ڪري اها خبر ڪمپوز ڪرائي اخبار جي ٻهرين يا ٻوئين صفحي تي ٻهرين ڪمپوز ڪيل خبر ڪڍائي ان جڳهہ تي ڏئي ڇپائي ڇڏيندو هو. جيئن خبر جلد بہ جلد ۽ ٻين قومي اخبارن (انگريزي ۽ هندي) سان برميچي سگهي.

هون۽ نہ تہ آفيس ۾ وينل سب ايڊيٽر اِها خبر ترسائي ٻئي ڏينهن تي ڏي ها ۽ اِها خبر ٻين اخبارن جي پيٽ ۾ دير سان ڇپجي ها. اهو مرم شري هيرانند رکندو هو، جو اڄڪلهہ ڪونہ آهي. قومي اخبارن ۾ خبر اچڻ بعد بہ ٽن چئن ڏينهن بعد اها خبر يا خبرون ايندڙيون ۽ پڙهندڙ چوندا آهن تہ هي تہ پراڻيون خبرون آهن.

ٽيون مثال : ڪٿي ڪو شڪ شبو ڏسندو هو تہ خود پاڻ روبرو اچي حالتون نظر مان ڪڍندو هو. ائين آيل خبر صحيح سمجهي ڪري ڇپي نہ ڇڏيندو هو.

مان تڏهين هندستان اخبار جو رپورٽر ڪونہ هيس. سال اُٺويهہ سوَ الونجاهہ يا سٺ هو. هيرانند نياپو موڪليو تہ مان اُلهاسنگر ٺو اچان. بس رستي اُلهاسنگر ٽئين ۾ پهچايتي آفيس ۾ وقت رکيوسين. تڏهن اُلهاسنگر اسٽيشن ڪونہ هئي. شري هيرانند ڪلياڻ مان بس رستي اُلهاسنگر ٽئين ۾ هاٽوڪي آر.ڪي. تلريجا ڪاليج ٻاهر بس اسٽاپ تي لٿو ۽ مان ساڻس گڏيس. روبرو حالتون ڏسي ڳالهيون ٻڌي پوءِ خبر ڏنائين. اڄ ائين آهي؟ ڏنو ويو آهي تہ ڪو فنڪشن ٿيندو ئي ڪونہ آهي. پر اخبار ۾ خبر ايندي آهي

بمبئيءَ ۾ اخبار ڪڍڻ سان هيرانند کي خوب محنت ڪرڻي پيئي. لڳاتار ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪم ۾ لڳو پيو هوندو هو. هن ۾ نه ٻاهرين ديکاديکي هئي ۽ نه ڪوڙي چمڪ دمڪ هئي ۽ نه وري هن کي ڪوڙي شان مان يا ڏيک ويک جي پرواهه هئي. هو ته پاڻ کي پڌري ڪرڻ بدران پاڻ لڪائڻ ئي پسند ڪندو هو. شايد ڪڏهين ئي ڪٿي. ڪنهن اُتسوَ ۾ مکيه مهمان يا صدر ٿيڻ قبوليو هو ۽ نه وري ڪٿي فوٽو ڇپائڻ، گلن جي مالها پهرائڻ، پکرون پهرائڻ جي چاهنا رکندو هو.

'ڳجهه ڪري پاتال ۾، پرگهٽ هوءَ آڪاس.'

جڏهين مان شري هيرانند کي هڪ سمپادڪ طور ٿو ڏسان ۽ سوچيان ته ڪجهه مثال دل تي تري ٿا اچن.

اخبار ۾ گهٽيئي ليکه ايندا رهن ٿا، اهو ضروري ڪونه آهي ته هر ليکه سمپادڪ پاڻ پڙهي. جي فقط سڀ آيل ليکه يا مواد پاڻ پڙهي ته پوءِ پاڻ ڪجهه لکي ۽ سوچي ئي نه سگهندو ڇو جو وٽس ايترو وقت ئي نه بچندو. پر اخبار ۾ آيل ليکه يعني ڇپيل مواد جي اخلاقي جوابداري سمپادڪ جي آهي. سڪر مان جڏهين سوراج اخبار ڪڍندو هو، تڏهين اخبار هڪ خاطوءَ جي خبر ڇپي هئي، جا جنهن بابت ڏنل هئي، ان جي بد ناموسيءَ ڪري، جنهن ڪري اخبار تي بدناموسيءَ جو ڪيس ٿيو ۽ شري هيرانند اها جوابداري پاڻ تي کنئي ۽ جيل جي سزا ڀوڳي، پر اخبار جي خاطوءَ جو نالو نه ڏنائين. پر اج ڪابه خبر لکل نه آهي، ڇو جو ان خبر جي لکندڙ جو نالو اخبار ۾ ــ ڪم ڪندڙ يا سمپادڪ ڏيئي ڇڏيندو. جو اخلاقي طور صحيح نه آهي.

مونکي پنهنجو آزمودو آهي. مان اُلهاسنگر بابت ليکه لکندو هيس، جي سرو شري هيرانند کي موڪليندو هيس ۽ هو صاحب اهي ليکه پنهنجي هٿ اکرن ۾ نقل ڪري پوءِ پريس ۾ ڇپڻ لاءِ

(ڪاڏي ٿي) ٿي نہ ويندو هو ۽ نہ وري ڪنهن ڪان ڪا سوغات ئي وٺندو هو. بس پنهنجي ڪم سان ڪم. ڪيترائي مشهوريءَ جا چاهڪ چاهيندا هئا تہ سوغاتون ڏيئي سرخرو ٿيون. پر هو ائين ڪري نہ سگهندا هئا. پر اڄ اهي زور آهن جو سوکڙين وٺڻ وارا، پڪڙون ۽ هار پارائڻ وارا جام آهن. تڏهن زبان مان نڪريو وڃي شري هيرانند سچ پچ هيرو هو. ڪوئلن جي کاڻ ۾ هڪ بي بها هيرو هو. گپ ۾ ڪمل.

شري هيرانند سڄي زندگي ديش جي آزادي ۽ خوشحاليءَ جا سپنا ڏسندي گذاريا. پر جڏهين ديش جي ورهاڱي بابت ڳالهيون ٻڌندو هو تہ هن جو من ڊانوانڊول ٿي ويندو هو. دل مايوس ٿي ويندي هيس.

شري هيرانند ڊائري لکندو هو. سندس ڊائريءَ جا ٻنا، سندس دل جي پيڙا جو بيان ٿا ڪن.

ويهين اپريل ۱۹۴۷ تي پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي ٿو تہ، '... ڇا ٿيندو؟ سنڌ جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ اسانجي سنڌڙيءَ ۾ ٻہ ڪوس ٿيندو ڇا؟ منهنجو فرض ڪهڙو آهي؟ ٻاهر وڃي سگهان ٿو؟ ... پر اها ڪانئرتا ٿيندي، خطري وقت پنهنجو گهر ڪيئن ڇڏيو؟'

۲۵ جولاءِ ۱۹۴۷ :

'...ماڻهو ڏکي ويا آهن، ڪم ڪندڙ هراس ۾ آهن. ڇي تلڪ واسي (پهرين آگسٽ ۱۹۴۷) تي قومي جهنڊو ڪيئن چاڙهبو؟'

۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ :

'... هندستان اڄ آزاد ٿيو، ڳالهہ اعتبار ۾ ئي نٿي اچي.

.... اڄ آزاديءَ جي موقعي تي سنڌ ۾ اِها خوشي نہ آهي.

۴ نومبر ۱۹۴۷ :

'مون جا وڃايو آهي؟ حياتيءَ جي ڳالهين مان دلچسپي نڪري وئي آهي.

۽ ڪن شخص جا نالا بہ اچي ويندا آهن. اها انهن خبر موڪليندڙن جي گهٽتائي تہ آهي ئي آهي، پر اخبار جي گهٽتائي آهي جو انهن بنان جاچ جي خبر ڏني ۽ ڪن غلط ماڻهن کي پبلسٽي بہ ڏني.

هيرانند جي زماني ۾ هڪ ڏسٽي وائسٽي شخص خبر موڪلي تہ هو گذاري ويو آهي ۽ سندس ديهانت تي ماڻهن شوڪ ظاهر ڪيو. پوءِ معلوم ٿيو تہ اهو شخص نہ فقط زنده هو بلڪ اها خبر بہ پاڻ ئي موڪلي هئائين. جيئن ڪيس جاچ پوي تہ سندس لاءِ ماڻهو ڇا ٿا چون.

جڏهين ان حقيقت جي جاچ شري هيرانند کي پئي تڏهين ڏاڍو ڏک ٿيس. بيو تہ ڪجهہ ڪونہ ڪيائين فقط ايترو ڪيائين جو ان شخص جي بابت ڪا خبر ايندي هئي تہ اها اخبار ۾ ڪونہ ڇپي ويندي هئي. جيتوڻيڪ ان شخص جا هندستان اخبار سان سنا ناتا هئا ۽ هو ۽ هن جا گهر وارا آزاديءَ جي تحرڪ ۾ جيل بہ وڃي چڪا هئا.

شري هيرانند جيڪي بہ سمپادڪي ليکہ لکندو هو، اهي تمام صاف سٺري ٻولي ۽ دليلن سان لکندو هو. ليکہ لکڻ بعد، ڪمپوز ٿيڻ بعد بہ ڪيتريون درستيون ڪندو هو. ان تي ڪيترا ڪمپازيٽر ناراض بہ ٿيندا هئا تہ هر هر ڏاه ڏوه ۽ اکرن مٿان اکر لکڻ ڪري ڪمپوز ۾ دقت ٿي ٿئي.

شري هيرانند جو چٽڪ اهو تقيہ ڪلام هو، تہ 'هي ڇا ٿي رهيو آهي ...' اهو جملو گهڻو ڪري هر سمپادڪي ليکہ ۾ هوندو هو، ملڪ جون، جاتيءَ جون حالتون ڏسي، پنهنجو ڏک پنهنجي پيڙا چٽڪ هن جملي دواران ظاهر ڪندو هو '... تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي ...؟'

شري هيرانند هڪ آدرشي سمپادڪ هو، ڪنهن بہ ڀارتي

هيرانند پاڻ کي ڏاڍو منجهيل منجهيل محسوس ڪندو هو ۽ لکندو هو 'هي ڇا ٿي رهيو آهي؟'

حد ٿي جڏهين ديش ۾ امرجنسي لڳي ۽ جئه پرڪاش نارايڻ، آچاريه ڪرپالاڻي (هيرانند جي پتني ڪملا جو چاچو) ۽ ٻيا ديش ڀڳت جن ديش جي آزاديءَ لاءِ گهر ٻار ڇڏيو هو ۽ قربانيون ڏنيون هيون ڪانگريس جي جهنڊي هيٺ ۽ اڄ ڪانگريس جي راڄ ۾ پنهنجي آزاد ديش ۾ جيل ۾ هئا.

شري هيرانند کي مون تڙڦندو ڏٺو ۽ هن جا دادا جئرامداس سان اختلاف وڌندا رهيا. جنهن سان صديءَ جو اڌ ڳڌ ڪم ڪيو، ان کان ڏار ٿيڻ ان کان جدا ٿيڻ جو غم ڪو گهٽ ڏک پريو نه آهي ۽ هن صاحب هندستان اخبار جي سمپادڪي ڇڏي، گهر ۾ پنهنجي مندر اندر پاڻ کي بند رکيو. بس ائين هن سمپادڪيءَ جون جوابداريون ڇڏيون، پر پنهنجي ووڪ جي آواز کي نه دٻايو ۽ ائين نه ڪيو جيئن اڄ ٿي هلي ٻين پنهنجي ووڪ جو سودو ڪيو. ●

۱۱ نومبر ۱۹۴۷ :

’اڄ ڏياري آهي، پر سيني جي دلين ۾ اونده آهي. حال ڏکيو، آئينده انتظاريءَ پريو.

۲۰ نومبر ۱۹۴۷ :

’جاءِ مان نڪري وڃڻ جو سرڪار وٽان نوٽيس مليو اٿم. منهنجي دل کي ڪو خيال ڪونہ ٿيو آهي، جو مان اڳي ئي پاڻ کي هٿي ڌاريو پيو سمجهان.‘

۲۰ جنوري، ۱۹۴۸ :

’پريس جو عملو وڏيڪ ترسڻ نٿو گهري. اسين بہ وڏيڪ اخبار هلائڻ واجب نٿا سمجهون. سيني کي ٻاهر وڃڻ لاءِ ٽڪيٽن جو بندوبست ڪرڻو آهي. پر ٻين کي ڪڏي پوءِ اسان کي نڪرڻ گهرجي.

مٿين ڊائريءَ جي ورقن مان هيرانند جي من جي آنڌ مانڌ بخوبي ظاهر آهي. هيرانند کي روبرو اکين سان مون آنڌ مانڌ ۾ ڏٺو هو. جڏهين اندرا گانڌي ڪانگريس جي هاءِ ڪمانڊ جي اُبتڙ وڃي راشٽرپتيءَ جي عهدي لاءِ پنهنجو ماڻهو بيهاريو هو. ۽ ٻيو دفعو جڏهين ۱۹۶۹ ۾ ڪانگريس بہ ٽڪر ٿي. هڪ ڪانگريس (او) ٿي هئي ۽ ٻي ڪانگريس (آءِ). ڪانگريس (آءِ) جو ڀرپور اجلاس بمبئيءَ جي آزاد ميدان تي ٿيو هو ۽ مان پريس گئلريءَ ۾ اندرا گانڌي ۽ ٻين جا ڀاشڻ ٻڌا هئا. شري هيرانند جي من جي آنڌ مانڌ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. هي هندستان اخبار جو سمپادڪ هو ۽ دادا جئرامداس دولترام هندستان بورڊ جو چيئرمن.

ڪانگريس حڪومت جي پاليسيءَ خلاف شري هيرانند اخبار ۾ ڪجهہ سمپادڪي ليکہ لکيا، جئرامداس راڄيہ سڀا جو ميمبر، ڪانگريس جو حمايتي. سندس بورڊ طرفان نڪرندڙ اخبار ۾ ان ڪانگريس سرڪار خلاف ليکہ اچن، اهو ڪوڙو ڪيئن هلندو ۽ شري

اچي پهتا ۽ روحاني راه تي ڪيئن توهان جو هلڻ ٿيو؟' پنجون نوجوان خاموش رهيو.

ست پرش نوجوانن جا سوال سانت ۾ ٻڌا. هو بيشڪ ودوان هو. ويدن شاسترن جو اڀياس ڪيل هوس ۽ وشوَ جي وڏن هستين جي چوٽين ۽ لکڻين ۽ ويچارن مان چڱي طرح واقف هو. ستپرڪ هنن ڏانهن نهاري چيو، 'پيارا، منهنجي جيون ڪهاڻي ڪافي لمبي آهي. پر تہ توهان کي ڪي ٿورا اکر چوان. هڪ وقت مان بہ توهان جيان هوس، پڙهيل ڳڙهيل پر پياسي روح سنتن ستپرشن جا سکيادايڪ اپديش ۽ ودوانن جا ويچار ٻڌندو هوس. مونکي سٺو عهدو هو، مان هڪ وڏي ڪاليج ۾ پروفيسر هوس. پر پوءِ سڀ ڇڏي مان نڪتس تلاش ۾ ۽ قدرت سان اچي هن ٽپوبن ۾ سهڙيس ۽ هتي ئي ڪٽيا ٺاهي ويهي رهيس.'

'پر بہ سائين، توهان چت شانتيءَ جو موتي ڪيئن حاصل ڪيو؟' هڪ نوجوان اُتاولو ٿي پڇيو. 'سامهون ڏسو تہ هن ڪٽيا کي هڪ دري آهي، اُن مان نهاريو' ست پرش چيو. پنج ئي نوجوان ٽپ ڏيئي دريءَ وٽ پهتا. هڪ جٽي چيو، 'دريءَ مان تہ خاص ڪجھ ڏسڻ ڪين ٿو اچي. البت ورڪہ جون ڪي سايون ٽاريون نظر پيئون اچن.' ست پرش وري سانگيو سُر آلاپيو : 'دريءَ مان نهاريو، ڏسو ڇا ٿو نظر اچيوَ؟' پنجن ئي نوجوانن چيو : 'سائين وڻ جون ٽاريون ۽ آسمان جو ٽڪرو ڏسڻ ۾ پيا اچن.'

ستپرش چيو تہ اِن جواب لاءِ سيريو وينو هو، سو چيائين : آسمان جو ٽڪرو تنهنجي جيءَ اندر گهڙي آيو اٿوَ ۽ اُن سان گڏ منهنجي جيون ۾ پڻ ۽ هينئر زندگي آنند سان ڀرجي پيئي آهي.

هڪ نوجوان اِهو ٻڌي چيو : 'اِءِ ست پرش، اسان تي بہ ڪا مهر ڪريو. اسان کي بہ ٻڌايو نہ تہ اسين ڇا ڪريون جو اسان جي جيون ۾ وشال گگن جو ٽڪرو گهڙي اچي ۽ اسان کي آنند سان ڀري.

٩. هيرانند - سنڌي سماج جو بي بها موتي
ما هري ديوي واسواڻي.

پنج نوجوان پاڻ ۾ گڏجي هڪ ڏينهن وچي هڪ تپوبن ۾ پهتا. پنجن ئي جڻن کي پياس هئي ته آتمڪ زندگي رهون. تپوبن ۾ ڪيترائي ستپرش ۽ ساڌو ڪٽيائن ۾ رهن ٿا، تپسيا ۽ تياڳ جي جيون ڪاٽين ٿا ۽ پريوءَ جي ياد ۾ وقت گذارين ٿا. چونه هڪ ڪٽيا ۾ هي نوجوان گهڙي ويا. ڏٺائون ته اندر هڪ ستپرش براجمان هو جنهن جي چهري مان سيتلتا جون لهرون پي نڪتيون. هن کي ڏسڻ ته چت شانتيءَ جو، بي بها جو موتي ملي چڪو هو. هن ست پرش جو درشن ڪري هي نوجوان پاڻ کي ڀاڳوان سمجهڻ لڳا. سيس نوائي سندس آسيس ورتائون. نوجوان جو هئا سو دل تين ته هن ست پرش سان ڪجھ ڳالهه ٻولهه ڪريون، سندس حال چال وٺون.

هڪ نوجوان ٻئي هٿ ٻڌي، من ڪولي چيو، 'اءِ ست پرکا، توهين سانت ۽ سادگيءَ جي جيون پيا گهاريو. توهان جي ڪٽيا ۾ خاص ته ڪجھ ڪينهي، پوءِ به توهين آنندميه جيون پيا گذاريو. ڪارڻ ڪهڙو آهي؟' ٻئي نوجوان اُتساهه ۾ پرجي چيو : 'بيشڪ، توهان وٽ دنيوي پدارٿ بلڪل ڪين آهن، پوءِ به توهان شانتيءَ جو اڪٽ ڀنڊار پراپت ڪيو آهي. سو وري ڪيئن؟ ٽئين نوجوان چيو، 'سائين! اسان کي ايشور دنيوي ڏن ته گهٽو ئي ڏنو آهي، پر تنهن هوندي به اسان جي چت ۾ شانتي ڪين آهي. توهين ڪا راهه ٻڌايو، جنهن تان هلي اسين جيون جو مول مقصد حاصل ڪريون. چوٿين نوجوان پاڻ کي چيو ته مونکي به ڪجھ ڪڇڻ ڪهي. سو اُن چيو : 'سوامي، توهين پڙهيل ڳڙهيل ٿا ڏسڻو، سامهون شلف تي توهان جا پستڪ اِحا پڏرائي پيا ڪن. پوءِ توهين هني ڪيئن

آهي پرڀوءَ جي پوڄا.
(٤) 'اسان مان ڪيترا پنهنجي سماج، پنهنجي ديش جو خيال ڪن ٿا. هڪ هڪ سماج ۾ ڪي نه ڪي اُڻايون ضرور ٿين ٿيون. هڪ هڪ ديش کي شيوڪن جي گهرج ٿئي ٿي. جيڪڏهن هڪ هڪ جيون پنهنجي سماج، پنهنجي ملڪ ڏانهن ڪجهه جوابداري سمجهي، اُن جي اُنتيءَ جو ويچار رکي ته جيڪر ڀڳل گهر ٺهي پون، سماج اُڻاين کان آجو ٿي پوي ۽ ملڪ وڃي اڳتي اڳتي ترقي ڪندو.
(٥) 'آتمڪ اُنتي - هڪ هڪ جي جيون ۾ وقت اچي ٿو جڏهين هن جا ويچار وڃن ٿا پرڀوءَ ڏانهن. انسان ڪم ڪاريون ڪري، ناڻي جي ڪمائي ڪري مٽن مائٽن ڏانهن فرض پالن ڪري، اهي سڀ سُٺيون ڳالهيون آهن، پر وقت اچي ٿو جڏهين سُتل روح سجاڳ ٿئي ٿي ۽ انسان جا ويچار وڃن ٿا ڪُل مالڪ ڏانهن جنهن سرشٽي اُپائي آهي ۽ جنهن کيس پئدا ڪيو آهي. زندگي ڪشم ڪشا سان ڀريل آهي، اُن کي منهن ڏيئي جيو پنهنجي اندر وڃڻ جو يتن ڪري ٿو ۽ روحاني راهه تي وک اڳتي وڌائڻ لاءِ چاهه ٿئيس ٿو.
(٦) 'سائينءَ ۾ صدق - سنسار ۾ رهندي، انسان کي ڪيڏو نه مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. لاهين چاڙهين مان لنگهڻو پوي ٿو، تکن طوفانن جو سامنو ڪرڻو پوي ٿو. اُن وقت جي هو گهٻرائجي نٿو، جي پرڀوءَ کي وساري نٿو پر پاڻ سندس پلوَ پڪڙي ٿو، رضا تي راضي رهي ٿو ۽ چوي ٿو، 'هيئن به سچڻ واهه واهه، هوئن به سچڻ واهه واهه!' ته پوءِ ڇئبو ته هن گهڻو ڪجهه پرايو آهي. انسان جڏهين ان ڀاوَ ۾ وڃي ٿو، ايشور جي ڀاڻي ۾ ڀنل رهي ٿو ته هو وڃي ٿو چت شانتيءَ ۾ وڃندو. مانش جنم جو مول مقصد ئي اهو آهي ته بندو هر حال ۾ راضي رهي، مالڪ مٺي جا شڪرانا

چڱي.' ستپرش چيو : 'آنند حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽ ئي گهٽ ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو ۽ ڪي گڻ اپنائڻا پون ٿا. شري ڪرشن گيتا جي سورهين اڌياءَ ۾ ٢٦ گڻن جو ورڻن ڪري ٿو جي پياسي روح کي اپنائڻ گهرجن. پر مان پل اوهان کي ڪيول ٦ گڻ ٻڌايان، اوهين جيڪڏهن پنهنجا ڪن کولي ڌيان سان ٻڌندا ۽ هردو کولي سڻندا ته ڪهڙي خبر اوهان جي به اندر اِهي گڻ گهڙي وڃن. ڪهڙي خبر اوهان جي به اندر اُٿي اونهي اُڪير اُنهن گڻن کي گرهڻ ڪرڻ جي ۽ اوهان جي به جيون پريوءَ جي ڪرپا سان سڦل ٿئي.'

(١) 'سائين اسان کي ضرور انهن گڻن مان واقف ڪريو. اسين ٻڌڻ لاءِ منتظر آهيون. ٻي نوجوان چيو. ستپرش چيو : 'پهرين ڳالهه جيڪر هيءَ ڪريو. اوهين نڊر ٿيو، ٻي ڏپا ٿيو، ڏسو سنسار ۾ ڪوڙ ڪپٽ وڌي رهيو آهي. ڪارڻ ڪهڙو؟ ڀوَ، وڏن ماڻهن جو ڀوُ، شاهوڪار ماڻهن جو ڀوُ، اختياري، عهدي ۽ اقبال وارن جو ڀوُ. انهيءَ ڀوَ ڪري لوڪ وڃن پيا ڪوڙ ۾ ڪرندا ۽ پريوءَ کان پري ٿيندا.

(٢) 'ٻيو گڻ آهي سچ لاءِ پيار. جي ٻي ڏپا آهن، جي بهادر آهن، سي سچ جو پلوَ پڪڙين ٿا، سچ کان منهن نٿا موڙين. هو سچ جي صدقي سور سختيون سهن ٿا. اڄڪلهه ڏسو سچ جو سورج وڃي پيو غائب ٿيندو. ان جي جڳهه ته اڄڪلهه صرف ڪني پيئي نظر اچي. سياڳو سو جو سچ جي ڪري ڪيڏي به قرباني ڪري ٿو. اسانجا ويد شاستر به اِها ئي سکيا ڏين ٿا ته : 'ستيه ميوَ جئه تي'

(٣) ٽيون گڻ لوڪ سنگرهه : لوڪن جي شيوا، خاص طور ڏينن ڏکين، غريبن جا آنسون اُگهڻ، هيٺن کي همدردي ڏيڻ، ٻي وسيلن جو وسيلو بڻجڻ سان انسان خوب آسيس کٽي ٿو. اها آسيس انسان جي جيون کي اڏي ٿي چڙهي. ٻين کي خوشي ڏيڻ آهي پنهنجي لاءِ خوشيءَ جو ڀنڊار ڀرڻ، غريبن مسڪينن جي شيوا

ڇڏيندو هو. هو سچ جو ڪوڏيو هو. ڏيتي ليتيءَ جي ڪُرسم بابت هن گهڻو ئي ڪجهه لکيو جيئن سنڌي سماج جي لوڪن جي وويڪ کي سجاڳ ڪري سگهي. جڏهن سندس ڀاءُ جي شادي تي ته ڏيتي ليتي ورتي ويئي. هن پنهنجي پوجيه پتا کي هڪدم لکي موڪليو ته هو هن شاديءَ ۾ شريڪ ڪونه ٿيندو. جنهن ڪٽنب ۾ هن ٻڇڙي رسم کي اپنايو ويو آهي، اُن ڪٽنب جو انگ يا ڀاتي ٿي هو ڪونه رهندو.

هيرانند جي دل ۾ ديا جو درياهه ٿي وهيو. هو هميشه هيٺين جو همراهه ٿي رهيو. ٻي وسيلن جو وسيلو ۽ ڏينن مسڪينن جو متر ٿيو. ديا جو ديپڪ سندس جيون ۾ پڇاڙيءَ تائين جلندو رهيو.

هيرانند کي پنهنجي سنڌي سماج لاءِ بي حد پيار هو. تڏهين ته هي نوجوان، ٻن اخبارن جو سمپادڪ ٿيو. نوجيون ۽ اُنتي. انهن اخبارن دئاران هن سماج جي اُٿائين مان سنڌين کي سجاڳ ڪيو. سندس دل اندر اونهي پياس هئي ته اسان جي سنڌي قوم اُنتيءَ جي راهه تي وڪ اڳتي وڌائيندي رهي. سندس قابل لئي پڙهي، سنڌي بزرگن دولترام جئرامداس ۽ چوئترام گدواڻي، هن کي هندستان اخبار جو سمپادڪ ٿايو جا جوابداري هيرانند اڌ صدي سنڀالي. هيرانند کي نه صرف پنهنجي سماج لاءِ پيار هو پر پنهنجي ملڪ لاءِ پڻ محبت هئس. آزاديءَ جي آندولن ۾ هو ٿيي ڀيو ۽ پنج ڀيرا جيل پڻ ڪاٽيائين.

هيرانند هڪ ڪرم يوگي هو جنهن ڪيترا سال پنهنجا فرض پوري طرح پالن ڪيا. گهر ڏانهن فرض، قوم ڏانهن فرض، ملڪ ڏانهن فرض، عام جنتا ڏانهن فرض. نيٺ وقت آيو جو هن سمجهيو ته ڪيس پاڻ ڏانهن به فرض آهي، يعني پنهنجي آتمڪ اُنتيءَ جو پڻ خيال رکڻو آهي. هيرانند جي ذرميتني ڪملا ديوي جا سڌيو ساڌس ڪُلهو ڪُلهي سان ملائي، هٿ ۾ هٿ ڏيئي ٻي هلي،

مچي ۽ هردي ۾ سيتلتا اُن ئي پهر محسوس ڪري.

’پيارا نوجوانو! منهنجي اندر آسمان جي ٽڪري جي ڳجهڻ سان جڳ تہ سرڳہ اندر گهڙي آيو ۽ مان ويس انهن ڇهن ڳڻن ۾ وڌندو. پوءِ تہ ٻيا بہ طرح طرح جا ڳڻ منهنجي جيون ۾ چمڪڻ لڳا ۽ مان مانکہ جنم جو خوب قدر ڪرڻ لڳس.

’اوهين پڙهيل ڳڙهيل آهيو، وڏي وديا ورتي اَٿوَ، اوهان ضرور مصر ديش جي راڻي، ڪليوپترا بابت ٻڌو هوندو. جڏهين مارڪ ائنٽني روم مان مصر ديش تي ڪاهہ ڪئي تہ ائنٽنيءَ کي خوش ڪرڻ لاءِ راڻيءَ خوب مجلسون ڪيون. هڪ مجلس ۾ هن ڇا ڪيو جو هڪ بي بها موتي شراب ۾ وجهي ائنٽنيءَ کي پيئاريائين. جن اِهو ڏنو تن ٻاڻ کي پي ڇيو تہ هڙو امولڪ موتي تنهن کي هيئن ويهي ختم ڪيو ويو.

’اسان کي پريوءِ وٽان پڻ هڪ بي بها موتي مليو آهي، مانکہ جنم جو بي بها موتي. اسين بہ اُن جو قدر ڪين تا سڃاڻون ۽ اُن کي اجاين سڃاين ڳالهين ۾ پيا وڃايون. سياڻو سو جو ان موتيءَ جو قدر سڃاڻي تو ۽ ان کي ڇنڀيءَ طرح ڪتب آڻي ٿو. شل توهان تي بہ امڙي آسيس ٿئي جو اوهين بہ پنهنجي جيون ۾ اِهي ڳڻ اپنايو، پنهنجي جيون جي عمارت انهن ڳڻن تي ٻڌو.‘

نوجوانن ستپرش اڳيان وري سيس نوائي، آسيس وٺي پنهنجي پنهنجي گهر ڏانهن هليا. ڪنهن نوجوان هڪ ڳڻ جيون ۾ عمل آندو، تہ ڪنهن ٻہ، تہ ڪنهن ٽي. هڪ نوجوان اِنهن ڇهن ئي ڳڻن تي پنهنجي جيون جي عمارت ٻڌي. مان سمجهان ٿي تہ اِهو نوجوان هوندو هيرانند ڪرمچند، جنهنجي جنم شتابدي ملهائي ٿي وڃي.

شري هيرانند بہ ڪنهن نہ نڊر نوجوان هو. اخبار جي سمپادڪ جي حيثيت ۾ هو ۽ جيڪو صحيح سمجهندو هو، لکي

۱۰. شري هيرانند ڪرمچند - سماج سيوڪن جو رکشڪ

- نيوند ڏي. واڌواڻي.

مهاڀارت ۾ هڪ وارتا آهي تہ جڏهن دروپديءَ کي پنج پتي ڏنا ويا تہ هن ناراضپو ڏيکاريندي شري ڪرشن کان پڇيو : هي پريو، هي مون لاءِ ڇو؟ شري ڪرشن ڀڳوان اُتر ڏنو : منهنجي ڀينڙي، تون مونتي ڇو ٿي ڏمرين، تو ئي تہ پنج پتي گهري ورتا هئا! توکي ياد ڪونهي تہ اڳين جنم ۾ تو اُتم ور پائڻ لاءِ مهاديو کي آراڌنا ڪئي هئي ۽ مهاديو خوش ٿي توکان پڇيو هو، مونکي ٻڌاءِ توکي ڪهڙو پتي گهرجي؟ تو ڪانئس گهريو هو، جيڪو ڌرم مورت هجي، جوڌو جوان هجي، ڌنش ڌاري هجي، ڪام روپ ۽ پشوپالڪ هجي. مهاديو چيو تٿاستو. هاڻ تون ئي ٻڌاءِ تہ هڪ انسان ۾ هي سڀ خوبيون ڪيئن ٿي ٿيون سگهن؟ انڪري توکي پنج پتي مليا آهن.

هيءَ وارتا تہ آهي دواپر يگہ جي، مگر هن ڪلجگہ ۾ هڪ شخص ۾ ڪئين گڻ ٿي سگهن ٿا؟ ها! ٿي سگهن ٿا، تڏهن تہ هندي فلمن جو 'هيرو' انصاف پسند ۽ خوددار آهي، جوڌو جوان آهي (ڏهن سان اڪيلو وڙهندو آهي) سهڻو، ٺاهوڪو آهي ۽ ٻين صفتن جو مالڪ آهي، ائين ڏيکاريندا آهن. مان ان هندي فلمي سچ کي قبوليان ٿو.

سنڌي جاتيءَ ۾ اسانجو 'هيرو' شري هيرانند ڪرمچند هڪ نہ بلڪ ڪئين گڻن جو مالڪ هو، ڪيترن گڻن جو ڀنڊار هو، آدرشي اخبار نويس هو، هو نڊر ۽ بيباڪ هو، جو سچ هوندو هو، اهو لکندو هو، هو لکڻ کان اڳہ اهو ڪين ويچاريندو هو تہ فلاڻو متر ناراض

تنهن حينئر بہ ڪيس پورڻ سات ڏنو. هيرانند ۽ ڪملا بئي ڳڏجي اچي دليپ ڪمار راءِ ۽ اندرا ديويءَ جي شرڻ ۾ پيا ۽ سندن بتايل راه تي پانڊيچري تي ايشور ڏانهن لاڙو ڪيائون. سوامي رامداس، رماديوي، آنندمئي ۽ سوامي گنگيشور آنند جو پڻ مٿن پرڀاءُ پيو. بيشڪ، هيرانند اسانجي سنڌي سماج جو هڪ بي بها موتي هو جنهن جو تجلو جيئن وقت پيو وڌي تيئن وڌندو پيو وڃي. شل اسان مان ڪي سنڌس ڇهن ڳڻن روپي جيون مان ڪجهہ نہ ڪجهہ سکي، اُن تي عمل ڪريون ۽ سندس جيان پنهنجي جيون سڦل ڪريون. ●

شري هيرانند ۾ اٿوت سچائي هئي. هڪ ڀيري ڪراچيءَ کان حيدرآباد ايندي هن ڪجهہ سامان خريد ڪيو هو، ليڪن حيدرآباد پهچندي شام جو ڪافي دير ٿي وڃڻ ڪري هو اڪٽ بل ڀري نہ سگهيو، ليڪن ٻئي ڏينهن آفيس ۾ وڃي اڪٽ بل ڀري آيو. اڪٽ وارا خود حيران ٿي ويا.

شري هيرانند ۾ هنن سيني گڻن کانسواءِ هڪ ٻيو مکيہ گڻ پڻ هو، اهو هو سماج سيوڪن جو رکشڪ بڻجڻ يعني سنڀاليندڙ، جوڳو ڌيان رکندڙ ۽ همٿائيندڙ وغيره. اڄ اسين پنهنجي سماج تي سرسري نظر وجهي ڏسنداسين تہ اسان جي سنڌي سماج کي جوڙجڪي ڪم ڪندڙ وڏيڪ ڏنا آهن يا صرف سنسٿائون ۽ انهن جا بانيڪار ليڊر. بزرگ ڪم ڪندڙن کي جڏي نوان جوڙجڪي ڪم ڪندڙ خير ڪي پئدا ٿيا آهن. اوهان پئسو ڪمائي، وري وڃائي سگهندا آهيو، وڃايل پئسو ٻيهر هٿ ڪري سگهندا آهيو ليڪن هڪ سچو ڪم ڪندڙ ويو، تہ هو هميشه لاءِ ويو، ٻيهر ڪونہ موٽندو، انڪري ڪم ڪندڙ اموله آهي، هيءَ سچائي شري هيرانند پلي پت جاتي ٿي، انڪري ڪڏهن بہ سٺي، هڏ ڏوکي ۽ سچي ڪم ڪندڙن کي ٽٽڻ نہ ڏيندو هو، ان کي برقرار رکندو هو. ڀري چو ٿا وڃو، مان تو پنهنجو مثال ڏيان.

منهنجو پبلڪ جيون ١٩٤٨ کان شروع ٿيو، جڏهن شري هيرانند هفتيوار هندستان اخبار ڪڍندو هو. آفيس هوندي هئي ڪريمجي هائوس ۾، سندس ساٿي هو. ان آفيس ۾ سينٽرل رليف ڪاميٽيءَ جي آفيس پڻ هئي، جنهن جو شري هيرانند ريجنل سيڪريٽري هو. مان سينٽرل رليف ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪندو هوس. ڪن سالن بعد منهنجو سينٽرل رليف ڪاميٽيءَ کي ڇڏڻ ٿيو ۽ مان صحت ڪيتر ۾ قدم رکيو ۽ اڄ ڏينهن تائين هن ڪيتر ۾ ڪم ڪندو اچان ٿو. ڪم ڪندي سنہ ١٩٥٧ ۾ منهنجي خلاف ڪن

ٿيندو، ليڪن اهو به خيال رکندو هو ته هنجي دل کي ڪو صدمو نه رسي. هنجو قلم تي پورو ضابطو هو. شري هيرانند ڪنهن به شخص جي چاپلوسي نه ڪئي ۽ نه ڪنهن جي مشهوريءَ جو واهڻ بڻيو. هن جو قلم لوڀ لالچ ۽ ڏر کان دور هو.

هڪ ڏينهن مرارجي ڊيسائيءَ هيرانند کي پاڻ وٽ اچڻ جي نينڊ ڏني. هيرانند ڊاڪٽر چوئٿرام ۽ مانسنگهه سان گڏ وڃي ويو. مرارجي ڊيسائيءَ کان سندن ڪوٺ جو سبب پڇيو. شري مرارجي ڊيسائيءَ کيس ٻڌايو ته توهان هڪ آدرشي سمپادڪ مڃيو ويندو آهين ليڪن توهان ڪانگريس جي برخلاف لکندو آهين. شري هيرانند بنا ڪنهن ڊپ ڊاڪ يا نتيجن جي پرواهه نه ڪندي جواب ڏنو: اوهان جيڪو چيو آهي اهو سچ نه آهي، مان ڪانگريس جي خلاف ڪونه لکندو آهيان، بلڪ ڪانگريس جي اوڻاين غلطين جي اوڻهڙ ڪندو آهيان ۽ ستاڌارين کي ساوڌان ڪندو آهيان. اگر هڪ سچو متر ڪنهن متر کي ان جون ڪمزوريون يا چڪون نٿو ٻڌائي ته هو سچو متر چوائڻ جي لائق نٿو رهي. مان هڪ سچي متر جو فرض پاليندو آهيان. هاڻ جيئن اوهان کي وڻي؟ شري مورارجي ڊيسائيءَ کيس ڪوبه جواب نه ڏيندي حڪم نامو جاري ڪيو ته هندستان اخبار کي سرڪاري اشتهار ڏنا وڃن.

شري هيرانند ۾ قربانيءَ ۽ تياڳ جي ڀاونا ڀڻ هئي. اخبار هلائيندي هن ڏنو ته اخبار نهايت نقصان ۾ هلي رهي آهي. پنهنجي هڪ سوَ پگهار مان ويهه روپيه گهٽائي ڇڏيا. پتنيءَ کي جئي ڇڏيائين ته هنکي صرف پاڄي ماني ڏي. عيش وارو کاڌو کير بند ڪري. جڏهن ته عام غريب ماڻهو پنهنجي ٻار کي پالڻ پوشڻ، لائقي لڳائڻ ۽ پنهنجن پيرن تي بيهاريندي آهي تئين شري هيرانند پنهنجي تياڳ ۽ تپسيا سان هندستان اخبار کي پنهنجي پيرن تي بيهاري اڄ ڏينهن تائين زنده رکيو.

خيال نہ ڪاچ. هر ڪنهن پبلڪ جيون ۾ وقتي امڙا الزام ايندا آهن. پر سچ نيٺ ظاهر ٿي بيهندو آهي. انهيءَ ڪري تون ذرو بہ خيال ان باري ۾ نہ ڪاچ. گهڻا ۾ گهڻا منهنجي دل ۾ هينئر ڪوبہ ڪنڊڪو ڪونهي. وڏيڪ سڪ، هيرانند.

ڪن ڏينهن بعد شري هيرانند وٽان هڪ ٻيو خط مليو.

پريہ نيوند،

تون پل ڊاڪٽر جي نمت ۵۰ ڪتنبن تي ڪجهہ سيڌو ڏيارج. خبر نہ آهي تہ خرچ ڪيترو ايندو پر مون وٽ ۵۰ کان ۷۵ روپيہ انهيءَ ڪم لاءِ آهن، وڏيڪ سڪ. شيوا ۾، هيرانند.

هاڻي پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن تہ مونکي پبلڪ جيون ڇڏڻ گهربو هو يا اڄڻ ۾ مان پبلڪ جيون ۾ پهاڙ جيان اسٿل بڻبو رهيس. گذريل ۱۹۸۹ سال ۾ مون خلاف وري گرم هوا هلي، ليڪن اها ناڪامياب ٿي، تڏي هير ۾ تبديل ٿي ويئي. مٿين مثال کي ڌيان ۾ رکندي مان سنڌي سماج کي عرض ڪندس تہ مهرباني ڪري جوڙجڪي ڪم ڪندڙن کي ٽٽڻ نہ ڏيو. انهن کي خوب همٿايو، اتساه ڏياريو، جئن هو سنڌي سماج ۾ پختو بيهي ڪجهہ نہ ڪجهہ سماج کي ڏيندا رهن. ●

بغاوت شروع ڪئي، ڪن عناصرن نئي چاهيو ته مان پبلڪ ڪيتر ۾ هجان، هنن جي مخالفت کي ڏسندي مان ناراض ۽ نراس ٿي ويس، بلڪل نئي پيس، فيصلو ڪري ڇڏيم ته مان پبلڪ جيون کي ڇڏي ٿو ڏيان. جڏهن پبلڪ کي مان ناپسند آهيان ۽ هو ائين چاهين ٿا ته مان نه هجان پوءِ مان ڇو ڇنبڙي پوان؟ ڪهڙي گهرج آهي. مان سمورو وقت پنهنجي ڪٽنب پريوار کي ڏيان ۽ انهن کي پئسي پنجڙ ۾ وڌيڪ سکي رکان.

مون ۾ ڦيرو آيل ڏسي، ڪن بزرگ ڪم ڪندڙن مخالفت کي پرکڻ چاهيو ۽ ان نتيجن تي پهتا ته هي صرف ڪن شخص جو ذاتي لاڀ خاطر آهي ۽ بس. مونکي هڪ ڏينهن شري هيرانند وٽان خط پهتو. خط جي عبارت نهايت گيان پري هئي، جڻ گيتا جو گيان آهي. ان گيان منهنجو حوصلو بُلند ڪري ڇڏيو ۽ مان وري جوش خروش سان ڪم ۾ جنبي ويس، مان چاهيندس ته خط جو مضمون اوهان کي ٻڌايان ۽ اوهان به ان مان پريرڻا حاصل ڪريو.

پيارا ڀاءُ،

مونکي معلوم ٿيو آهي ته توکي گهڻو خيال ٿي پيو آهي جو تو نسبت ڪنهن ماڻهوءَ مونکي اچي شڪايت ڏني آهي. ائين برابر آهي ته مون کي ڪنهن سڄڻ اچي شڪايت ڏني هئي، پر انهيءَ جي اِها معنيٰ نه آهي ته مون ان جي ڳالهه تي ويسه ڪيو. حياتيءَ ۾ منهنجي اڳيان گهڻي ئي ڳالهيون آيون هونديون پر مان اهڙين ڳالهين تي ائين تڪڙو اعتبار نه ڪندو آهيان. مون جيڪا جاچ ڪئي آهي، تنهن مان مون کي ائين ڏسڻ ۾ آيو آهي ته انهن ارادن ۾ ڪو وزن ڪونهي. جوابدار ڪم ڪندڙ تنهنجي ايمانداريءَ جي ساک پري رهيا آهن. پر پبلڪ ڪم ڪندڙ جي حيثيت ۾ منهنجي اڳيان جڏهن ڪا شڪايت آئي ته وري ٿوري جاچ ڪرڻ ضروري سمجهي. تون انهيءَ ڪري ڪوبه

تي نت نيم سان پوني ايندا رهيا. ڪملا، هيرانند جي ديهانت ڪانپوءِ به ايندي رهندي آهي. ڪملا هيرانند جا ليک هر سال وڏن ڏينهن تي (گرو پورنما، جنماشٽمي، دليپ ڪمار راءِ ۽ اِندرا ديوي جو جنم ڏن) تي ڇپبا رهندا آهن. جيتوڻيڪ هن وقت سندس نظر ڪافي گهٽيل آهي، تنهن هوندي به ڪملا هيرانند هري ڪرشڻ مندر سان ناتو رکندي ايندي آهي. البت هينئر مسافري ڪرڻ ۾ تڪليف محسوس ڪندي آهي.

شري هيرانند پنهنجي قلم جي پرتاب سان هزارين سنڌي پريمين کي ڀڳتي گيان ۽ پرمارٿ تي هلڻ لاءِ همٿايو. مان ١٩٥٩ع کان سندس ليک دادا دليپ ڪمار راءِ ۽ اِندرا ديويءَ بابت دلچسپيءَ سان پڙهندو هوس. الف جي قلمي نالي سان هندواسيءَ ۾ سندس ليک پڙهي مان ڏاڍو متاثر ٿيو هوس.

هندستان ڪتاب گهر طرفان سنڌيءَ ۾ 'پوڄا انجلي' ۽ 'ديدي جيءَ جا خط' ڇپائي ظاهر ڪيائين، اهڙيءَ طرح سنڌي جڳت کي دليپ ڪمار راءِ ۽ اِندرا ديويءَ جي مهانتا جي پروڙ پيئي. مٿيان ڪتاب ۽ هيرانند جا ليک پڙهي مون پوني وڃي سندن درشن ڪري آسيس ورتي. منهنجو ناتو هري ڪرشڻ مندر سان اٽوٽ آهي. مان هميشه من ۾ دادا هيرانند کي قرب سان ياد ڪندو آهيان، جنهن جي پريرڻا سان مون داداجي ۽ ديدي جي جهڙا سچا سدگورو پاتا. جڏهن به مان ڪيس هري ڪرشڻ مندر پوني ۾ ملندو هوس ته ڪيس شڪر گذاري جي اکرن سان ڪيڪاريندو هوس. هيرانند پنهنجي نمرتا ڀاوَ ۾ چوندو هو ته سنت پنهنجي آتمڪ ٻل سان پريمين کي ڇڪي وٺندا آهن، مان ته هڪ نمت ماتر آهيان. هيرانند ڪرمچند جي سادگي سرلتا ۽ سچائي اسان جهڙن سادارڻ جيون لاءِ هڪ عمدو مثال آهي.

جئه گوروا ●

هنن جي نظر ۾ ...

١١. شري هيرانند ڪرمچند

(سندس شخصيت جو روحاني پهلو)

- ڊيڊي جيءَ

شري هيرانند ڪرمچند ماڪيجاڻيءَ جي پترڪاري، راجنيتي ۽ سماجڪ جيون جي سڌ گهڻن کي ڪونہ هوندي، ڇاڪاڻ تہ هيرانند سڄي زندگي لڪل لعل ٿي گذاريو. ديکاديکي ۽ نالي ناموس کان بلڪل دور، سندس آڌياتمڪ ڀاونائن ۽ پريو پريم جي، ڄاڻ بہ گهڻن کي ڪونہ هوندي. واستو ۾ هيرانند ڪرمچند نہ فقط ڪرم يوگي هئو پر دل سان ايشور جو اُپاسڪ هئو. پاٺ پوڄا کان وڌيڪ مهتو آتمڪ اُنتي ۽ ستيہ جي کوج تي ڏيندو هو. ڪيس پارت جي سنسڪرتي سنتن مهاتمائن رشين منين لاءِ شرڌا ۽ پريم هئو. سندس هندستان ۽ هندواسيءَ ۾ ساڌو سنتن جي باري ۾ سکيادايڪ ليکہ ڇپجندا رهندا هئا. اڄان تائين اهو سلسلو جاري آهي. سندس وقت ۾ سنت ليلا شاهہ، ساڌو واسواڻي، سوامي شانتي پرڪاش، سوامي پرمانند، ڊاڪٽر روچلداس، سوامي گنگيشور آنند، ماتا رما ديوي، دادا جشن، دليپ ڪمار راءِ، ما اندرا ديوي جهڙن مهان سنتن جا وقت بوقت ليکہ شايع ٿيندا هئا. هيرانند ڪرمچند کي شري دليپ ڪمار راءِ ۽ ماتا اِندرا ديويءَ لاءِ عجيب بريما ڀڳتي هئي. بمبئيءَ کان پاڻ ۽ ڪملا ڪيترا ڏينهن اچي هري ڪرشڻ مندر پوني ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجي ساڌنا ڄپاسا ڪندا هئا. پنهي کي داداجيءَ ۽ ما اِندرا ديويءَ جو اُتي پيار مليو. ٻئي پتي پتني ڪرشڻ رنگہ ۾ رنڱجي ويا. ڪين هيرانند جو سرل سڀاءُ ۽ تن من جي سادگي وڻندي هئي. سالن جا سال وڏن ڏينهن

۾ گهڙندي، اُني ٻيل شين کي ڪٽڻ شروع ڪيو، جن تي ٻيڻ ٽڪندا هيرانند جا خود ڪاڌي پائيندڙ آزاديءَ جي سپاهي هئي، هن پوليس آفيسر ڏانهن نهاري، پختي آواز ۾ چيو ته ’هي شيون، منهنجي سهري جون آهن، اوهان صرف هيرانند جي ملڪيت ڪٽي سگهو ٿا ....‘ ان تي پوليس آفيسر رڙ ڪندي چيو ته ٻوءِ ’هيرانند جو ڪهڙو مال آهي؟‘ هڪ ڪاڌيءَ جو وڳو، جيڪو هن ٽي پاتل آهي ... ۽ هي ڪرتو ۽ پئجامو ... هن وٽ پنهنجا صرف هي ٻه ڪاڌيءَ جا وڳا آهن، هڪ ڌوپجندو آهي ۽ ٻيو هو پائيندو آهي ... هو مهاتما گانڌيءَ جو سچو پوئلڳ آهي.‘ اهو ٻڌي اِهو انگريز آفيسر چپ ٿي ويو ۽ ائين ئي واپس هليو ويو.

اهڙي ارڙهن ڪلاڪ لاڳيتو ڪم ڪرڻ واري، پنهنجي گهوٽ، هم ساٿي شري هيرانند تي ٻيڻ ڪملا ڪتاب لکيو آهي ’هيرو‘ ۽ ان ڪتاب جو مهورت ڪرائڻ لاءِ هوءَ اسان ٻنهي کي ۽ دادا رام پنجواڻيءَ کي جنهن جي شپ هٿن سان مهورت ڪرائڻ لاءِ، پوني، اندرا ديويءَ جي آشرم ۾ ڪي ئي سال اڳ وٺي هلي هئي ۽ مهورت ڪانپوءِ واپس موٽندي، هن جي چهري تي شانتي پري رنگت هئي، گويا هن جي اندر جي اُسات ان ڪتاب لکڻ ۽ ظاهر ٿيڻ سان پوري ٿي هجي. ●

١٢. هڪ يادگيري -

’هيرو‘ جو مهورت

- پارو ۽ ناڪر چاولا.

اخبار نويسي هڪ وڏي ذميواري آهي ۽ جڏهين بہ اهڙي جوابدار سمپادڪ جي ڪٿي بہ ڳالهہ نڪري ٿي، ان موقعي تي شري هيرانند ڪرمچند جو نالو، ازخود ذهن ۽ زبان تي هليو ٿو اچي. جن جاندار آڳرين تي ڳڻڻ جيترن سمپادڪن سنڌي اخبارنويسيءَ ۾ چار چنڊ لڳايا ۽ بي رياءُ ٻڌجي ديش جي ڀلي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو، انهن ۾ هڪ اسان جو ادو هيرانند ڪرمچند بہ هو.

تواريخ شاهد آهي تہ آزاديءَ جي آندولن ۾ سنڌ مان نڪرندڙ ’هندو‘ اخبار جا هاڻ هند ۾ اچڻ ڪانپوءِ ’هندستان‘ بڻي آهي، جنهن جا اٺ سمپادڪ هڪ ٻئي پٺيان سرڪار جي خلاف لکي، جيل ۾ ويا ۽ انهن مان هڪ شري هيرانند ڪرمچند بہ هو.

’ڊائون ميمبري لين‘ انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب ۾، شري هيرو شراف لکيو آهي تہ جڏهن انگريزن جو راڄ هو، ١٩٣٠ سال ۾، حيدرآباد سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل وقت، مهاتما گانڌيءَ جي سڏ تي لوڻ جو ستياگره ڪيو ويو هو. اُن ستياگره ۾ شري هيرانند ڪرمچند بہ حصو ورتو هو. هن کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو ويو هو ۽ هن کي ڏنڊ بہ وڌو ويو هو، جيڪو شري هيرانند نہ ڀريو هو ۽ جنهن تي پوليس حڪم ڪڍيو تہ هن جو مال ملڪيت ضبط ڪئي وڃي.

شري هيرانند کي تہ پنهنجي نالي ڪابہ ملڪيت هئي ڪونہ، هوُ تہ پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر ۾ رهندو هو. پوليس گهر

آزاديءَ لاءِ جوش جاڳي اُٿندو هئو ۽ هزارين لوڪ سٽنتر سنگرام ۾ ڪڏي پيا. هندو اخبار کي ائين ڪٽي ڇڏيجي ته دادا هيرانند پنهنجي ٻالڪ وانگر پالي نپائي وڏو ڪيو. ورهاڱي ڪانپوءِ پارت ۾ 'هندو' مان بدلائي 'هندستان' جو روپ ڏنو ويو. واسطو ۾ پاڪستان ٿيڻ کان اڳ ئي هندستان نالو چالو ڪيو ويو. اِها سمي جي پڪار هئي. بمبئي پهچي هيرانند کي اخبار چالو ڪرڻ لاءِ زبردست ڪنناين جو مقابلو ڪرڻو پيو. بي گهر ٿي آيل سنڌين جي مالي حالت بلڪل خراب هئي. هيرانند جي لگن ۽ دريتا ڏسي ٻاهبي جا ٻيا برڪ سنڌي به اڳيان وڌيا ۽ اخبار چالو ٿي. سنڌس اُمنگ ۽ اُتساه ذڪر ڪرڻ کان گهٽو متي آهي. هندستان ۽ هفتيوار هندواسي اوچ تي اچي ويا. سنڌي ساهتيڪارن، ليڪڪن اديبن به يگيه ۾ آهوتي ڏني. هندستان ۽ هندواسي سنڌين جو راجنيتي ۽ سماجڪ روشن منار بڻيو. دادي ڪملا هيرانند جو به هن ڪاريه ۾ يوگدان آهي. سڄي عمر، جيل ۾ چاهي ٻاهر راجنيتي، چاهي سماجڪ کيتر ۾ پتيءَ جو سات ڏيندي رهي. نظر جي تڪليف هوندي به اخبار ۾ ليکه لکندي رهي آهي. شري هيرانند جي سرڳواس ٿيڻ ڪانپوءِ به اخبار جي ڪاروبار سني هلندي آئي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي قائم رکڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن، پر افسوس جي ڳالهه آهي ته لپيءَ جي باري ۾ اتفاق نه هئڻ سبب سنڌيت جو سورج تڪڙو تڪڙو اُست ٿي رهيو آهي. سنڌي پڙهندڙن جو تعداد سال به سال گهٽجي رهيو آهي. ٻوليءَ جو وڪاس ته دور، پر صحيح سنڌي به نٿي لکجڻ ۾ اچي. سنڌي اسڪول بند ٿيندا پيا وڃن. سنڌي ٻوليءَ جي دردشا ڏسي سرڳه ۾ اسانجي بزرگن کي ذکه ته ضرور رسندو هوندو. اجان به ويل ويئي ڪونهي. سنڌيدان ليکڪ ۽ سنڌي پريمي گڏجي سنڌي ٻوليءَ جي اُنتيءَ

١٣. شري هيرانند ڪرمچند شتابدي
(١٨٩٩-١٩٩٩)

- ڊي. خوشيرام.

شري هيرانند ڪرمچند جو جنم پهرين آڪٽوبر ١٨٩٩ تي ٿيو هئو. هن سال سندس جنم شتابدي ملهائي ٿي وڃي، اچو ته اچوڪي ڏينهن سندس جيون جون ڪي جهلڪيون پسون.

انوکي شخصيت هئي هيرانند ڪرمچند ماڪيجاڻيءَ جي. نمرتا، حليمائي ۽ سادگيءَ جي مجسم مورت هئو. ڪڏهين پنهنجي ليکن رچنائن جي آڪهه ڪونه لکندو هئو. ضرورت ڪونه سمجهندو هئو. وس پڄندي پاڻ کي لوڪن کان لڪل رکندو هئو. پنهنجي علم جو استعمال سمجهه سنجيدگي، همت ۽ جوابدارين سان ڪندو هئو. بلڪل بي ڊپو ۽ قابل پترڪار ٿي رهيو. انگريز سرڪار جي دٻاءَ ڌمڪين جو هن تي ڪوبه اثر ڪونه پوندو هئو. آدرشي گانڌيوادي هئو.

آزاديءَ جي سنگرام ۾ سنڌ جي برک نيتائن جئرامداس دولترام، ڊاڪٽر چوئترام گدواڻي، پروفيسر گهنشام شوداساڻي ۽ ٻين جو هيرانند جي پترڪاري قابليت ۾ پورن وشواس هئو. سنڌ ۾ هندو روزاني اخبار جو سچو ڪاروبار هن جي زير نظر ١٩٤٧ تائين ڪاميابيءَ سان هلندو رهيو. هيرانند ڪرمچند ۽ سندس ساٿين فخر سان قوميت ۽ ساهتيه جو جهنڊو بلند رکيو.

سندس سچائي ۽ اورچائيءَ جو داد فقط اُهي ڏيئي سگهندا، جن کي سندس ڪم نزديڪ کان ڏسڻ جو موقعي مليو هوندو. هيءُ صاحب پنهنجو سمپادڪي ڪم بنان آواز ۽ شانتيءَ ۾ ڪندو هئو. سندس پرجوش لکڻين منجهان نوجوانن ۽ وديارٿين ۾ قوميت ۽

١٤. ڀارت ماتا جو لاڪيٽو لال
ڪرم يوگي دادا هيرانند ڪرمچند.
- پارپتي رامڪرشن آڏواڻي.

قومي هلچل جي دؤران مهاتما گانڌيءَ جو سڏ اونائي انيڪ ڀارتواسي آزاديءَ جي هلچل ۾ ٽپي پيا. هر ڪنهن پنهنجي ملڪيت، ٻڌيءَ ۽ وِت آهر، تن من ۽ ڌن سان پنهنجو يوگدان ڏنو. اهڙن آزاديءَ جي اُپاسڪن مان هڪ هو سنڌڙيءَ جو سپوت دادا هيرانند ڪرمچند، جنهن پنهنجي قلم سان سنڌين ۾ سجاڳي آندي، جئين ننڍا وڏا قومي هلچل جي ڪاريه ۾ جنبي وڃن. ڀارت ماتا جو هي سانتيڪو سيوڪ ور ور ڪري قيد جي سزا ڀوڳيندو رهيو ۽ پنهنجو فرض پاليندو رهيو ۽ ڀارت ماتا جو قرض چڪائيندو رهيو. هن جي لکڻيءَ جي اثر هيٺ ڪيترائي جوان نڪري نروار ٿيا جن مهاتما گانڌيءَ جي طرفان هلايل هلچلن ۾ ڀرپور ورتو ۽ ترنگ جو تيرٿ ڪري آيا. ڪيترن ڀيرن ته ڦٽڪن جون سزائون به ڪاڍيون. هن سڄي ڪاريه ۾ هن کي پنهنجي ارڌانگنيءَ شريمتي ڪملا ديويءَ جو سُو سيڪڙو سات رهيو. هوءَ پڻ سوتنترتا سنگرام ۾ سرگرم رهي. هوءَ اسانجي قومي نيتا آچاريه ڪرپالاڻيءَ جي ڀائٽي آهي.

ننڍپڻ کان ئي مون کي هندو اخبار پڙهڻ جو شوق پي رهيو آهي. انڪري سڀاويڪ آهي ته مونتي پڻ دادا هيرانند جي لکڻين جو اثر ٿيو هو. اڄا ٿيندي هئي ته هن جيس جوڙي کي روبرو ڏسان. ديدي ڪملا جو درشن ته مونکي حيدرآباد سنڌ جي ڪندنمل ۾ ٿيو، جتي هوءَ هڪ ڏينهن 'ڪاڏي ڀابو' ۽ 'وديشي ڪپڙا لاهيو' جي هلچل جي سلسلي ۾ آيل هئي.

لاءِ ڪي نوس اُپاو ڪڍڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي امر ڪرڻ لاءِ نئين اُمنگ ۽ اُتساھ سان شروعات ڪن. گھرن ۾ سنڌي ڳالهائي وڃي. سنڌي اخبارن ۽ مخزن کي وري جيئاريو وڃي. سنڌي سيمينار، ناٽڪ، ڪوي سميلن ۽ ميلا مچايا وڃن. جي سنڌين وٽ جهجهو ڌن پدارٿ رهيو ۽ سنڌيت نہ رهي تہ باقي ڇا رهيو!

اڇو تہ اچ وري سنڌيت جو جهنڊو جهولايون ۽ سچا سنڌي ٻڻون. پياري هيرانند ڪرمچند کي سندس جنم شتابديءَ تي هن ڪان وڌيڪ اُتم ٻي ڪهڙي سوکڙي ڏيئي سگهنداسين.

جئہ هند - جئہ سنڌ! ●

اڳيان هٿ نہ ٽنگيندو هو. سادي رهڻي ۽ اوچ آدرشن جو هو مورتي هو. هو اخبار ۾ سنسنيخيز خبرون ڇپڻ ۽ الزام ڏرڻ جي سخت برخلاف هو. سندس لکڻيءَ جي ساک ايڏي تہ هئي، جو هندو اخبار ۾ جيڪي بہ ڇپجندو هو تہ اهو سو سيڪڙو سچ ليکيو ويندو هو. اعليٰ چرتر وارو دادا هيرانند اسانجي جاتيءَ جو سچو چمڪندڙ 'هيرو' هو ۽ آهي.

مهاتما گانڌيءَ جو ڀڳت، دادا هيرانند امرجنسيءَ جي دوران بنا دريافت ڪرڻ جي ديش جي نيتائن کي جيل ۾ نوسڻ ۽ بين زيادتين جي خلاف هئڻ سبب شريمتي اندرا گانڌيءَ جي حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ انڪل ٥٢ سالن جي سمپادڪي پد کي تلانجلي ڏيئي نوڪري ڇڏي هليو ويو! ان بعد هيءُ ڪرم يوگي ڪرشن ڀڳت ٻڌجي پيو ۽ پوني ۾ اڪٽر شري دليپ ڪمار راءِ جي 'ڪرشن مندر' ۾ وڃي هن سنت جي صحبت جو سنگ ڪمائيندو هو. هن مندر جي سيوڪا ديدي اِندرا تي پڻ هن هڪ سندر پستڪ لکيو جو اڄ بہ هندستان ڪتاب گهر ۾ وڪري لاءِ موجود آهي. پڪي جلد سان هن عاليشان ڪتاب جي قيمت آهي فقط اڍائي رپيا!

دادا هيرانند ڀارت جي اول نمبر جي ايڊيٽرن مان هڪ آهي. جنهن تن، من ۽ ڌن سان ڀارت جي آزاديءَ لاءِ ڪاريہ ڪيو. هن برک پترڪار جي جيون ڪهاڻي درسي ڪتابن ۾ درج ٿيڻ جڳائي. سندس 'سمپادڪي نوٽن' (Editorials) مان مواد چونڊي 'هيري جون ڪٽيون' يا / 'هيرا، لعل، جواهر' ڪتاب ڇپائڻ گهرجي. اهو ڪاريہ 'سنڌالاجي' وارن کي ڪرڻ جڳائي. سنڌالاجيءَ ۾ شري هيرانند جي فوٽي کي جوڳي جاءِ ملڻ گهرجي (جيڪڏهن اڃا فوٽو لڳل نہ هجي تہ). ڀارت سرڪار کي هن برک پترڪار ۽ قومي

سوڪيم سرير جي سندر ڇهري واري پيڻ ڪملا کي ڏسڻ سان مونکي ائين لڳو تہ مون کي پارت ماتا جو درشن ٿيو آهي، جيڪا اتان وديارٿين کي چلائي چلائي چئي رهي آهي تہ 'کاڏي پايو'. ان نموني دادي ڪملا جو درشن تہ مونکي سنڌ ۾ ٿيو.

دادا هيرانند جو درشن مونکي هِتَ هند ۾ ٿيو، مونکي نندپڻ کان وٺي لکڻ جو شونق پي رهيو آهي. شري هاسيمل ماکيجاڻيءَ سان تہ منهنجي سُڃاڻپ هئي. سب-ايڊيٽر بڻجڻ لاءِ مان هڪ دفعي هندستان اخبار ۾ ويس. مسٽر هيرانند پنهنجي ننڍي آفيس ۾ اندر وينو هو. سندس ڪمري جي پردي کلڻ تي جڏهن منهنجي هن تي نظر پيئي تہ مونکي ائين احساس ٿيو تہ مون کي ڪنهن فرشتي جو درشن ٿيو آهي. آفيس ۾ پيڻ موهني تلوڪچند پڻ نوڪري ڪندي هئي، جنهن پڇا ڪرڻ تي مونکي ٻڌايو تہ اهو کاڏي پوشاڪ پهريل شخص دادا هيرانند آهي. نندپڻ جي اڀلاکا پوري ٿيم جو مون کي هيئن اچانڪ دادا جو درشن ٿيو. پيڻ جڏهن پنهنجو پگهار ٻڌايو ۽ دادا هيرانند جو پگهار ٻڌايو تہ مون هندستان اخبار ۾ نوڪري ڪرڻ جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ دادا هيرانند جي قربانيءَ جو خيال ڪندي تہ ڪيئن نہ هو ديوتا پرش خسيس پگهار تي نوڪري ڪري رهيو آهي، جٽن اخبار دواران هو سنڌي جاتيءَ جي رهنمائي ڪري ۽ سنڌين جي ڏُکن ۽ آواز کي اختياريءَ وارن تائين پهچائي، مون دل ئي دل ۾ هن کي پرڻام ڪيو.

دادا هيرانند کي سماجڪ ۽ پنگتي ڳالهين لاءِ چاهہ هوندو هو ۽ هو ڏيتي ليتي، اجائي فئشن ۽ بين ڪُرسمن خلاف هلچل هلائيندو رهندو هو. سانتيڪي سڀاءَ جو دادا هيرانند مهمانواريءَ جو مجسم هو. سندس پريوار مان ئي مونکي پتو پيو تہ هن کي ڪيترائي دفعا مالي سنڪٽ سامهون ايندو هو تہ بہ ڪڏهن ڪنهن

١٥. هيرانند جي پهرين جيل ياترا

- رام ڪيسواڻي.

٢ آڪٽوبر ١٩٢٢ تي هيرانند کي جڊيشيل ڪمشنر ڪورٽ وٽان نوٽيس آيو تہ هڪ شري ڪرمچند سرڪار کي اپيل ڪئي آهي تہ ڪيس آزاد ڪيو وڃي. اها اپيل ١٦ آڪٽوبر ١٩٢٢ تي ٻڌي ويندي.

هيرانند هڪدم لکي موڪليو تہ مان ان اپيل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهيان، ڇاڪاڻ تہ انجو مطلب ٿيندو تہ مان معافي وٺڻ ٿو چاهيان. اهو منهنجي وويڪ جي برخلاف آهي. جيڪڏهن اها اپيل منهنجي غير حاظريءَ ۾ ٻڌي وڃي تہ ان ۾ منهنجي آزاديءَ جي بدران اهو بحث ۽ فيصلو ٿيڻ گهرجي تہ هر انسان کي آزادي هئڻ گهرجي تہ هو پنهنجا ويچار بنان ڪنهن خوف جي ظاهر ڪري سگهي.

هيرانند ڪرمچند ١ آڪٽوبر ١٨٩٩ تي ڄائو. هنکي ننڍي هوندي کان جرنلزم جو شوق پنهنجي پتا ۽ چاچي مان مليو. ١٩١٩ ۾ هو ستياگره ۾ گهڙي پيو ۽ پنهنجو بي.اي. جو امتحان بہ نہ ڏنائين. هڪ سڀا ۾ هن تقرير ڪئي تہ هر هندستانيءَ کي ديش جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ تن من ۽ ڌن قربان ڪرڻ گهرجي. ڪيس گرفتار ڪري مقدمو هلايو ويو. جنهن ۾ هن تي ڏنڊ ۽ ڏنڊ جي رقم نہ ڀرڻ تي جيل جي سزا ملي. هيرانند ڏنڊ ڀرڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ پنهنجي پتا کي بہ منع ڪيائين. منهنجي پاران ڏنڊ نہ ڀرجو. هيرانند کي جيل موڪليو ويو ۽ سندس پتا اُن تي انگريز سرڪار کي اپيل موڪلي.

ڪورٽ ۾ مليون جواب موڪلي هيرانند هڪ ١٢ صفحن جو

سيوڪ جي ياد ۾ ’يادگار ٽپال ٽڪلي‘ (memorial postal stamp) شايع ڪرڻ گهرجي. سنڌي سنستائن کي ان سلسلي ۾ خط لکڻ گهرجن. دادا هيرانند پنهنجو فرض پالي ويو آهي، اڄو ته اسين پنهنجو ڪرتويه نباهيون.

اڄ دادا هيرانند ڪرمچند انساني جامي ۾ اسان وٽ نه آهي پر سندس ڌرمپتني ديش ڀڳتڻ شريمتي ڪملا ديوي اڄ به اسان جي وچ ۾ زنده آهي. آڪاشواڻي ۽ دوُردرشن وارن کي گهرجي ته هوُ ڀيڻ ڪملا ديوي ۽ جون اِنٽرويوُ رڪارڊ ڪن، جيڪي هوءَ ٻڌائي سگهندي اهو ٻيو ڪير به ٻڌائي نه سگهندو.

اهو وجهه وڃائڻ نه گهرجي، دير ڪرڻ نه جڳائي.

’جئه هند - جئه سنڌي‘ ●

جا خرچ ڪرڻا پيا جو توهانجي حيثيت کان ٻاهر آهن. توهانجي اُميدن ۽ مستقبل جي آشائن تي پاڻي ڦري ويو هوندو. اُميد ٿو ڪريان توهان ان ڪشٽ ۽ نااُميد زندگيءَ کي پاڻُو سماجهي جيون جا ڏکيا ڏينهن گذاريندا. جيڪڏهن مان جيل مان ڇٽي ٻه اچان ته ٻه مان ٻاهر اچي هن راه تي هلندو رهندس. مونکي خبر آهي ته توهان ۽ سڄي ڪٽنب جي مرضي آهي ته پين وانگر ڪمايان ۽ گهر ڻاهيان پر مونکي انجو ڪوبه ارادو ڪونهي.

اُميد ته توهان سڀ ٺيڪ هوندا. مان ٻه بلڪل ٺيڪ آهيان. جڏهن مونکي حيدرآباد مان پڪڙي هتي وٺي آيا ته ان مهل زبردست مينهن هو. توڙي مان پڄندو آيس، رستن تي مونکي قدرت جي نظارن ڏسڻ جو ڏاڍو آنند آيو. هتي ٻه مهني کان برسات آهي. جيل جو کاڌو شايد مونکي پاڻ ٿو پوي جو منهنجي تور ٢ پائونڊ وڌي ويئي آهي. مونکي ٨ ڪتاب ۽ ڪاغذ مليا آهن. مان زندگيءَ جي رهسيه تي ڪجهه مضمون لکي رهيو آهيان. سوچڻ ڏيان لڳائڻ، لکڻ پڙهڻ ۾ وقت موج سان گذرندو ٿو وڃي. جلد ئي سزا جا ڏينهن ڪٽجي ويندا ۽ مان واپس اچي توهان سان ملندس.

سڀني کان منهنجو گهڻو پڄجو ۽ منهنجا پرڻام ڏيندا.

پيار ۽ آدر سان،

هيرو.

●

خط پنهنجي پتا کي لکيو. جنهنجو مختصر هر ريت آهي :

پيارا بابا،

مان توهانجو شڪرگذار آهيان، تہ توهان منهنجي آدرشن جو قدر ڪري منهنجي پاران ڏنڊ نہ ڀريو.

توهان مونکي ڇڏائڻ لاءِ اپيل ڪري پتا جو فرض پاليو آهي. شايد توهانکي ڏپ آهي تہ اڳتي هلي مونکي وڏيڪ سزا ملندي ۽ مونکي ڪشٽ سهڻا پوندا.

مون هن جنگ ۾ گهري سوچ ويچار ڪانپوءِ ئي ڇلانگ لڳايو آهي، جڏهن ڏينهن گذرندا ٿا وڃن، تڏهن مونکي لڳي ٿو تہ مون قدم بلڪل صحيح آهي ۽ مونکي پاڻ وقت مليو آهي تہ مان سوچيان تہ مان ڪير آهيان ۽ منهنجي جيون جو مقصد ڇا آهي. مونکي هينئر لڳي ٿو تہ سرشٽي ڪنهن نيم تي هلي رهي آهي، اسانکي، هڪ شڪتي جنهن کي اسان ڀڳوان جو نالو ٿا ڏيون، هلائي رهي آهي. اسانجو مارگ ۽ آئينده اڳ ڪان ئي نشچت آهي. اسانکي پاڻکي ڪشٽ ڏيڻي پٽڪڻ ۽ ڦٽڪڻ جي ضرورت ئي نہ آهي. ان شڪتيءَ جي مارگ تي هلڻ ۾ ئي اسانجي ڀلائي آهي. انڪري توهانکي منهنجي لاءِ چنتا ڪرڻ ئي نہ گهرجي.

اڳ مونکي لڳندو هو تہ هن حياتيءَ جو ڪو مقصد آهي ئي ڪونہ. آتم هتيا جو بہ ويچار من ۾ آيو هو، پر هاڻي اڪيلو ويهي ڌيان لڳائڻ ڪانپوءِ محسوس ٿيو اٿم تہ قدرت ڪنهن هڪ رٿ انوسار اسان سڀني کي هلائي رهي آهي. جيڪڏهن مونکي اڳتي هلي وڏيڪ سزائون يا ڪشٽ ملندا تہ اهو منهنجي اڳين ڪرمن جو ڦل هوندو ۽ مان خوشيءَ سان سهي سگهندس.

مونکي خبر آهي تہ توهان ۽ ساجي ڪٽنب کي منهنجي ڪري چنتا ۽ پيڙا آهي. مونکي اها بہ خبر آهي تہ ساجو ڪٽنب ڪهڙين ڏکيائن ۾ ڏينهن گذاري رهيو آهي. منهنجي ۽ پاءُ شيوڪ جي هن ساجڪ ۽ راڄنيتڪ مارگ تي هلي وڃڻ تي توهانکي ٢٠،٠٠٠ رپين

هن 'هندو' اخبار ۾ پنهنجي پيءُ تي به ڪٽي نقطچيني ڪئي هئي! آءٌ بچڻ چاهيندس ته ڪيترن کي اهڙي قدم کڻڻ لاءِ دل جي همت ٿيندي.

هيرانند پارٽي بازيءَ کان سدائين دور رهندو هو. آزاديءَ جي هلچل واري زماني ۾ خواه ان بعد، اسان جا ٽرسٽي ڌار ڌار ويچارڌارا رکندا هئا، پر هيرانند سدائين وچين وات وٺندو هو. ڪيترائي دفعا هن پنهنجي استعيفا ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي. هن ڪڏهن به ڪنهن ڏر تي سخت رائزني نه ڪئي. اهو ئي ڪارڻ هو جو اڪثر ڪري سڀ ڌريون ڪيس پائينديون هيون. ڪڏهن به ڪنهن سوال تي زوردار لکڻو هوندو هوس ته به هو سخت الفاظ ڪم آڻڻ کان نٽائيندو هو؛ به چار دفعا اهو ليک پڙهي گهٽي پيچ ڏاه ڪندو هو. جئن منجهس ڪو ڏنگ رهجي نه وڃي. اها سندس وڏي خوبي هئي.

مهاتما گانڌي جڏهن فيبروري ١٩٢٩ ۾ سنڌ جي دوري تي آيو تڏهن ١٢ فيبروري تي منهنجي ڳوٺڙي پدعيبن ۾ پنهنجي ١٩٢١ ۾ ڏنل انجام موجب درشن ڏيئي حيدرآباد ۾ آيو. اتي هئي ڏينهن هومسٽيڊ هال ۾ وديارٿين جو ميڙ ٿيو جتي مهاتما گانڌيءَ کي ڏنل مانپتر پائي پرتاب ڏيئلداس پڙهيو. ان مانپتر ۾ مهاتما گانڌيءَ جي ساراه ۾ صرف به چار اکر لکيل هئا، باقي سڄو مانپتر سنڌي وديارٿين ۾ جي اوڻايون آهن، منجهن جي ڪميون پيشيون آهن، تن جو ڏري پرزي بيان ٿيل هو. اهو مانپتر سنڌيءَ ۾ لکيل هو. پر ٻولي اهڙي سليس هئي جو مهاتما سڄي سمجهي ويو. مهاتما پنهنجي ڀاشڻ ۾ چيو ته 'پنهنجون گهٽتايون قبولڻ آهي سڌاري ڏانهن پهريون پهريون قدم. تنهنڪري آءٌ توهان سان انهن عيبن بابت ڪجهه ڪونه ڳالهائيندس جو جو آءٌ

١٦. هيرانند ڪرمچند -
گانڌيجيءَ جي پٽ جو پانڌيئڙو.

- مانسنگهه چوهڙمل.

سونهاري سنڌڙيءَ ۾ گهڻن ئي آتم پرشن، درويشن جنم ورتو. سوين نماڻا سنت فقير پئدا ٿيا. پر ويجهي چڪ ۾ جن سڄ کي پنهنجو ايشور ڪري مڃيو، جن تمنا کي ماري مات ڪيو، جن ڌن دؤلت يا مان وڏائيءَ کي غالب پوڻ نہ ڏنو، تن ۾ آءٌ ياءُ هيرانند کي ضرور ڳڻيندس.

ياءُ هيرانند ۽ آءٌ لڳ ڀڳ پنجاه سال گڏ هڪ ڇت هيٺ ويهي ٻانهن ٻانهن ۾ ڏيئي ڪم ڪيو. آءٌ نہ سنيران تہ هن جي منهن تي ڪڏهن ڪاوڙ يا ڪروڌ جي ريکا بہ ظاهر ٿي. هو شانتيءَ جي مورتي هئو. ڪنهن جي بہ نہ ھنئينءَ ۾، نہ ڪنئينءَ ۾ ڪڏهن پيو. ٻئي جي لائيءَ چائيءَ کان ڏه ڪوس پري ڀڄندو هو، ۽ سدائين کلمکہ هوندو هو.

هيرانند پنجاه سال ساندہ 'هندو' ۽ 'هندستان' اخبار جو سمپادڪ ٿي رهيو ۽ اُها نهايت عجب جي ڳالهہ آهي تہ ايڏي لنبي عرصي ۾ بہ هن تي ڪوبہ بد ناموسي ڪيس نہ ٿيو. نہ وري اخبار تي. ڪڏهن نہ ڪڏهن هر اخبار تي بدناموسيءَ جو ڪيس ٿيندو ئي ٿيندو آهي.

هيرانند جيڪو صحيح سمجهندو هو سو لکي ڇڏيندو هو، وري جيڪي سچ سمجهندو هو، تنهن جي پيروي اول پاڻ ڪندو هو. هو ننڍيءَ وهيءَ کان ئي ذيتي ليتيءَ خلاف هوندو هو ۽ ان هلچل جو هڪ نڊر ٻانيڪار هو. اها ڪن ٿورن کي ڄاڻ هوندي تہ جڏهن سندس ڪٽنب ۾ ذيتي ليتيءَ جو هڪ واقع ٿيو تڏهن

١٧. ڌرم-ڪرم يوگي هيرانند ڪرمچند

- گوبند مالهي.

شيڪسپيئر چيو آهي : 'وات اِز اِن نيم؟' نالي ۾ ڇا آهي؟ هن جي ملاقات صرف هيرانند ڪرمچند سان ٿي ٿي هجي ها تہ اِهو سوال نہ پڇي ها. نالو آهي ننگ ۽ اُهو ننگ نڀائڻ جي پريرڻا ڏيندو آهي. سنڌ هند ۾ الاهي سنت ۽ مهاپرش آهن جن نالي جو ننگ سچاتو ۽ اُن سان نباهيو. ڪيترا شاعر تخلص ٿي اُهو چونڊيندا آهن جو سندن ويچارن جي ساک ڀري. سنڌي شاعر جي پهرين عظيم ترمورتي شاه لطيف، سچل ۽ چئنراء بچيمل لُنڊ پنهنجي گروءَ ساميءَ نالن جي سچي معنيٰ جي پريچيہ ڏني. ساڌو هيرانند تہ سنڌ جي آتما، سچو هيرو ماڻڪ ئي نہ آهي مگر هوُ آنند جي هير ڦهلائيندڙ بہ رهيو آهي. هيرانند ڪرمچند بہ هيرو هو، اصلي هو پنهنجو مٽ پاڻ هو. سادگيءَ، سچائيءَ، ساهس، سياڻپ، ديانت، نمرتا، سهنشيلتا، نڊرتا سيني انساني ڳڻن جو سنگم هو. هو تضادن جو انوکو ميل بہ هو. هو اڌياتمڪ جڳت جو پانڌيئڙو هو، پر وهنوارڪ جيون سان بہ واهہ جو نڀائين. مکيہ ۾ مکيہ سنڌي روزاني اخبار جو سمپادڪ هو پر مشهوريءَ کان پنهہ دور، نماڻو مگر ڪمزور ڪڏهن بہ نہ. آزاديءَ جو ڪانگي ٻر ديش ۽ آدرش صدقي جيل وڃڻ لاءِ هردم هڪيو حاضر، نڊر پر ووٻڪ جي آواز کان دجندڙ، جهيڙي جهٽي کان 'ون' وبندڙ پر بي انصافيءَ خلاف لڙڻ جو عادي. حليمائيءَ جو ڏٽي، مگر ڏاڍ خوشامد ۽ ڌمڪيس پٺہ اڳيان ڪنڌ نہ جهڪائيندڙ، دل آزاريءَ کان دور مگر سچ جي قول جو قائل - 'سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نہ وڻي'، سڀ کان وڌيڪ، 'هٿ هاج ۾، دل يار ڏي' جو جيئرو

سمجهان ٿو تہ توهين آهي اؤگڻ باسيندي انهن کي ترڪ ڪرڻ لاءِ ڪابہ ڪوشش نہ ڇڏيندا. آءٌ ٺهنڪري هڪ ٻن ٻين ڳالهين تي ڳالهائيندس.' مهاتما پوءِ سنڌين ۾ شراب پيئڻ جي عادت ۽ مغربي فاحش ساهتيہ جو پارت ۾ جام اچي رهيو هو، انهن ٻنهي براين خلاف ڳالهايو. مهاتما کين پربوڌ ڏنو تہ پنهنجو من ۽ تن برف جهڙو صاف اوجل رکو ۽ ڀڳوان کي پرارٿنا ڪيائين تہ شل کين ساچهہ ۽ سگهہ بخشي جو هو ائين ڪن. اهو مانپتر لکيل هو ياءُ هيرانند جو!

هيرانند تاحي پيڻي سچو سون هو. مهاتما گانڌيءَ جو سچو پيروڪار هو. سري گرنٿ صاحب جو هيءُ سلوڪ ساڻس پورو لڳي ٿو اچي ؛

جو نر دکہ ميءِ دکہ نهي مانيءِ،
سکہ سنيهہ اريہءِ نهي جا ڪيءِ.
ڪنچن ماٽي مانيءِ،
نہ نندیا نہ اُستت جا ڪيءِ،
لوڀ موهہ ايمان،
هرکہ سوگہ تي رهي نيارءُ.
ناہ مان اپمانا.

جو دستور هو تذهن به هيرانند ثابت قدم ۽ پنهنجي مورچي تي محڪم رهيو. پنجاه سال اڄ ڀارت کي آزاد ٿئي ٿيا آهن ۽ پورا پنجاه ورهيه هيرانند ’هندو‘، پوءِ ’هندستان‘ جو سمپادڪ، صحيح معنيٰ ۾ آتما ٿي رهيو. ۽ جئن ته آتما امر آهي، تئن هر روز صبوح جو ’هندستان‘ اخبار هن جي ياد ڪڍي ايندي آهي، ۽ اُن ياد ۾ هوندي آهي هيرانند جي نمرتا ۽ نڊرتا، سادي رهڻي ۽ اوچي ويچارڌارا، ڪرم ۽ ڌرم پالنا، هڪ ئي وقت آڌياتمڪ ۽ وهنوارڪ جيون جي يگاني پٿ جي ياترا.

پيڻ ڪملا جو سُوَياڳيه رهيو جو ڪيس ههڙو لاڪيڻو ۽ لاثاني جيون ساٿي مليو. هيرانند هن جي دل ۾ اٽ ئي پهر براجمان ته آهي پر هو مترن ۽ هندستان جي پاٺڪن جي دلين ۾ به سدا حيات آهي. ●

جاڳندو پتلو هو.

گروءَ دليپ ڪمار راءِ ۽ ديدي اندرا ديويءَ هنڪي ستيہ، اهنسا ۽ نشڪامتا جي انوکي ۽ اَملهہ سُتي پياري جو هو وهنوارڪ، ڪنن سمي ۾ سمپادڪيءَ ۽ ديش ڀڳتيءَ جي تقاضائن جي ڪسوٽين تي بار بار پرکيو رهيو ۽ هر ڀيري کرو اُتريو.

منهنجي هيرانند سان گهرائي نہ ٿي، گڏبا بہ اتفاق سان هئاسين، پوءِ بہ هن جي مانيٽيءَ مگر ڪافي اثردار شخصيت دل ۾ پيهي ويئي. هن جي سمپادڪي ليکن ۾ ٺذائي هوندي هئي، جوش کان وڌيڪ هوش هوندو هو؛ دماغ کان^ وڌيڪ دل دست انداز هوندي هئي. ٻي خصوصت هئي اصولن جي پڪي پيروي. ڪنهن کي رنجائڻ نہ، مگر لِلي چپيءَ کان مڪمل ڪناري ڪشي. سپ کان وڌيڪ هو شاهوڪارن، هلندي پڄنديءَ وارن جا خوشامندڙن سان ڪا پاسخاطري نہ ڪندو هو. پاڻ تہ ڪنهن تي شخصي هلان نہ ڪندو هو بلڪ ٻين جا شخصي وير وروڌ، شخصي متيبدن ۽ شخصي مشهوريءَ وارا خط بہ نہ ڇپيندو هو. ڪنهن معتمبر شخص جي ويچار جي مخالفت وارا خط، اُن شخص جي جواب سان گڏ ڇپيندو هو جئن هڪ ئي وقت پاٺڪ لاءِ ٻئي پاسا ظاهر ٿين. يڪدم نوٽ وجهندو : وڌيڪ واد وواد سماپت بند سمجهڻ کپي.

سمپادڪيءَ ۾ هو ساڌو هيرانند ۽ ادي چيتمل پرسرام جو لائق وارث هو. اڄ جڏهن سمپادڪي بہ ناموس، عزت افزائي، سنمانن، هارن ۽ شالن جا ڍير کٽي ايندي آهي تڏهن هو ڪنهن بہ عهدي يا سنمان قبولڻ کان صاف انڪار ڪندو هو. غلام ڀارت ۾ آزاديءَ جي وڪالت ڪندڙ اخبار هلائڻ مڪڻ جي شيخ پڇائڻ کان بہ وڌيڪ اوکو ڪم هو. جڏهن جلد جلد اخبار جي ضمانت ضبط ڪرڻ يا سمپادڪ کي ترنگ جو نيرت ڪرائڻ ڏاري سرڪار

کو سولو هئو. پر جيڪي اُڪرين ۾ مٿا وجهندا سي مُهرن جي ڏکن کان ڪيئن ڊڄندا؟ منڍ کان ئي 'هندستان' اخبار جا ڪراچيءَ مان نڪرندي هئي تنهن جو سمپادڪ بڻيو. هن جي قومي اخبار برٽش سرڪار جي سدائين Black List تي هوندي هئي. پر ڇيءَ مانجهي مڙس پيو طوفانن جو مقابلو ڪندو هئو. پنهنجي ليکن ذريعي ماڻهن کي سوديشي شين خريد ڪرڻ لاءِ برٽش سرڪار جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پيو همٿائيندو هئو. عام جنتا لاءِ، ڀارت ديش لاءِ پريم، ۽ قربانيءَ جو قطرو جاڳرت ڪندو هئو. ان زماني ۾ اسان سنڌين ۾ ڏيتي ليتيءَ جي هڪ ڪني رسم هئي ۽ ڇوڪرين جي پڙهڻ تي بہ بندش هئي. مائٽ ڇوڪرين تي خرچ ڪرڻ اجايو سمجهندا هئا. ڌيءَ ڄمڻ تي مائٽن جي منهن جا ڀنا لهي ويندا هئا. هيرانند بہ مهاتما گانڌيءَ وانگر، عام جنتا کي سڄاڳ ڪيو تہ جي توهانکي هندستان جي آزادي کپي تہ نارين کي تعليم ڏيو ۽ انهن جي عزت ڪريو. جتي ناريءَ جي عزت آهي، اُتي ديوتائون راضي آهن. ناري شڪتي آهي، ناري گره-لڪشمي آهي، Queen of Home آهي. هيرانند عام جنتا کي سمجهايو تہ هڪ مرد کي علم مليو معنيٰ هڪ انسان کي علم مليو پر جي هڪ ناريءَ کي علم مليو تہ معنيٰ سڄي گهر کي علم مليو.

١٩٤٧ جي ورهاڱي تہ هيرانند جي 'هندستان' اخبار کي تمام ڏکيا ڏينهن ڏيکاريا. ماڻهو پاڪستان ۾ برباد ٿي، پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي اُتي پهتا، پر آزاد هندستان ۾ پاڻ کي ورسائڻ بہ ڏکيو ٿي پيو تہ وري 'هندستان' اخبار ڪيئن ڪُلي. هيرانند کي سنڌي اخبار 'هندستان' بمبئيءَ ۾ کولڻ لاءِ تمام گهڻي ڏُک ڊوڙ ڪرڻي پيئي، پر هن جي اٽل وشواس ۽ آتمڪ شڪتيءَ هٺي هنڌ

١٨. هندستان جو سمپادڪ هيرو (Jewel)

- موهني ميرچندائي.

مانوَ جاتيءَ لاءِ ٢٠ صدي هڪ چمتڪاري سميہ ليکيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ تہ اُن صديءَ ۾ جيون جي هر پهلوءَ ۾ وڪاس ٿيو آهي. آئنسٽائين جنهن سائنس جو چمتڪار ڪري ڏيکاريو، يُگہ پرش مهاتما گانڌي، جنهن ستيہ ۽ اهنسا جي هٿيارن سان سڄي دنيا ۾ هلچل مچائي ڇڏي، سوامي وويڪانند، شري اربندو يا ساڌو واسواڻي، جن پنهنجن اوچ ويچارن سان سمهيلن کي جاڳايو، تن سڀني جو جنم ١٩ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ٿيو. ائين ٿي لڳو تہ جڻ ايشور کين هن پرٿويءَ تي موڪليو، تہ توهين وڃي پنهنجي مُحبت، محنت ۽ اورچائيءَ سان ٢٠ صديءَ جي مانوَ جاتيءَ جو ڀلو ڪريو ۽ اُنهن کي انڌڪار مان ڪڍي روشنيءَ جا راهہ ڏيکاريو.

اڄ جنهن مهان سمپادڪ، دادا هيرانند ڪرمچند جي جنم شتابدي ملهائڻ لاءِ، دادا جشن واسواڻي اچي رهيا آهن، تنهن جو بہ جنم ١٩ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ١ آڪٽوبر ١٨٩٩ تي، ڀوتر ڀارت ڀوميءَ جي سنڌ پرانت ۾، سورمن جي شهر سکر ۾ ٿيو. اسڪول ۽ ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي هيرانند ۾ ديش شيوا ۽ سماج سڌار جا ارڪان موجود هئا. ’ڪُپت، سُپت پُت پينگهي ۾ پڌرو‘ ڀلا ڏينهن هئا مهاتما گانڌيءَ جي هلچل جا، جنهن جو اثر هن نوجوان تي ڪافي ٿيو ۽ هو بہ آزاديءَ جي آندولن ۾ ٽپي پيو. زماني جون حالتون ڏسي هيرانند محسوس ڪيو تہ ديش ۽ سماج شيوا جو سٺي ۾ سٺو طريقو آهي اخبار جي ذريعي عام جنتا ۾ جاڳرتا آڻڻ.

برٽش سرڪار جي ڏينهن ۾ قومي ۽ سوديشي اخبار هلائڻ ڪا سولي ڳالهہ ڪانہ هئي ۽ نڪو ڪو سماج جون ڪرسمون لاهڻ

١٩. شري هيرانند ڪرمچند
سنڌ جو هڪ لڪل لعل

- سيتا سامتاڻي.

سنڌي سماج ڪن ٿورن ڪم ڪندڙن جو قدر ڪيو آهي. ڪيترن سنڌين کي اڄ تائين خبر ڪانہ آهي تہ شري هيرانند ڪرمچند کھڙو نہ سنڌ جو هڪ خوشبوئدار گل هو جنهن پنهنجي خوشبوءِ اجائي ڪانہ وڃائي پر سنڌي جاتيءَ جي شيوا ۾ پکيڙي ان کي وڏيڪ سرهاڻ ڏني. اهڙي سانتيڪي ڪم ڪندڙ جو قدر ڪيترا ـ ٿورا ڪرڻ وارا آهن. جو هنن پنهنجي اخبار هوندي بہ قرباني هٽي پنهنجي ڪم جو دهل تي ڏونڪو ڪونہ هنيو. سنڌ کان ٻاهر شري هيرانند ٻيون نوڪريون ڇڏي جو 'هندستان' جو سمپادڪ بڻيو، تنهن ۾ بہ ڪو راز رکيل هو. هن جي دل نہ رڳو دکين جي درد ۾ رنگيل هئي پر پنهنجي ديس جي شيوا لاءِ تڙفي رهي هئي. جڏهن ڪيترا ديشواسي سرڪار جي ڪمن جي اوگھر ڪرڻ کان ڊڄندا هئا، تڏهن شري هيرانند ڊاڙئي سرڪار جي اخبار رستي پنهنجي جوشيلي ليکن سان خوب ڇنڇري لاهيندو هو. انهيءَ ڪري نہ رڳو سرڪار 'هندو' اخبار ڪيئي ڀيرا ضبط ڪئي پر ڪيس جيل جا دروازا بہ ڏيکاريا. سنڌ ۾ 'هندو' اخبار انگريز سرڪار جي مٿي جو سور هئي. جنهن ڪري هڪ ٻي جي ٻنيان پئي جايون بدلائي ۽ سمپادڪ مٽائي پئي پنهنجي اخبار کي جياپو ڏنائون.

پاڪستان ڪانپوءِ پهرين تہ مونجهارو هو تہ اخبار ڪيئن هلائجي. ڊاڪٽر چوئٿرام کي بہ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي، تہ اهڙي ڏکئي ڪم ۾ بمبئيءَ ۾ ڪيئن هٿ وجهجي پر هيرانند جي

ڪيو، آخر، ڊاڪٽر چوئٿرام جي همٿ سان هن ’هندستان‘ اخبار بمبئيءَ ۾ کولي. ’منشيءَ ڪري مزوري ڪيا راڪي پڳوان.‘

هيرانند ڪوڙي نقطچيني ۽ ڪوڙي پاسخاطريءَ کان پري هو. جيڪي سچ هوندو هئو سو اخبار ۾ ڇپيندو هئو. هن جي زبان ۽ لکڻيءَ ۾ نڪو وڪر هئو نڪو زهر هئو. سڀ سان ڪلي کيڪاري، مُرڪي ملندو هئو. اِهو ئي سبب هو جو جنتا هن کي Gentleman Journolist جو خطاب ڏنو. هيرانند پنهنجي قلم جي طاق سان سڄا سارا ٥٢ سال عام جنتا جي، جيون جي هر کيتر ۾ شيوا ڪئي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ قلم جي طاقت ترار کان تکي آهي.

Pen is mighter than sword

هي سنسار فاني آهي جو آيو سو واپس ويندو. ٢٥ آڪٽوبر ١٩٧٦ تي هيرانند هن دنيا کي الوداع ڪري، راه رباني وٺي هليو ۽ وڃي پنهنجي گروءَ سان مليو. پيغمبر هليو ويو پر پنهنجو پيغام ڇڏي ويو، سمپادڪ هليو ويو پر پنهنجو سنيهو ڇڏي ويو، نيتا هليو ويو پر پنهنجو نياپو ڇڏي ويو، رهبر راه ڏيکاري ويو تہ ايشور کي پراپت ڪرڻو آهي تہ تياڳ ۽ قربانيءَ جي مورت بڻجي، عام جنتا ۾ جناردن کي پسيو. عالم آشڪار آهي تہ هر اُتم ۽ مهان پرش پٺيان، شڪتي شالي اُنجي اردانگنيءَ جو يوگدان هوندو آهي. اها ناري پڙدي پٺيان بيهي، پنهنجي محنت ۽ قربانيءَ سان پُرش کي همٿائيندي آهي ۽ پرش کي پنهنجي مقصد تي پهچڻ ۾ مدد ڪندي آهي. اهڙي آهي اسانجي دادي ڪملا ڀيڻ جنهن پنهنجي پتي هيرانند جو تني ۽ تڏي دک سک ۽ جيون جي لاهين چاڙهين ۾ پنهنجا مٽيا وڪٽي بہ ’هندستان‘ اخبار هلائڻ ۾ هيرانند جو ساٿ ڏنو ۽ اخبار جون گهرجون پوريون ڪيون، جڻ تہ دادي ڪملا ڀيڻ هڪ روشن مُنار تي، دادا هيرانند کي راه ڏيکاريندي رهي.

منهنجا سرڳواسي سمپادڪ هيرانند کي پريم پريا پرنام پر تنهن سان گڏ دادي ڪملا ڀيڻ کي بہ سک ۽ سنيه ڀري نمستي! ●

تہ بيءَ ڏر مسٽر رامچند جي ڪم ڪندڙ ڪيترين زالن مونکي ڏک ٻجا هٽي ڪيرائي وڌو. اُن وقت هيرانند بہ اچي اُتان لنگهيو ۽ انهن زالن کي هڪ لفظ بہ ڪونہ چيو تہ ڪملا سان ڇو ٿيون وڙهو. پوءِ ڪملا جڏهن هيرانند کان پڇيو تہ توهين ڇو ماٺ ۾ هئا تہ چيائين تہ اهڙن وقتن تي ماٺ ڪرڻ بهتر آهي.

ڪملا پيڻ جون گهڻيئي پيرا هيرانند جي سڀاءَ بابت شونق سان ڳالهيون بڌندي آهيان. هو هڪ رواجي انسان نہ هو پر زنده فرشتو هو. ماڻهو سنتن ساڌن کي ڪيترو نہ پوڄين ٿا پر هيرانند جهڙا لڪل لعل انهي پوڄائڻ کان گهڻو مٿي هئا. سندس باري ۾ منهنجي قلم کي طاقت ڪانہ آهي جو ڪيترو بہ لکان تي ٿورو آهي. منهنجو ڪيس بار بار نمسڪار آهي ۽ سندس آسيس پنان ٿي شال اهڙو صبر ۽ سنتوش ڪجهہ مونکي بہ پلئہ پوي. ●

اٿل وشواس وچي هٽي هنڌ ڪيو. پريس نه رڳو لڳي وئي پر اخبار زور شور سان هلڻ لڳي. ڪئمپن ۾ نرواسين جي دردن جي دانهن هيرانند اهڙي ته ٻي ڊپائيءَ سان ليکه لکي سرڪار جي ڪمن جي اوگهر ڪندو هو جو منسٽر به اچي ششدر ٿيندا هئا، ته اهڙا سخت ليکه سرڪار جي برخلاف نه لکو. مرارجي ڊيسائيءَ جو انهيءَ وقت مکيه وزير هو تڏهن ڪيس گهرايو. ڊاڪٽر چوئٿرام، شري جيرامداس، شري هيرانند وٽس گڏجي ويا. ٽنهي ڄڻن تمام دکه سان ڪيس ڪئمپن جي رهواسين جو دردناڪ حال ٻڌايو، ته سنڌ جي ماڻهن ديس لاءِ پنهنجو تن، من ۽ ڌن سڀ ارپن ڪيو ۽ ڪيترن قرباني ڪئي. پر ڊيسائيءَ جو رخ هنن همدرد نه ڏنو ۽ مايوس ٿي موٽي اچي نرواسين جي شيوا ۾ لڳا.

هندستان اخبار بمبئيءَ ۾ زور شور سان هلي پيئي. ڪملا پيڻ به ڪوٽ واڌ ۾ هيرانند جو اهڙو ته ساٿ ڏنو جو پنهنجا رکيل مڻيا به ڪيس وڪڻڻا پيا. شري نارائڻ آڏواڻي هڪ ڀيري لکيو ته هيرانند جو صبر ڏسي مان ته ڪيس بار بار نمسڪار ٿو ڪريان. هڪ ڀيرو پارتواسي اخبار ۾ ڪنهن متر ڪملا هيرانند جي برخلاف ايترو ته لکيو هو جو پيو ڪو مرد ته زال جي گهٽ وڌ ڪڏهن به نه سهي سگهي، مان پارتواسي اخبار ڪٽي پريس ۾ ويس ته منهنجي عجب جي حد نه رهي جڏهن ڏٺم ته هيرانند ڏاڍي ٿڌي سيني سان انهيءَ شخص سان ڳالهائي رهيو هو، جنهن ڪملا ڀيڻ جي باري ۾ برخلاف بنا سبب هيترا ڪوڙ ڪٽيا هئا. مون عجب مان هيرانند کان پڇيو ته توهين ڪو ته ڪيس ڌوراپو ڏيو هان ته چيائين مان ڪنهن به ڳالهه جي اپٽار ڪرڻ نه چاهيندو آهيان. آهن اهڙا بزرگ نيتا جن اهڙو سنتوش پنهنجي جيون ۾ ڏيکاريو آهي. ڪملا ڀيڻ ڳالهيون ڪندي هڪ ڀيري مونکي ٻڌايو ته جڏهن ڪانگريس جي پرچار ڀيري پروفيسر گهنشام شوداساڻي جي لاءِ ڪم ٿي ڪيو

مونکي حد عجب لڳو جڏهين دادي کملا ڳالهيون ڪندي مونکي ٻڌايو ته شاديءَ کانپوءِ هوءَ ڪيڏانهن به گهمڻ کانه نڪتي آهي. دادا هيرانند هن کي ڪٿي به ڪنهن به شهر ۾ وٺي ڪونه ويو هو. نه ڪنهن شاديءَ تي نه ڪنهن پڪنڪ تي ۽ نه ڪنهن پڪچر وغيره تي. مون کلي کيس چيو 'دادي توهان ڪڏهن به پڪچر کانه ڏلي آهي؟' ته چيائين ته پڪچر ته ڇڏ پر گهر، جيل ۽ پنگتي ميٽنگ کانسواءِ مون ڪجهه ڪونه ڏٺو آهي. شاباس اٿس دادا کي ڪم کانسواءِ ڪو شونق ڪونه هو. هن تياڳ ڪرڻ ٿي چاهيو. سالن جا سال هندستان اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو. 'هندستان' ۽ 'هندواسي' اخبارون جڻ سندس اولاد وانگر هيون، جن لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪم ڪندو هو. کيس سارنا ڪرڻ لاءِ به فرصت ڪانه ملندي هئي. اهو کيس ڏکه هو، هن ٻين کي ڏنو ئي ڏنو ٻر موٽ ۾ ڪجهه ڪين گهريو. هن ديش جي شيوا ڪئي. هن جو وشال هردو ڪرم گيان ۽ ڀڳتيءَ سان ڀرپور هو. ڏيتيءَ ليتيءَ جي سخت برخلاف هو. پاڻ جي شاديءَ تي به ڪونه ويو، ڇاڪاڻ ته سندس مائٽن ڏيتي ليتي ورتي. اهڙو اوچ خيالن وارو هو. دادا هيرانند جيڪي سچ سمجهندو هو ته هو بي ڌڙڪ پنهنجي اخبار ۾ لکندو هو پر ڪڏهين ٻين جي عيبن گناهن کي اگهاڙو ڪونه ڪندو هو. ٻين جي اوڻاين اپراڌن کي پردو ڏيئي ڍڪي ڇڏيندو هو. اهڙو شخص اڄ اسانجي وچ ۾ ڪونهي. هن جي دوستي منهنجي سهري دادا نرملداس گربخشاڻيءَ سان هئي. اهو به سندن خيالن جهڙو هو. هيرانند اسانجي گهر ايندو هو ته ٻئي سنن خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئا.

ڪبير ڀڳت چيو آهي 'جڏهين تون جمين ٿو ته تون روئين ٿو ۽ سڄو سنسار کلي ٿو. هاڻي اهڙي نموني زندگي بسر ڪر جو جڏهين تون هن سنسار مان وڃين ته تون کلندو وڃين ۽ سڄو جڳ

٢٠. مترَ دادا هيرانند ڪرمچند

- ساوتري گوپال گربخشاڻي.

نندي هوندي ڪملا هاءِ اسڪول ۾ ياد اٿم ته ساڌو هيرانند ساڌو نولراءِ يا ڪيشب چندرسين تي تقريرن جي چٽاڀيٽي ٿيندي هئي ته گهڻو ڪري ڦهريون چئبو هو 'ماڻهو مڙيئي نه سهڻا ڀڪي مڙيئي نه هنج، پر ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي.'

اها چوڻي اڄ سچي پيئي لڳي. هونءَ ته ائين ئي چئي وڃبو هو پر اڄ سمجهه ۾ اچي ٿو ته سچ پچ اها چوڻي سچي آهي. سنت ساڌو ته گهٽيئي ٿي ويا ۽ اڄ به آهن. دادا هيرانند ڪرمچند نڪو سنتن جي قطار ۾ آهي ۽ نه ساڌن جي، پر هو ته سچو شخص گرهستيءَ ۾ رهي به نرليپ هو. پنهنجي ڪم ۾ پورو، پنهنجا فرض پالڻ ۾ پورو، نه دنيا جي پرواهه، نه مشهوريءَ جو مرض. ڪڏهين ڪيس ڪرشن جي سکيا ياد ايندي هئي ته جيڪي چڱو يا سٺو ٿي رهيو آهي تنهن ۾ به ايشور جي ليلا آهي. سچار به حد درجي جو هو. ڪوڙ ڪپٽ مان ڪونه ڄاڻندو هو. پوءِ ڀل ڪيس جيل به ڇو نه ڀوڳڻو پوي. دنيا جي جهنجهٽ کان پري هو. ڪيس رڳو اها ئي اون هوندي هئي ته آتمڪ اُنتيءَ لاءِ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي، ڪهڙو يتن ڪرڻ گهرجي. پنهنجي جيون کي ڪهڙي طرح رکي ۽ هلائي جو هو پنهنجي منزل تي پهچي سگهي. دادي ڪملا پنهنجي گهوٽ کي هر طرح جو سات ڏنو. ٻنهي جو گهاٽو سنٻنڌ هو سندن آدرش ساڳيا هئا، خاص ڪري جڏهين هيرانند آتمڪ مارگ ڏانهن جيون جو رخ موڙيو ته هر قدم تي، هوءَ ڪيس سات ۽ سهڪار ڏيندي هئي، همٿائيندي هئي ۽ وک وک سان ملائي هلندي هئي جا ڳالهه مرد جي آتمڪ اُنتيءَ لاءِ نهايت ضروري آهي. دادي ڪملا به گهٽ ڪشٽ ڪونه ڏنا.

۲۱. شانت سروپ ڪرم يوگي -
شري هيرانند ڪرمچند

- شريمتي ساوتري هوتچند آڏواڻي.

ماٺو مڙيئي نہ سهڻا، ڦڪي مڙيئي نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماٺوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

هڪ صدي (۱۰۰ سال) اڳہ شري هيرانند جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو هو. اڄ اسين سندس جنم شتابديءَ تي پريم ۽ شرڌا جا ٽول چاڙهڻ لاءِ ڪٺا ٿيا آهيون. هو سچي معنيٰ ۾ هڪ نيڪ سچو ۽ نوڙت وارو انسان هو. مان تہ جيڪر ائين چوان سندس سچ ۽ نئڙت سندس پڳوان هو.

اڄ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي هن سونهري موقعي تي اسانجو روحاني رهبر دادا جشن ڪيس شرڌا جا ٽول چاڙهڻ لاءِ اسان جي وچ آهي. پياري دادا جشن هڪ موقعي تي هن ڪاليج ۾ شاگردن کي چيو هو تہ بيشڪ وگيان اسان لاءِ گهڻو ئي ڪيو آهي، دنيوي سک سهوليتون ميسر ڪري ڏنيون آهن، گهر ۾ وندر جا پروگرام، گهر مان فون تي دور دور ڳالهائڻ لاءِ فون بہ ڪري سگهجي ٿو. گهرو ڪم ڪار لاءِ مشينون، هوائي جهاز ۽ وغيره وغيره ۽ ٻيون بہ ڪئين ڪوجنائون ڪيون ائن. اصل چنڊ تي وڃي پهتا آهن. پر اسانکي جنهنجي گهڻي ۾ گهڻي گهرج آهي، من جي شانتيءَ ۽ دل جي خوشي، تنهنجي لاءِ ڪوبہ رستو يا مشين ڪونہ ڪوجنا ڪئي ائن. ائلو جيتريون سهوليتون ۽ سک آهن اوترو سڀني تي ٽينشن وڌيل آهي. سڪو ڀيو ڊوڙي ڊوڙي، پر منزل جو پتو ڪونہ ائن. انسانيت ڪونہ سڀڪاري ائن. ۽ اسانجي جيون بہ جڻ هڪ مشين وانگر آهي، پر شري هيرانند سچ پچ انسان هو، جنهن ۾ انسانيت هئي. مهاتما گانڌيءَ جڏهين ستياگره هلچل شروع

روئندو رهي.'

جب آيا اس جڳت ۾ - مَنُ رونيا جڳ هسي
اسي ڪرڻي ڪرا ڪرو - مَن هسون جڳ روني.

دادا هيرانند برابر اهڙو ئي انسان هو جو سندس وڃڻ سان جڳ پٽي رنو. پرماتما سان هڪ ٿي ويو ۽ پرم آنند ۾ آهي، شانتيءَ ۾ آهي ۽ انهيءَ ماڳ تي پهچي ويو آهي جتي پهچڻ جي ڪامنا هيس، ابلاشا هيس، جنهن لاءِ سڄي جيون جدوجهد ڪيائين. ●

ڪيرائيندو هو. نقطچيني ڪندو هو ته تمام فهميدي نموني. آدرشي سمپادڪ هو. هنڪي ڪم جي لڳن لڳل هئي. اٽڪ هو. پاڪستان ڪانپوءِ به هي اورچ ٽي هندستان اخبار اوچ ڪوٽي بڻائڻ جي ڪوشش ڪندو. واهيات لکڻ جي فائدي ۾ ڪونه هو. سنڌي اخبارون گهٽ آهن، انڪري اشتهار ملندا ڪونه هئا. خوشامد ڪري اشتهار هٿ ڪرڻ هن جي سڀاءَ ۾ نه هو. ڪڏهين ته ٻه ٻه مهنا پگهار به ڪونه ڪٽندو هو. هيءَ ديکه ويکه يا نالي جي پنيان ڪونه هو. منچ تي وهڻ کان به ڪيٻائيندو هو. مشهوريءَ کان ڪنارو ڪندو هو. ۵۰ سال اخبار جو سمپادڪ ٽي رهيو. جڏهين رٽاير ٿي ڪيائين ته پريس وارن جي پارٽي نه ورتائين پر هڪ هڪ کان جدا جدا موڪلايائين ۽ سڀني کي هڪ اکر ۾ چيائين ته سڀاڻي کان وٽي آفيس ۾ ڪونه ايندس. شري هيرانند گهر ٻار ڇڏي گيرو وستر ڪونه ڌارڻ ڪيا، پر گرهستي سنت هو، سنت جا سڀ لڇڻ منجهس هئا. 'س-سمرن-نه-نماڻو-ته تياڳي' اهي گڻ هئا. سنت ڪبيرداس به پنهنجي واڻيءَ ۾ چيو آهي 'گرهست ۾ جو رهي اداس ڪهه ڪبير هنئه تاڪو داس' مهاتما گانڌيءَ جو اثر 'مٿس هو، پر پوءِ دادا دليپ ڪمار راءِ ۽ ديدي اندرا سان به تمام گهڻو نينهن جو ناتو هيس. ڪرشن ڀڳت ته نندي کان ئي هو، پر منهنجي سنگه ۾ جڻ ڪرشن جو گوال بڻجي پيو. رٽائر ڪرڻ ڪانپوءِ گهڻو پنهنجي گهر جي ڪرشن مندر ۾ گذاريندو هو. ●

ڪئي تہ انهيءَ هلچل جو اثر نوجوان ٽهيءَ تي گهڻو پيو، شاگرد، اسڪولن ڪاليج ۽ نوڪريون ڇڏي هلچل ۾ گهڙيا ۽ جيل بہ ڀوڳيائون، هيرانند بہ انهن ۾ هو جو جيل جي ياترا بہ ڪري آيو هو.

هو ننڍي هوندي کان تمام سادو، نهٺو ۽ شيوا سندس انگ انگ ۾ هئي. گڏيل ڪٽنب ۾ رهندو هو. جڏهن شادي ڏاڍي ڪملا سان ٿي، تہ پڻ ڪملا بہ سندس سچ پچ نہ رڳو پتني هئي، پر جيون ساٿي هئي. هوءَ بہ سندس خيالن جي هئي. هڪ ڏينهن ڪملا کي چيائين تہ ڪملا اڄ گهر جو ڪم ڪار جلد لاهي ڇڏج تہ گهمڻ هلنداسين، ڪملا ڏاڍي خوش ٿي، اڄ ٻئي اڪيلا گهمڻ ٿا وڃن. هيرانند گهر مان ٽول ۽ ڪجهہ بسڪوٽ کنيا، ڪملا سمجهو تہ ڪٿي ٿورو وقت پڪنڪ تي ويندا سين، پر کيس عجب لڳو تہ تمام سوڙهي گهٽيءَ ۾ هلي هڪ پراڻي ڀڳل ٽٽل گهر ۾ هليو، ڪٽ تي هڪ بيمار سمهيل هو، انهيءَ جي صفائي ڪيائين. اتي ٻڍي ماءُ ويٺي هئي، چيائين پٽ اڄ پاڻ سان ڊاڪٽرياڻي وٺي آيو آهين ڇا؟ جواب ڏنائين تہ هيءَ ڊاڪٽر ڪونهي پر منهنجي پتني آهي. سندس انگہ انگہ ۾ شيوا ڀريل هئي، سو ڪملا کي ڏيکاريائين تہ ڏس جيون ڇا ٿيندي آهي. ڏکہ سکہ جيون جي سڪي جا ٻہ پاسا آهن. هيرانند سنڌ کان وٺي هندو، پوءِ هندستان ۽ هندواسي جو ٥٠ سال سمپادڪ ٿي رهيو. سمپادڪي ۾ سمپادڪ جو قلم پختو، خيال بلند، ويچار برجستا ۽ لکڻي اُتساهہ ڏيندڙ هوندي هئي. ٻيون بہ ڪيتريون خاصيتون هيرانند ۾ هيون. قلم ۾ وڏي طاقت آهي. هن ڪڏهين ڪوڙي خوشامد ڪانہ ڪئي، دٻاءَ ۾ يا پيسي جي زور تي ڪونہ جهڪيو، جيڪي سچ ۽ صحيح سمجهن، اهو اخبار جي ڪالم ۾ لکندو هو، نہ ڪنهنکي خوشامد ڪري آسمان تي چاڙهيندو هو، نہ ڪنهن تي ڪڙي نڪتہ چيني ڪري پٽ تي

ڪري سگهندا. هن ڪم ڪرڻ واسطي ڪپي ايمانداري ۽ بي داغ چرتر. ايشور جڏهين ڪيس جوڙيو ته اِهي ٻئي مٿيان ڏيکاريل گڻ ڪيس ورثي ۾ ڏنا.

٭ سندس لاڳاپو هندواسي توڙي هندستان اخبار سان ورهائي ملڪ ٿيڻ تائين رهيو. سنڌ ۾ مهراج وشنو شرما ۽ لوڪرام شرما هندو اخبار چالو ڪئي. ٻئي پائر ودوان هئا ۽ هندستان جي آزاديءَ لاءِ اخبار هلائڻ ۾ انگريز سرڪار کين تڪليفون ڏنيون، پريس ضبط ڪيائون کين جيل ۾ اُماڻيائون. ڇڄي ته هندو اخبار مالي تڪليفن مان به لنگهي رهي هئي. ١٩٢٦ جي ڳالهه آهي سنڌ جي ترمورتي دادا چٿرامداس، پروفيسر گهنشام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام هندو اخبار کي هلائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، پر ترمورتيءَ سان ڳنڍيل هئو اسانجو ايڊيٽر - ڇڄي ته سڀا پائر نه ٻاڻ ۾ ڪونه هئا خون جي رشتي دوارن، پر سندن ڳنڍيل ويچارڌارا ۽ اُصولن کي سمجهڻ وارو هو سندن همراهي اسانجو ايڊيٽر. ٽن ڳنڍيل ويچارڌارائن جو ترجمان يا ڳنڍيل آواز روح شري هيرانند ڪرمچند هو. سندن ڪلي ايمان هن جي ايمانداريءَ ۾ هو. جي به ڪنهن وقت سندن راين ۾ ڪو ننڍو وڏو ڦير به هو ته هنن شري هيرانند ڪرمچند جي ويچارن کي وڏو وزن ڏنو. هيءُ ايڊيٽر ڪو نوڪري يا پئسي ڪمائڻ جي واسطي ته ڪونه ٿيو. هن پنهنجو گهرجون ايتريون ته ٿوريون رکيون جو هنکي گهٽ پئسي هوندي به پئسي جي پرواهه يا ڪاڻ ڪانه هئي. اهڙا ايڊيٽر ملڻ اٿلپ.

هي ڪنهن به قيمت تي ڪونه وڪاڻو. ڪوبه خريدار هنکي ڪنهن به لالچ يا پئسي يا عهدي سان خريد نه ڪري سگهيو. جي ڪنهن ڪٿي ڪوشش به ڪئي هجي ته هميشه هن ڪان اخلاقي حار کاڌي.

آزادي ۽ هندو اخبار سنڌ جي اتهاس ۾ هڪ اهم انگ هئا.

٢٢. اسانجو ايڊيٽر - شري هيرانند ڪرمچند

- گلاب گدوائي.

فقير تن، رڄ ڇڙو مڙس ۽ ساڳئي وقت بهادر، فائدي ۽ نقصان جو ويچار نہ ڪرڻ وارو انسان - اڄ بہ سندس گڻن کي وساري ڪونہ ٿو سگهجي. سندس ڪيل خدمتون سنڌ جي اتهاس جو انگ بڻجن ٿيون. اسانجي آزاديءَ جي هلچل ۾ بہ هن اهم ڀاڱو ورتو. اڄ کان سٺ سال اڳ، اِها منهنجي خوش قسمتي هئي جو منهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب جو رستو سندس ڪٽنب جي ڀاتين سان هو. هميشه صاف ڪاڌيءَ جا ڪپڙا پائيندڙ ۽ پنهنجي فرض ادائيءَ سان جڙيل، سچ جو صحيح معنيٰ ۾ هڪ ننڍو پڳت هو. اخبار سنڀالڻ ڪو سولو ڪم ڪونہي. انگريزن جو راڄ ۽ انگريزن جا پوئلڳ ڪامورا، واپاري جي پنهنجن فائدن ۾ رڌل، انهن ۾ انقلاب آڻڻ، سندن ويچارن ۾ غيرت پئدا ڪرڻ، اخبار دواران ڪافي ڏکيو ڪم هو. هن وٽ نہ هو وڏو پئسي جو ٻل ۽ نہ ئي هن ڪنهن جي خوشامند ڪري سندس مدد حاصل ڪئي. اِهو پريورتن آڻي ڇڏجي تہ هن پنهنجي چرتر ۽ بي داغ ايمانداريءَ جي معرفت پنهنجو استان نيات توڙي سياست ۾ پاتو.

سياست ۾ آد ڄڳاد کان دشمني، ڪوڙ ڪپٽ، هميشه سياست سان جڙيل رهيا آهن، پر اسانجو ايڊيٽر نہ ڄاڻندو هو ڪوڙ ڪپٽ ۽ نہ هئا ڪيس دشمن. هن جي شخصي طرح ڪنهن سان بہ دشمني ڪونہ هئي. جي ڪن جي راين سان نہ بہ نهڪيو تہ بنا ڪنهن ڊپ ڊاو جي اُهو چوندو هو. پنهنجي اخبار ۾ پنهنجا ۽ پنهنجي مخالفتين جا رايا بہ ڇپيندو هو. اهو ڪم تمام ٿورا ماڻهو

جي ڏبي ۾ وجهڻ گهرجن.

ڊائريڪٽر جو نياپو اسانجي ايڊيٽر کي مليو ۽ هي ته کيس تڏهن جا پيا ويچار ڪن.

ايڊيٽر آيل شڪايت مان مريادا جي خيال کان ڊائريڪٽر کي موڪلي کيس ڪجهه جواب ڏيڻو هجي ته اُهو ڏي پر هن ڪوبه جواب نه ڏنو. نيٺ جنتا جو آواز ڪهڙي حساب سان اخبار نه وجهندي؟ جي کين منهنجي ڪم ۾ اوڻائي ٿي ڏسجي ته مان استعيفا ڏيئي وڃڻ لاءِ تيار آهيان.'

ايڊيٽر جو جواب به کنهن ڊائريڪٽر کي ٻڌايو ۽ کيس آگاهه ڪيو ته ههڙي ايماندار ماڻهوءَ کي تڏهن جو خيال ئي لاهي ڇڏي.

اها هئي همت هڪ ڏٻري شخص جي، جو بدن ۾ ڪمزور هوندي به کنهن وڏي ٻڳه جي دٻاءَ هيٺ جهڪڻ وارو ڪونه هو.

ايمرجنسيءَ جي وقت هن پنهنجي مائيٽي نموني ۾ اخبارن تي پابندين خلاف پنهنجو سهڪار ڏيڻ بدران اخبار مان سانتيڪي نموني نڪري اچڻ بهتر سمجهو. جن واسطي کيس پيار هو، جن کي هن بزرگ ڪري عزت ڏني، پر جڏهين اهم سوال اُٿيو، پريس تي پابندين جو ته هن پنهنجو فرض چٽو ڏنو ۽ جن لاءِ کيس وڏي عزت به هئي، انهن کي به ساٿ نه ڏنائين.

هن جو لاڙو هميشه ڏرمشٽ مهاتمائن ڏانهن هو. دليپ ڪمار راءِ ۾ هن ڪجهه اهڙو ڏٺو جو سندس پيٽ تي پيو. پڇاڙيءَ ۾ پنهنجا پر آزاد ڪري هندستان اخبار مان سانتيڪي نموني نڪري آيو.

سندس مرتيوُ تي گهڻن ئي شرڌانجليون موڪليون پر خاص آچاريه ڪرپالاڻيءَ جي شرڌانجلي هئي.

'مي شخص اهو هو جنهن کي ڪوبه دشمن ڪونه هو ۽ نه ئي

ترمورتي ۾ سڀ هوشيار پڙهيل ڳڙهيل هئا. آزاد ۽ بلند ويچارن
جا مالڪ هئا ۽ سندس آواز ۾ نہ رڳو متيان ڳڻ هئا پر هڪ ڳالهہ ۾
شري هيرانند ڪانئن هڪ قدم اڳتي هو 'هي نہ ڪنهن جو دشمن
هو ۽ منهنجي سمجهہ موجب نہ هن جا ڪي بہ دشمن هئا.' اِها
هڪ وڏي اخلاقي منزل آهي. خيالات ۾ بہ رايا تہ ٿيندا.

ملڪ جو ورهاڱو ١٩٤٧ ۾ ٿيو، هندو اخبار سنڌ ۾ تہ بند ٿي،
پر هن اخبار جي ڪاريہ ڪرتائن تي وڏي اخلاقي جوابداري هئي
تہ سنڌي شرنارٿين جي تڪليفن جو سرڪار کي محسوس ڪرائڻ
آيا سڀ سنڌي هٿين خالي. اسانجو ايڊيٽر تہ سنڌ ۾ اخبار جو
ايڊيٽر هوندي بہ ايترو ٿورو پگهار کڻندو هو جو بچت جو سوال
ئي ڪونہ ٿي اُٿيو. سنڌ جي هندو اخبار وري ڪيئن چالو ٿئي
سو بہ بمبئي جهڙي شهر ۾. بمبئي شهر هميشه راڻن جي لنڪ
وانگر رهيو آهي. جتي سڀ ڪجهہ سون تي وڪامي، اُتي اخبار
چالو ڪرڻ واسطي گهربل پئسو، واپارين توڙي ڪن سماج شيوڪن
ڏنو پر هڪ لميٽيڊ ڪمپنيءَ جي روپ ۾ هندو اخبار هندستان
جي نالي سان وري چالو ٿي. هيرانند ڪرمچند وري نئين س
ڪر هٿ ۾ ڪنيو. هن جهڙا ماڻهو ملڻ ڏکيا.

پر پنهنجي سمجهہ موجب سنڌ جي هندو ۽ هندستان جي
'هندستان' اخبار ساڳيون نہ رهيون. ڊئريڪٽرن کي پنهنجن حق
جي ڄاڻ هئي. اهڙو بہ وقت آيو جو ڪنهن ڊئريڪٽر خلاف
شڪايتون آيون. اخبار انهن کي نہ ڇپي تہ اخبار ڪهڙي آهي
سڀ آيل شڪايتون شري هيرانند ڊئريڪٽر کي موڪلي ڏنيون
ڊئريڪٽر کي ڪجهہ جواب ڏيڻو هجي تہ، اُهو بہ ڇپبو. ڊئريڪٽ
بلڪل ناراض ٿيو تہ سندس خلاف سندس پيپر ۾ اهي ڳالهيو
ايڊيٽر ڪهڙي حساب سان ٿو ڇپي؟ ايڊيٽر کي تہ اهڙا خط ب

هي ڪنهنجو دشمن، سياست ۾ توڙي اخبار جي سمپادڪ هوندي ب
هي وير ڀاءُ کان دور رهيو. مان سندس آدرشن اڳيان نمان ٿو، جهڪان
ٿو. مٿيون تاثرج جڻ مون سمجهو، انهيءَ يادگيريءَ جي آڌار تي
ويٺو لکان.'

آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جهڙا ايماندار ماڻهو ساڳئي وقت تيز فهم
ڪي ٿورا پئدا ٿيا. جڏهين هن جهڙي مدبر بہ شري هيرانند
ڪرمچند ۾ ڪا مڻيا ڏٺي هوندي، تڏهين تہ هِنَ هُنَ جو قدر
ڪيو.

آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جي مرتيو ڪانپوءِ هڪ ميٽنگ ڪوٺائي
ويئي. شري مرارجي ڀائي صاحب ؛ چٽن اکرن ۾ چيو تہ اسانج
نيتا آچاريہ ڪڏهن ڪنهن اڳيان ڪونہ جهڪيو. جيڪي سچ
هوندو، سو ڪنهن ڪي بہ چئي ڏيندو. شايد هيءُ هڪ ئي ماڻهو
اڳيان جهڪيو، اهو هو مهاتما گانڌي.

جڏهين مون آچاريہ جي شرڌانجلي شري هيرانند ڪرمچند
جي ڪذر ڪري وڃڻ ڪانپوءِ باريڪ طرح جاچي پڙهي تہ مون
محسوس ڪيو، هن مدبر بہ گهڻو ڪجهہ شري هيرانند ۾ ڏٺو،
تہ اهڙي قسم جي شرڌانجلي شايد هيءُ پرڌان منتريءَ کي بہ
ڏئي ها.

اڳئين سال آڪٽوبر جي مهني ۾ شري هيرانند بابت هڪ
ليکہ جي روپ ۾ موڪليو جو آڪٽوبر ١ سندس جنم ڏينهن آهي
ليکہ مون ٿورو دير سان موڪليو تنهن ڪري نہ ڇپيو پر هيرانند
واسطي جيڪي اڳہ لکيو سو اڄ بہ لکندس. جيسين تائين حيات
آهيان تہ منهنجي شرڌا ۽ عزت ساڳي رهندي. سچ ڏہ دفعا لکہ
چئہ تہ تاثرج ساڳيو ٿيندو. ●

. MAH 745 TNA 3
Licenc to Post-Pre payment Licence No. 1
SINDHI TIMES
(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372/62



شري هيرانند ڪرمچند

QALAM JO SIPAHI

HIRANAND KARAMCHAND

Compiled By : HIRO THAKUR

Sindhi Times Publication

(Quartely Book Series No. 3 - 4)

July-August-September-October-November-December - 2000

Cover Designed & Printed by : Dilip Sukhnani (VISHAL ENTERPRISES), UNR - 421 004. Tel.: 529932